آفتابِ عشق

امداد فقیر

ڇپائڻ جا حق ۽ واسطا قائم

آفتاب عشق

مصنف :- دادن فقير

مرتب :- سردار الطاف حسين لاکير

ڇپائيندڙ :- سلطان فقير سولنگي

ڪاپيون هڪ هزار

قيمت :- 30 روپيه

ڇاپو :- پهريون

سال ١٩٨٩ع

هي ڪتاب توفيق آرٽ پرنٽنگ دادو پريس مان ڇپائي
سلطان فقير سولنگي شهر راڌڻ اسٽيشن مان پڌرو ڪيو.

مُصنفؔ:-

مرحوم و مغفور دادن فقير

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

عزيب شاعر جي ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ مددڪندڙ مهربان

جناب مير مُحمَّد پرهياڙ، ڊپٽي ڪمشنر دادو

جناب نظر محمد ڪلهوڙو

اڳوڻو ايس ڊي ايم ميمبر



خدا ڪري ايئن هر مفلس ۽ غريب شاعر جو
ڪلام ڪتابي صورت اختيار ڪري-
نادر علي سومرو



گل حسن جالنوري
نمائندہ
هلال پاڪستان



ميهڙ تعلقہ جو جوئُستند ۽
روشن خيال صحافي
عبدالستار ميرائيٽ

دادن فقير جي ڪلام ڪان متاثر ٿي

يوسف جي خريدارن ۾ نالو لکرائڻ جي ڪوشش

ڪئي اٿم۔

ذاڪر حسين رادڻ

ۓ نومبر ١٩٨٥ع تي منعقد ڪيل ”دادن فقير سيمينار“
جي موقعي تي سامعين ۽ چيئرمن ٽائون ڪاميٽي راڌڻ
جناب محمد ابراهيم خانزاده ، آر ڊي ايف جو نمائندو
علي انور منگي ۽ ٻيا نظر اچي رهيا آهن.



ڀرين راجا محمد زمان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي موقعي تي خاص مهمان مختيارڪار ميهڙ ارباب علي دنماري ۽ اعزازي مهمان ڳوٺ سڌار سنگت جو صدر ذاڪر حسين راڄڻ. جڏهن ته ايڪٽنگ چيئرمن ٽائون ڪاميٽي مولابخش بروهي، سيٺ ڏرمداس ۽ ٽورناميٽ سيڪريٽري هيرانند پڻ نظر اچي رهيا آهن.

دادن فقير سيمينار جي موقعي تي محفل جو صدر
۽ مرڪزي چيئرمن سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جناب
خان محمد پنهور، خاص مهمان جناب احمدشاهه استاد
بخاري، ڳوٺ سڌار سنگت راڌڻ جو صدر ذاڪرحسين
راڌڻ ۽ جنرل سيڪريٽري مهيش ڪمار چنچراڻي.



ذاڪر حسين راڄڙ، سيد جلال الدين شاهه ۽ پير رياض
علي قريشي هڪ پريس ڪانفرنس دوران
تاريخ ٢٩-٨-١٩٨٩

تعاون

جناب مير محمد بروھاڙ — ڊپٽي ڪمشنر دادو

جناب اشفاق احمد مومن — اڳوڻو ڊپٽي ڪمشنر دادو

جناب نظر محمد ڪلهوڙو — اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر دادو.

جناب محمد ابراهيم خانزادو — اڳوڻو چيئرمن ٽائون ڪاميٽي راڌڻ

جناب سيٺ ترمداس — ڪائونسلر

جناب سائين حاڪم علي گهورڙ — استاد

جناب سردار منظور علي جانوري — چيئرمن ٽائون ڪاميٽي

جناب سيٺ محمد سومر جوکيو — سماجي ڪارڪن

جناب خان محمد پنهور — مرڪزي چيئرمن سنڌ گهوٽ سڌار سنگت

جناب نادر علي سومرو — جوائنٽ سيڪريٽري گهوٽ سڌار سنگت راڌڻ ولمح

دائن فقير جي ادبي خدمت ۽

سوانح عمري

دنيا جو هر ملڪ پنهنجي مختلف روايتي تهذيب ۽ تمدن سان مالا مال آهي، انهن ۾ اسان جي سنڌ سدوري به اهڙن لافاني ۽ غير معمولي ورثن ۾ هميشه شاد و باد رهي آهي. جنهن به سطح تي انساني نگاهه پهچي ٿي ته اتي تاريخ جو ڪو نه ڪو عظيم شاهڪار چمڪندي نظر اچي ٿو.

سنڌو ڌرتي هڪ پاسي پنهنجا تاريخي يادگار ڇڏيا آهن ته ٻئي پاسي ڪيترن بهادر انسانن کي به جنم ڏنو آهي. جنهن دودي، دولهه هوشو هيمو مخدوم بلاول کي پيدا ڪيو اتي اتي ڀٽ جهڙي بادشاهه شاه عبداللطيف، سچل سائين صوفيءَ حمل بيدل بيڪس جهڙن نامور عالمن محققن اديبن ۽ شاعرن کي به جنم ڏئي علم و ادب فقه ۽ تصوف سان منور ڪيو آهي. هر صدي ڪنهن نه ڪنهن انسان جي ڪردار سان ياد ڪئي ويندي آهي. اهڙن اديبن ۽ شاعرن جي فضيلت ڪان اٺويهين صدي جو ڳاٽ به ڳرو آهي جنهن نينڊڙي ڳوٺڙي مياندار چنجڻيءَ جي ڪکائين گهر کي چمڪائي انهن هڪ مسڪين ڏٺي بخش جوڻي کي دائن جهڙو فرزند

عطا فرمايو. اهو ١٧ جنوري سال ١٩٠٩ ڪهڙو نه
سڀاڳو ڏينهن هوندو. جنهن هن قوم ۽ ڌرتيءَ کي هڪ
سنڌي سپاجهڙو اديب ۽ نامور شاعر ڏنو، ڳوٺ مياندا
چنجڻي تعلقه واره ضلع لاڙڪاڻي ۾ هن مشهور شاعر
تي اڄا به نازان آهي. دادن ابتدائي تعليم هڪ ذهين
استاد صاحب خان شاهاڻي کان ڳوٺ محراب سنديلو
۾ پرائي، جيئن ته سندس مزاج ننڍڙي هوندي عاشقاڻو
هو ان ڪري ڪيس عشق و مجاز سڏ ڪري ادبي لوليءَ
سان نڀايو. سونهن جو سيلاني ته ازلئون هو ته هنڪري
ڪيس حسن جي ڳهڙي ڳهيراءِ شاعريءَ ڏانهن مائل
ڪيو. ڪجهه وقت ڳوٺ لاءِ رائڪ جي برک عالم
فاضل ۽ شاعر حضرت نجف علي صاحب وٽ عربي ۽
فارسي پڙهي ڪيس پنهنجو رهبر استاد ۽ مرشد تسليم
ڪيو اتان علم فقه ۽ تصوف جا درس حاصل ڪري
مجاز سان محبت جون ميخون ڳنڍي فقيريءَ جو ويس
ڍڪيو. ۽ هن جي شاعري معرفت حقيقت جو رخ
اختيار ڪيو عشق رسول طرف مائل ڏسندي قوم هن کي
دادن منجهان ”دادن فقير“ سڏڻ لڳي، دادن جو مذهب
انساني محبت هيو ۽ ڏوتيئڙن جي ڏکڻ هٿائڻ خاطر
جابرن جي جبر پرواه نه ڪندي به ڪين منهن تي حق
۽ سچ چئي ڏيندو هو انهي ڪري خود داري هن جو

جڻ تہ ابدي ورثو ھو. دادن فقير سنڌي سرائڪي اردو ۽ فارسي زبان جو مڃيل شاعر لکيو ويندو ھو. مگر ھن کي سنڌي زبان سان والھانہ محبت ھوندي ھئي ھن جو ڪلام غزل ڪافي ڏوھيڙي جو بيت مناجات، مولود ۾ ملي ٿو. مھارت تہ ھر صنف ۾ رکندڙ ھو مگر غزل ۽ ڏوھيڙي جو بادشاھ سمجھيو ويندو ھو. سندس شاعري اندر وزن جي پختگي، تسلسل، تلفظ ۽ تخيل جي اوچي پرواز نظر ايندي آھي اھوئي سبب آھي جو اڄ پڙھيل انسان بہ ڪنھن محفل ۾ ڪنھن سريلي فنڪار کان اجا ڪلام جو مطلع ٻڌندو تہ سمجھي ويندو آھي تہ اھو ڪلام چوڏھين صدي جي بادشاھ شاعر دادن جو آھي ھن جو فن شاعري تائين ڪونھي مگر ھڪ باصلاحيت اديب فنڪار ۽ موسيقار پڻ آھي سندس چيل ڪلام مان ادب جي خوشبوءِ اچا بہ ايندي آھي ثابت ٿو ٿئي تہ ھي ھڪ اديب آھي.

سندس فني صحبت سڻ فنڪارن ۽ موسيقارن سان سان ھئڻ ڪري ھن سٺو فن حاصل ڪيو. موسيقيءَ ۾ باجي ۽ يڪتاري جھڙي ڏکئي ساز وڄائڻ ۾ بہ ڪيس بھتر عبور رھيو، سندس موسيقي واريون محفلون جن جن ٻڌيون ٿن جو آواز گواھ آھي تہ دادن فقير جي حالانڪ آواز ۾ ميٺاج ڪو نہ ھو باقي جيڪا راڳڻي

ڳائيندو هو ان جي هرعمل ۾ راڳ جي اصول تحت پورو لهائيندو هو هڪ انسان هڪ ذات جو ڏلي ٿي سگهي ٿو مگر هن تي اهي حضرت عشق جا ٿورا هئا جو هن کي جملي مٿيون ڏاتيون سونپي هڪ مشهور ڏاتار بڻايو.

دادن فقير درس و تدريس حاصل ڪرڻ بعد جواني جا ٢٣ بهار شهر نصير آباد جي حوالي ڪيا تنهن بعد باقي زندگيءَ جا ڏهاڙا راڌڻ اسٽيشن تعلقه ميهڙ ضلع دادو ۾ بسر ڪيا. سندس همعصر شاعرن ۾ سائين حافظ محمد احسن چنا صاحب، استاد احمد خان آصف صاحب الهه ورايو مسرور خادم لاڙڪاڻوي، رئيس خدابخش خادم ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا. ٻچاڙيءَ سندس ادبي فيض جو دريا لبريز هيو جنهن حمزه علي مولائي، بسمل راڌڻائي شبل گوپانگ ۽ گل حسن شاد گوپانگ جهڙا مشهور شاعر مستفيض ٿيا. ان کان علاوه دادن فقير محفلن جو مور ڪچهرين جو ڪوڏيو هو، سندس ڪچهرين جا ساٿي اسحاق راهي، ناظم منگي، بسمل راڌڻائي اڄ جا وڻندڙ شاعر لکيا پيا وڃن. هي هڪ ماڻهو ڪاڻو محبوب ۽ بنده نواز انسان هو، انساني خدمت سندس پيشو هو انهيءَ ڪري هن خطي جا رهاڪو سندس عزت ڪندا هئا، اڄ به علم موسيقي ۾ هن پنهنجو

شاگرد سلطان فقير پنهان ڇڏيو آهي. جو سنڌس فن و ادب لاءِ چراغ جو ڪم ڏئي ٿو، هن ڪتاب ”آفتاب عشق“ لاءِ شهرين سان گڏ سنڌس شاگرد سلطان فقير جي جاکوڙ کي به نه وساربو. جنهن هن هن وٽان حاصل ڪري ڇپائي تي ڪافي خرچ به ڪيو آهي جو اڄ اوهان جي هٿڙن ۾ دادن فقير جون خدمتون ورجائي رهيو آهي. آخر فنا فاني آهي جنهن کي بقا پنهنجي آغوش ۾ ويهاري سنڌس يادون متائي ڇڏيندي آهي. آخرڪار دادن فقير کي به موت نه بخشيو. هي نامور شاعر ڪجهه وقت علالت ۾ رهڻ بعد ۹ آڪٽومبر ۱۹۷۹ع تي پنهنجي آخري آرامگاه ۾ فنا جو پوش پائي هميشه لاءِ اسان کان جدا ٿي وڃي تنها ٿيو. مگر سنڌس ادبي خدمتون ۽ موسيقيءَ جو فن جيڪو لافاني آهي اهو اسان سان تاقيامت گڏ هوندو هينئر سنڌس مزار گهڙي واري مقام راڌڻ اسٽيشن تي واقع آهي.

هن جي وفات ڪانپوءِ راڌڻ جي باشعور طبقي هڪ ادبي تنظيم ٺاهي آهي جيڪا سنڌس نالي ”دادن ميموريل ڪاميٽي“ سان وابسته آهي. هن ادبي تنظيم پاران ڪجهه ادبي محفلون ڪرايون ويون آهن، سنڌس شهرين سان وفاداري هٿ ڪري سنڌس نالي تي دادن شاپنگ سينٽر ٺهرائي تازو نالو اجاگر ڪيو آهي.

ماڻهون سپ نه سهٽا پکي سپ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي (شاهه)

ناظم منگي

پيغام

سماجي ڀلائيءَ جي ڪم ۾ راڊڪ اسٽيشن جا
جوان اڳيرا آهن- خاص ڪري ڳوٺ
سڌار وارن جون هن امر شاعر جي
ڪلام ڇپرائڻ لاءِ ڪوششون
قابل داد آهن- ٻين نوجوانن
ٻارن ۽ ٻڪن ٻوڙهن کي
به اهڙي ڪم ۾ اڳتي
نڪري اچڻ گهرجي

مير محمد پرهياڙ
ڊپٽي ڪمشنر دادو.

پيغام

منهنجي قلم ۾ ايتري طاقت ڪٿي جو هن عظيم هستيءَ تي لکي ۽ جي لکڻ لکي ته ايترا پنا ڪٿان اچن، اهو عقل ڪٿان اچي ۽ هوش ڪٿان اچي. صرف ايترو چوندس ته هو لافاني ۽ لاثاني آهي.

ممتاز علي سومرو

اڳوڻو جنرل سيڪريٽري گهوٽ سدار سنگت

راڌڻ اسٽيشن

پيغام

عام ماڻهوءَ جي دلين تي اثر انداز ٿيڻ جذبات اپارڻ ۽ نصيحتن جي لحاظ کان سنڌ جو ڏڏن فقير لاثاني هو.

حليم باغي!

مون کي ان شاعر جي ڪلام تي لکڻ لاءِ چيو ويو آهي جو منهنجا هٿ ٿا ڏڪن. مان رکهو ايترو چوندس ته هو پنهنجي هر عصرن ۾ بلند ترين مقام جو مالڪ هو.

گل حسن جانوري صحافي

پيغام

هڪ مفڪر جو قول آهي ته هڪ مصروف ماڻهوءَ کي گهوڙن ڪلاڪن جو وقت به ڪين هوندو آهي- اڪري سني سوشل ورڪر لاءِ چئبو ته هو ٻين لاءِ وقت ڪيئن تو رکي- ۽ ڀلائي جا ڪم ڪرڻ ۾ ڪوشان آهي- گهوٽ سدار سنگت راڻ جون دادن فقير جي ڪتاب لاءِ ڪوششون ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿيون.

نظر محمد لغاري

SDM ميهڙ

پيغام

دادن فقير هڪ عظيم شاعر هو مان لاءِ ايترو ته چئبو ته هو چوڏهين صديءَ جو چوڏهينءَ جو چنڊ هو.

محمد باغ علي سهاڳ

ڊسٽرڪٽ پراجيڪٽ مئنيجر

تعليم روشني اسڪول دادو.

پيغام

اهڙي عظيم شاعر جو ڪلام نه ڇپجڻ باعث غم هيو ۽ ڇپائيءَ لاءِ ڪوششون باعث مسرت ان ڪار خير ۾ في الحال آءٌ ۲۰۰۰ روپيه ڏيان ٿو ۽ پوءِ به ڳوٺ سدار سنگت جي سڏ سان سڏ ڏيندس.

اشفاق احمد ميمڻ

اڪيوٽو ڊپٽي ڪمشنر دادو

پيغام

اهو بيحد نهايت ئي خوشي، ٿيم جو عوامي شاعر ۽ مشهور لوڪ فنڪار مرحوم دادن فقير جو ڪلام ڇپرائڻ لاءِ ڳوٺ سدار سنگت ڪوشان آهي ۽ اهو توفيق پرنٽنگ پريس ۾ ڇپائيءَ هيٺ آهي.

نظر محمد ڪلهوڙو

S.D.M ميهڙ

ٻه اکر

ساٿيون ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا اهي جيڪي ڪو اهم ڪارنامو يا ڪم سرانجام ڪري نه سگهندا آهن انڪري اهي پنهنجو موت مرندا آهن يعني اهي مرڻ کان پوءِ به ياد نه ڪيا ويندا آهن.

ٻيا ساٿيون اهي آهن جيڪي سالن ۽ صدين تائين ياد ڪيا ويندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي خراب ڪم ڪري نفرت جي نگاهه سان ۽ ٻيا اهي جيڪي پنهنجي ڪارنامن ڪري ۽ ڪاوشن ڪري عزت جي نگاهه سان.

مرحوم دادن فقير جو واسطو ٻئي قسم جي ٻئي نموني سان هو. اها خبر تڏهن پئي جڏهن سنڌ شاگرد ۽ ٽي وي فنڪار سلطان فقير سنڌي ڪلام ڳائيندڙ ۽ سنڌي فولو سنڌ الاجي ۾ ڏٺو. هن عظيم هستيءَ جي مڃتا طور تي ڳوٺ سڌار سنگت راڌڻ I. 5 نومبر 1985ع تي هڪ عظيم الشان سيمينار ڪرايو جنهن جي صدارت مرڪزي چيئرمين سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جناب خان محمد پنهور ڪئي ۽ خاص مهمان منهنجو محسن ۽ استاد عزت ماب جناب احمد شاهه "استاد بخاري" هو.

٢- راڌڻ جي سماجي ڪارڪن محترم غلام اڪبر سولنگيءَ جي سهڪار سان راڌڻ جي شيد اتحاد سطح

۾ هڪ مسجد اسڪول سنڌس (دادن فقير جيَ) ٺاهي
پئي ان ٺهرايو ويو جهن جو افتتاح ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽ
مسجد اسڪول دادو جناب ڪمال الدين سولنگي جن
ڪيو.
٣- سنڌس اعلى ڪلام کي ڇپائڻ جو ڪم هٿ
۾ ڪنيو ويو جيڪو اوهانجي هٿن ۾ آهي.
ٽائون ڪاميٽي راڌڻ اسٽيشن سنڌس نالي پئي ان هڪ
شاپنگ سينٽر تعمير ڪرايو جنهن جو افتتاح قومي اسيمبلي
جي ميمبر جناب عبدالحميد خان جتوئي ڪيو.
سنڌس ڪلام تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته
انهي درياهه جهڙي رواني، سمنڊ جهڙي گهرائي ۽ جبل
جيڏي حوصلي افزائي آهي. انهي فصاحت، بلاغت، سلاست
جدت، تشبيهن، استعارن، تجنيسن ۽ نصيحتن جا خزانا
ڪوهه ۽ ڪاٿيون آهن. انجو هر حرف علم جو گوهر
آهي ۽ هر سٽ هڪ عظيم درسگاه. انڪري سنڌس
ڪلام جو ته ڇپجڻ تمام وڏي سٽي هئي ۽ اهڙي
ڇپائي تمام وڏو ڪارنامو.
جس هجي سلطان فقير کي جنهن اهو ڪلام محفوظ
ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪتاب جي ڇپائي جو اڌ کان
وڌيڪ خرچ برداشت ڪيو. هن سلسلي ۾ اڳوڻي ڊپٽي
ڪمشنر جناب اشفاق احمد ميمڻ جو خصوصي ٿورو مڃڻ

كان رهي نتو سكهجي منهن كوٽ سدار سنگت كي ٢٠٠٠ روپيه امداد ڏني.

ذاكر حسين راڄڙ

صدر

كوٽ سدار سنگت

راڄڙ وليج ضلع دادو

سنڌ.

علي انور منگي

سينئر صحافي ۽ سماجي وركر

۽ ميمبر ضلع سوشل ويلفيئر كميٽي

دادو

بسم الله الرحمان الرحيم

اي ملڪ جا مالڪ هي مون کي معاف خطا ڪر
بس پنهنجي محبت جي ڪا ادراڪ عطا ڪر
منزل ڪان فنا جي مون کي نزديڪ بقا ڪر
مخلوق جي خالق سڀ مشڪل کي رها ڪر
هر جاءِ ۾ هر رنگ ۾ هر هنڌ وسين تو
توڻ پانهنجي قدرت کي پيو پاڻ پسين تو
سمجهان ٿو سوا تنهنجي بقا ڪي نه بنا مان
آئون ٿيان تنهنجي محبت ۾ فنا مان
شب روز ڪيان بس نه ڪيان تنهنجي ثنا مان
پر پورا ڪندس ڪين الڪي شان بنا مان
توڻ رب انسان انس جا هستي آ انسان جي
دنيا ۾ گهڙيون چار هي وستي آ انسان جي
تعريف جي لائق آ وڏا تنهنجي ذاتي
هر طرف سندءِ آهي بي پايان بڻائي
اعدا ڪان نبي عيسيٰ جي عزت تو بچائي
يوسف جي وڏي مصر ۾ قيمت تو ڪرائي
فرعون کي موسيٰ جي هٿان مات ڪيو تو
نمرود جو گر لات و منات ڪيو تو

ڇا ڇا ساڻ ثنا تنهنجي ڪريان خالق و اڪبر
آ راز خفي تنهنجو عجب والي مظهر
ڪر ڪٿهن تي ٿئين راضي ته بي پرو ڪي ڏئين پر
بيشڪ آ وڏي هستي سنده خالق جا پرور
سرڪار اڪيان تنهنجي بي سرڪار زندو آ
ساڻ دل تو ڏيان تو ڪي تون دل وٽ ته ديرو آ
دنيا جي زماني کي تو رنگين بنايو
سبحان عجب تو هي پنهنجو سير ڪرايو
ڪر تنهنجو ڪنهين کي نه ڪڏهن سمجهه ۾ آيو
وري ٿوڙ جي اي نيڪ تو آ عرش اڏايو
اظهار وري حسن جو گلزار ڪيو تو
ڪو ڪنهنجو نه ڪو ڪنهنجو دلي يار ڪيو تو
ڪس امتجي روشن سنهنجي نه ڪر پنهنجي عنايت
غالب نه رهي مون تي عدون جي عداوت
رک منهنجا خدا سنهنجو سدا عشق سلامت
هن حال جي معلوم آ تو کي ٿي حڪايت
"دادن" کي فقط آسرو تنهنجو ٿي خدايا
تون بخش مون عيبن ۾ گهڻا وقت وڃايا

باري تعاليٰ جي شان ۾

١— آداب ساڻ الله کي اعمال ادا ڪر
هوشيار ٿي هت پنهنجو خيالات خدا ڪر

هو ناهہ جدا تۇ کان تون هنکي نہ جدا ڪر
ونحن جو وفادار سخن ياد سدا ڪر
پل ڪين پلين چو تو پلڻ ڪم نہ پان جو
ميدان ملهائج هي آ ميدان ملهڻ جو

٢- ڏون عرش جو ساڪن تي ڪري فرش تي آئين
هن خاڪ جي پتلي ۾ عبادت لئہ سمائين
ڏون پاڻ تو پنهنجو هي هتان وقت وڃائين
سو تو کي ملڻ ساهہ جي هڪ ساهہ سهائين
هت ساهہ جي سوداگري درڪار رکي آ
پرواهہ نہ آ ڪشتي اسان پار رکي آ

٣- ڪتي آهہ سليمان ڪتي آهي سڪندر
ڪتي آهہ زبردست هو پهلوان پلنگر
ڪتي آهہ اهو دور درخشان بدر بر
گهر سڀ جو ٿيو نيست وڃي عرض جو اندر
سنسار خبردار اٿئي دم جو نڪاڻو
دک درد ۽ تڪليف الم غم جو نڪاڻو

٤- حق پاڪ زبردست جو سڏ نيسٿ تہ ٿيندو
سو سور پيو پنهنجا تہ هرڪو ئي پٽيندو
بس ياءُ سڳو ياءُ جي پرساڻ نہ ويندو
ڪم جيڪي ڪيان تو سي ڪڏهن ڪين ڇڏيندو
سر ساهہ گهري ڪاج تو گهل موت جو گهوڙو
ڏسنداسين ڪين سان پيا هڪٻئي جو وڇوڙو

۵- دنيا جي مزي موهَ لکين مرد منجهايا
ڏٺي ميٺ هٺي هيٺ گجر گير گنوايا
هيڏانهن زيا جي وري هوڏانهن نہ آيا
آهين هتي رمز جا عنوان آجايا
هرڪنهن جي اڳي پوءِ جڳهہ جاءِ قبر آ
اڄ مرجي صبح مرجي ادا ڪهڙي خبر آ

۶- خود ذات الاهي جو عجب عار تئي تو ۾
هوشيار تي غفار جو ديدار تئي تو ۾
سو وار خودي مار پيو اسرار تئي تو ۾
رزاق جي ڳجهہ راز جو انوار تئي تو ۾
تو ۾ تئي خبردار نفي نور جو تجلو
موسيٰ جي جبل وصف ڪيل طور جو تجلو

۷- "دادن" تون وسارج نہ حق خالق و اڪبر
ذيشان درخشان سچي ڏيهہ جو ڏاتر
طئہ ڪرڻو اڳيان آهي قيامت جو وڏو بر
هڪ گرم زمين زرد پيو تلوار جو سنتر
ارمان اِهو آهي جو هن دور فنا ۾
تي وقت گذر مفت ويو دنيا جي ثنا ۾

غـــزل

جو بر عرش بريں آهي سو خود اهل زمين آهي
جو آهي لامڪان سو دل جي ڪعبي جو مڪين آهي

۱- پري ڀانهي ڪان ناهي هو هميشه همنشين آهي
سميع ۽ بصير آهي هو داور دانا بين آهي

۲- اي همت وارا چو اڄ تنهنجي همت نڪتچين آهي
در اغيار سجده ۾ جهڪيل تنهنجي جبين آهي

۳- اهو ڪم چو ڪري عاقل جو بلڪل بدترين آهي
سڄاتو جن خدا پنهنجو انهن ڪي آفرين آهي

۴- سندس رحمت جو دريا جوش ۾ ايندو جڏهن "دادن"
گنهگارن کي بخشيندو اهو دل کي يقين آهي

توحيد

اي منهنجا خدا تون شاهه و گدا
يڪسان ڪرين ته ڪري تو سگهين

تون ڪنهن به غريب کي سات ڏئي
سلطان ڪرين ته ڪري تو سگهين

۱- تون هڪ دم ٿوري هوا سئون وڏو
طوفان ڪرين ته ڪري تو سگهين

تون حشر جو برپا اڄ ئي اگر
ميدان ڪرين ته ڪري تو سگهين

۲- تون حاڪم کي هڪ نوڪر جو
دربان ڪرين ته ڪري تو سگهين

ڪنهن پينگي سڄي مفلس ۽ ڪهي ڏي
خان ڪرين ته ڪري تو سگهين

٣- حڪمت ۾ حڪيمن جي تہ اِها
طاقت آ ائين اي منهنجا خدا
تون ڪنهن بہ ڪراڙي ماڻهوءَ کي
نوجوان ڪرين تہ ڪري تو سگهين

٤- تون ڪيڏي بہ مشڪل "دادن" جي
آسان ڪرين تہ ڪري تُون سگهين
گهر دادن جي محبوب سند س
مهمان ڪرين تہ ڪري تو سگهين

معراج نامو (مسدس)

١- تيندو تہ ادا شان محمد جو چوڻ ۾
طاقت آ قلم کي جو ڪري ختم لکڻ ۾
باطن ۾ هيو نور ۽ آدم هو ڏسڻ ۾
ازغيب ڪان اج آئي آواز ٻڌڻ ۾
بر پشت براق عرش ڏي سردار وڃي تو
معراج تي اج مصطفيٰ مهندار وڃي تو

٢- وڃ هيٺ لهي جلد تيو حڪم وحيءَ کي
مهمان آ اج منهنجو وڃي آ تون نبي کي
دعوت ڏي وڃي منهنجي سردار سخي کي
بس کولڻو هن ساڻ آ ڪنهن راز خفي کي
اج آه ارادو تہ هو مهمان اچي ٿي
پردو نہ رهي پاڻ ۾ يڪسان اچي ٿي

٣- وڃ مون ڏي سگهو سيد سرور کي وٺي آ
محبوب مٺي روءِ منور کي وٺي آ
گهر منهنجي ۾ اڄ پياري پيمبر کي وٺي آ
بر عرش و الئي ڪوثر ڪي وني آ
آ ننڍ ۾ سردار تون جاڳاءِ ادب سان
خدمت ۾ نبي پاڪ جي ڳالهاءِ ادب سان

۴- وڃ منهنجو پرين کي اهو پيغام وڃي ڏي
اڄ راز آهي ڪولبا اڳ مخفي هيا جي
جبريل پڏي حڪم لهي آيو زمين تي
ان وقت لکن تا نہ هو آرام نبي کي
جبريل محمد کي ادب سان اٿاريو
جبريل ڏي سردار ڪٿي نيڻ نهاريو

۵- جبريل ڪيو عرض اٿو ختم نبوت
اڄ عرش معليٰ تي آ الله جي دعوت
حاصل نہ اِها ڪنهن بہ پيغمبر کي تي عزت
معبود کي تي تنهنجي ملڻ جي آ محبت
خدمت ۾ براق آهي سڄڻ تنهنجي سواري
تون آهين سوار ۽ مان متا آهيان مهاري

۶- بر پشت براق عرش ڏي سردار چڙهي پيو
الله ڏي الله جو دلدار چڙهي پيو
معراج تي اڄ مصطفيٰ مهدار چڙهي پيو
سالار سوا لک جو پڳدار چڙهي پيو

عرش جا ستئي ان گهڙي دروازا کلي پيا
خوشبوء جا سچي ملڪ ۾ هڳسان هلي ويا
٨- عيسيٰ کي چيو موليٰ ته هوشيار اي عيسيٰ
تعظيم ڪرڻ لاء تي تيار اي عيسيٰ
مون ڏي تو اچي سيد سردار اي عيسيٰ
ڪر منهنجي پرين پياري جو ديدار اي عيسيٰ
هن وقت اجهو نور اچڻ وارو اٿيئي
گهر منهنجي ۾ مهمان تيڻ وارو اٿيئي
٨- حورن کي تيو حڪم ته صورت کي سينگاريو
هڪ ٻئي کي قطارن ۾ ڪري سهڻو سنواريو
صورت ڏي محمد جي ادب ساڻ نهاريو
جنهن وقت ﷺ اچي صلواة پڪاريو
گهر منهنجي ۾ اڄ منهنجو هو محبوب اچي ٿو
طالب کي ملڻ عرش تي مطلوب اچي ٿو
٩- پهتو آ جڏهن چوٿين فلڪ تي وچي حضرت
پيدا تي وئي سيني نبين ۾ مسرت
حيران تيا هيڏي ڏسي عربي جي عظمت
سيني ڪان وڌ تي سيد سردار جي سبقت
عيسيٰ ؏ پيا آنبيا ديدار لئه آيا
تعظيم ڪرڻ خدمت سردار لئه آيا
١٠- جنت ۾ جڏهن آئيو مهمان خدا جو
ادريس ڏٺو نور درخشان خدا جو

معراج جي تياري (دادن جي تخيل)

مٺي مرسل سندي معراج تي اڄ رات تياري آ
وٺي جبريل جنت مان آندي سالم سواري آ
١- فرشتن جون صفون سالم لڳي ويون حرم جي اڳيان
و ليڪن وقت ان شيطان کي ٿي شرمساري آ
٢- ڪري بيدار سرور کان پڇو روح الامين چا ٿئي
هلو حضرت سندي مولا ڪئي مهمانداري آ
٣- ڏسي عيسيٰ عجب ۾ پيو فلڪ چوٿون ويس وسري
چيو سبحان اڄ مولي ٿئين قدرت ڏيکاري آ
٤- جڏهن داخل ٿيو جنت، ٿيون حيران سڀ حوروں
چون بيشڪ جهلڪ تو ۾ الاهي نور واري آ
٥- جڏهن تشريف فرما ٿيو مٿي عرش معلي تي
اجهامي ويا سيئي دوزخ بهشتن ۾ بهاري آ
٦- چيو چا ذات خالق جي اي عربي دلربا جنهن کي
وڻائين يا چڏائين ڪل اوهان جي اختياري آ
٧- ڏسي "دادن" محمد سان خدا جو پيار چئجي تو
ڪٿي عيسيٰ ڪٿي موسيٰ ڪٿي يحييٰ جي ياري آ

نعت رسول

محشر ۾ وجهو شافيء محشر جي سامهون
سردار پاڪ مصطفيٰ اطهر جي سامهون

هر هر پيو چئي آهي ٿيو احسان خدا جو
هن جو آ سيئي جيڪو آسامان خدا جو
سڀ شڪل نبي ڪيڏسي حيران ٿيون حورون
صدبار پئي پيزار تان قربان ٿيون حورون
۱۱- حورون پيون چون سيد سالار اچي ويو
جو سٽنديون هيونسين اهو سردار اچي ويو
همدرد يتيمن جو سچو يار اچي ويو
محبوب خدا مصطفيٰ مهدار اچي ويو
جبريل به وچ تائين وري آئيو موٽي
ٿي ارڙهه ورهه رات ملاقات جي چوٽي
۱۲- دربار جي نزديڪ جتي لاٿي پئي سرور
ٿيو پردي منجهان حڪم جتي لاهه نه دلبر
محجوب نه ٿي منهنجا اي محبوب منور
سڀ تنهنجيمون دعوت ۾ هتي آهيڪيو محضر
گهر تمهنجو آ تون آءُ جتي ساڻ پيارا
دعوت تون اچي کاءُ پلي منهنجي پيارا
۱۳- ٿيو عبد ۽ احدي جو ذرا ڪو نه تفاوت
بس "ذادنا" ٿي نور سان ويو نور ملاوت
ڪيڏي نه عطا ٿي وئي سيد کي سعادت
عربي جي حوالي ڪئي خدا پنهنجي ارادت
جو پردو هيو وچ ۾ اهو پردو کڃي ويو
طرفين ڏهون ڪوٽ حجابن جو پڇي پيو

۱- انسان تي ڪري ٿا ڪيون ڪھڙا ڪم خراب
منھن ڪھڙو ڪڍبو خالق اڪبر جي سامھون
۲- پيغمبري ۾ حسن ۾ القاب شان ۾
يوسف لڳي چا منھنجي پيغمبر جي سامھون
۳- ”دادن“ خدا ڪري مان مديني وڃي مران
ٿئي منھنجي قبر روضي منور جي سامھون

نعت رسول

ﷺ اسان لئہ پيغمبر ٿي آيو
حقيقت جو حضرت سمندر ٿي آيو
۱- بڌون ٿا تہ موسيٰ ھيو دوست حق جو
مگر ھي تہ داور جو دلبر ٿي آيو
۲- شريعت ڪنان ٿو ڏڄان نہ تہ چوان آءٌ
نبي پاڪ الله اڪبر ٿي آيو
۳- سندس آل مان مرد فياض ”دادن“
ڪو چشتي بلاڪو قلندر ٿي آيو

نعت رسول

يا رسول الله چنڊ ديدار جون ڪوائي دريون
پرجھلا توکي ڏسي آجيون ٿين عيبن پريون
۱- توکي ڏسڻو آ ڪنھين کي عشق جي اکسان ڏسي
چاڏسي سگھنديون سڄڻ توکي انڌيون ان جون ڇريون

٢- ٿيا شڪي شمس و قمر تارا ڪتيون تيڙو ٽنگڙ
حسن تنهنجي کي ڏسي حيران ٿيون حورون پريون
٣- سرمو پاڻ طور سينا جو پي اکڙين ۾ مگر
خاڪ پاڻ تنهنجي در جي تڏهن تا اکڙيون ٺريون
٤- آه بي ادبي چمڻ ۾ تنهنجي پيرن جون پنيون
چپ مٿان ٿين پيرهيئان تنهنڪري چمجن ترڙيون
٥- يا رسول الله ڪر تون درد "دادن" جادفع
تون ڪرين جنهن تي نظر ٿين بي خطر ڪو ٿيون ٺريون
٦- يا رسول الله مان تو سان مديني ۾ اچي
روبرو ڪولي ڪندس آهن ڳجهيون ڳالهيون ڳريون

مخمس سرور ڪائنات

سڀوري شهر مڪي ۾ سچو سردار پيدا ٿيو
شفيع المذنبين سيد مٺو مهدار پيدا ٿيو
١- سڀني عالم جو سرور پيشوا سالار پيدا ٿيو
اسان پارن گنهگارن سندو غمخوار پيدا ٿيو
پڇاڙي وقت امت جو آڌار پيدا ٿيو
ربيع اول جي ٻارهين احمد مختار پيدا ٿيو
سعادت مند محبوب خدا مختار پيدا ٿيو
٦- لهي آيا ستارا نوري عبدالله جي گهر ۾
آيا بيٺا ملائڪ منتظر ڪوئي پيغمبر ۾
وجهن پيون هار حورون آمنه کي حال خوشتر ۾

خوشي ٿي آسمان ۾ ۽ زمين ۾ بحر ۾ بر ۾
پيارو رب جو اطهر نبي نروار پيدا ٿيو

٣- خضر الياس يونس عيسيٰ آيا خاص خدمت ۾
ٿيو اُميدوار آدم پيءُ خود حضرت جي شفقت ۾
وسامي باهه وئي دوزخ جي ٿي وئي عيد جنت ۾
چوي هر هر پئي دائي حليما پنهنجي حيرت ۾
اکيُ منهنجي هتن ۾ هيئن نه ههڙو ٻار پيدا ٿيو

٤- ٿي ڳايا سهرا حورن ۽ وحي جهولو جهلايو ٿي
مبارڪباد جو هر طرف کان آواز آيو ٿي
نبين سيني اي "دادن" ادب کان سر جهڪايو ٿي
ابوجهل ۽ پين هڪ ٻئي کي ڪنڌ سنڌ ۾ ٻڌايو ٿي
هي عبدالله جو پٽ غالب ڪفار پيدا ٿيو

نعت سرور ڪونين

خدارا ڪر مدد منهنجي محمد مصطفيٰ مدني
پهاڙن ۾ پيو آهيان ٿي پيڙو پرجهلا مدني

١- مان تنهنجو امتي بدڪار آهيان اي مٺا مدني
مدد گار آهي منهنجو ڪو نه ڪو تو کان سوا مدني
ڪري مونتي گناهن جا پهاڙ آهن پيا مدني

٢- خدا کي راضي ڪر منهنجي مٿان بحر خدا مدني
خدا جي سا رضا آهي جا تنهنجي آ رضا مدني
خدا جو خاص آهين تون ۽ تنهنجو آ خدا مدني

٣- مريض آهيان گناهن جو مان لاغر لا دوا مدني
شفا منهنجي لئہ ڪافي تنهنجو آ دارالشفا مدني
نظر تنهنجي آ منهنجي ڪان دوا مدني دعا مدني
٤- نڪي تارو نڪي ترهو نڪي سيٺاهہ ساڻ آهي
نڪو سنگتي نڪو ساٿي فقط بس پنهنجو پاڻ آهي
ڏئي هٿ ٻاجهہ جا هن پار ڪر خيرالوريٰ مدني
٥- ٿيا درخت بہ اي شاهد نبي تنهنجي نبوت جا
پڙهيو جن توتي ڪلمو تن کي ملي ويا جام جنت جا
تون آهين رحمت اللعالمين اي دلربا مدني
٦- نہ هڪ "دادن" شفاعت تنهنجي ۾ اميدوار آهي
مگر هر امتي ڪهڙو پيو تو وٽ عرضدار آهي
سڀن جو تو ۾ آهي آسرو نورالهديٰ مدني

نعت بحضور صلعم

ناشاد مصطفيٰ ڏ ن دلشاد بنجي آيو
برباد جو هيو سو آباد بڻجي آيو

١- موصوف هر صفت آ سردار مرسلن جو
هر عيب کان محمد آزاد بڻجي آيو
٢- آدم کان ابتدا ۾ مظهر هيو محمد
آدم جو بعد ۾ هي اولاد بڻجي آيو
٣- خيرالنسا جو بابو حسنين جو آ نانو
مشڪلڪشا سندس جو داماد بڻجي آيو

٤- امي نہ ڇئہ نبيءَ ڪي شاگرد آخدا جو
دنيا جي عالمن جو استاد بڻجي آيـو
٥- آڌار عاصين جو مهندار بيڪسن جو
بيداد جو اي "دادن" هيءَ داد بڻجي آيو

مربع ثناء (محمد عليه السلام)

اسان جي واسطي آهي شفا خانو محمد جو
ڪلي ويو آه رندن لئہ مئہ خانو محمد جو
١- مون پيتو آهہ پر مئہ وارو پيمانو محمد جو
نہ تيندو حشر ۾ مئہ نوش بيگانو محمد جو
لڳو پيو يادگيرو آهہ روزانو محمد جو
فقط پنهنجي زبان تي آهي افسانو محمد جو
٢- مديني ۾ وڃي مان نوڪري ڏيان شاهہ شاهان جي
بهاريان خاڪ ڏاڙهيءَ سان سندس روضہ جي ايوان جي
نہ مستانپ ۾ مونسان آهہ حاجت ڪا زليخان جي
هو مستاني آ يوسف جي مان مستانو محمد جو
٣- محمد جي محبت ديس ۾ پرديس ۾ آهي
طبع خوش مارئي وانگي ڪتي ۾ ڪيس ۾ آهي
نہ هيئن ديوانگي مون وانگي مجنون ڪيس ۾ آهي
هو ديوانو آ ليلان جو مان ديوانو محمد جو
٤- نہ ڪنهن پي امتي ڪي حشر ۾ حضرت وساريندو
وٺي نالو مگر هڪ هڪ ڪري حضرت پڪاريندو

اي "دادن" حوض ڪوثر جا پري پيالا پياريندو
وساريو ڪين احسانو مسلمانو محمد جو

نعت رسول

رتبي ڪان مصطفيٰ جي ڪو برتر نہ ٿي سگھيو
مهمان عرش تي ٻيو پيغمبر نہ ٿي سگھيو

١- معراج واري رات هو الله ميزبان
اعزاز ۾ هو ڇا جو ميسر نہ ٿي سگھيو

٢- يوسف حسين ڪيڏو ٻـہ آهي اگر مگر
حضرت جي حسن پاڪ جو همسر نہ ٿي سگھيو

٣- دشمن سان ٻي پلايون پلارو ڪندو رهيو
ناراض ڪنهن تي سيدِ سرور نہ ٿي سگھيو

٤- آ بوريا نشين شهنشاهہِ دو جهان
دنيا ۾ هيئن ڪو دين جو رهبر نہ ٿي سگھيو

٥- مصري ۽ ماکي ڇا لڳي لب جي لعاب سان
ثاني پکھر جو عطر ۽ عنبر نہ ٿي سگھيو

٦- لکندي ثنا نبي جي اچي عمر ٿي تمام
"دادن" ڪان پورو شان ۾ دفتر نہ ٿي سگھيو

شان محمد مصطفيٰ

مران دم ڏئي شل پڪاري محمد
وهان ڪيئن وسيلو وساري محمد

١- قطب غوث هڪدم وڃي چو نہ بنجي
فقط جنهن ڏي تورو نهاري محمد
٢- سڏي حوض ڪوثر جو هر هڪ کي هٿ سان
پيالو ڇڏيندو پياري محمد
٣- ڪريون ليڙيون لهريون ءِ شينهن جون مائون
پهاڙن ۾ پڪريون پيو چاري محمد
٤- خدا پيي انهيءَ کي ڏڪاري ڇڏي ٿو
اي "دادن" ٿو جنهن کي ڏڪاري محمد

نعت رسول

سوداءِ نہ مون کي آهي ڪو سروئي چمن جو
مان شيداء آهيان قد رسول مدني جو
١- حضرت جا نمايان ڏسي دندان مبارڪ
ٿي رنگ ڪجل ويو عقيقي يمني جو
٢- ڇا قيس کي نسبت اويس ڪرني سان
ليلا جو هو عاشق هي رسول مدني جو
٣- مرڪڻ سان محمد جي تجلات ٿي اهڙي
جلوو نہ رهيو "دادن" در عدني جو

نعت حضرت محمد مصطفيٰ

التجا منهنجي مٿا يا مصطفيٰ منظور ڪر
قلب روشن ڪر ولين دور هي ديجور ڪر

١ - امن پنهنجي سان نبي ويري سيئي وهلور ڪر
مهر شفقت ساڻ منهنجوءِ من گهڻو مسرور ڪر
٢- رعب آتش ڪر سندم دشمن سندم ڪافور ڪر
جي قرن مونڊانهن تنجي چيلهه چڪناچور ڪر
٣- عشق ذاتي ساڻ مونکي پرجهلا پرپور ڪر
طور ڪر سينو سندم ۽ دل چراغ طور ڪر
٤- متجبي "دادن" گدا مجبور کي مشڪور ڪر
درد غم الزام عصيانه پيغمبر دور ڪر

نعت شريف

پڏوسون ڪو نه ڪو ڪاٿهن ﷺ مصطفيٰ جهڙو
ڏٺوسون ڏيهه ساري ۾ نه عربي دلربا جهڙو
١- حبيب آهي نه ڪنهنجو ڪو حبيب ڪبريا جهڙو
ٿيو ڪو انبيا اڳ ۾ نه فخر انبيا جهڙو
نه والد آهي ڪنهنجو والد خيرالنسا جهڙو
٢- نه محبوب آهي دنيا ۾ ڪو محبوب خدا جهڙو
نه ٿيو ڪو آه سهڻو سهڻي احمد مجتبيٰ جهڙو
قدم جي خاڪ جو ذرو آ روشن مهلقا جهڙو
٣- چڏيندو ڪينڪي امت پيغمبر پيشوا پنهنجي
قيامت ۾ ڪندو عاصين مٿان ڪندو شافع شفا پنهنجي
گنهگارن جو ڪونهي خيرخواه خيرالوريٰ جهڙو
٤- بڏي پنهنجون گلائون ٿي ڪيائون اڻ ٻڌڻ جهڙيون

۵- دوا دارون انهن جو آ جي آهن لا دوا جهڙا
سوالي خالي ويندا ڪين ڪي "دادن" گدا جهڙا
ڪري ادني ڪي اعليٰ هي آ اهڙو در سخا جهڙو

نعت سرڪار دو عالم جي ولادت

ربيع اول جي ٻارهين رات ختم الانبيا آيو
رکي سر پاڪ تي سردار تاج انما آيو
۱- آ عبدالله جي گهر ۾ حبيب ڪبريا آيو
مريضن لئه دوا جي واسطي دارون دوا آيو
۲- ٻلارو ڪالي ڪملي وارو سچو رهنما آيو
شهنشاه دو عالم والد خيرالنسا آيو
۳- ڪري ڪنگرو اچي پٽ تي پيا ڪيئن ڪوٽ ڪسريٰ جا
شفيع المذنبين سيد نبي نور الهديٰ آيو
۴- ڪيا ٿي رقص غلمان ۽ حورن خام جنت ۾
عرب جي سر زمين تي جڏهن محبوب خدا آيو
۵- ملائڪ ڏئي مبارڪ پيا چون آداب سان هوريان
هي حفصه ام سلمه عائشه جو قد خدا آيو
۶- وچڙن هان بحر عصيان ۾ سيئي عاصي ٻڏي ليڪن
خدا جي فضل سان ڪشتي جو ڪامل ناخدا آيو
۷- لهي آيو زمين تي عيسيٰ استقبال جي خاطر
ستاري سعد ۾ پيغمبرن جو پيشوا آيو
۸- نه دنيا ۾ ڏٺو ڪنهن ابن عبدالله جو پاڇو

مجسم نور ذاتي جو منور مجتبيٰ آيو

٩- ضرورت کانه هئي سينگار سرمي جي کا سڄڻ کي
ڪري سينگار ۽ سرما اکيئي دلربا آيو

١٠- وحي جي معارفت نازل ٿيو اقرا بسم جو تحفو
ڪٺي غار حرا مان چانڻ نسخو کڻيا آيو

١١- ڏسڻ ۾ شام جي ڏاچڻ جون آيون ٿي ڳجهيون ”دادن“
آ جهڙي وقت مڪي ۾ محمد مصطفيٰ آيو

نعت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم

منهنجي ڪر ڪا مدد يا نبي مصطفيٰ
اي حبيب خدا خاتم الانبيا

١- تو کي خاتون خيرالنسا جو قسم
تو کي حيدر شه ڪربلا جو قسم
تو کي عباس زين العبا جو قسم
اچي مشڪل ۾ تي ساٿي سيد سچا

٢- منهنجي دشمن کي بدحال برباد ڪر
مون کي دنيا ۾ عقبا ۾ آباد ڪر
مونکي ماحول گندي کان آزاد ڪر
رهي انسانيت ۾ نه آهي وفا

٣- تو جهڙو نه رهبر پيغمبر ڏٺم
تو جهڙو نه عالم ۾ سرور ڏٺم
تو جهڙو نه ڪو بنده پرور ڏٺم
جڏڪا تنهنجي رضا سا رب جي رضا

٤- تون ياسين طٰـه مزمل مدثر
تون و ليل و شمس روشن ضمير
تون محبوب الله جو بي نظير
تون ماکي کان آهين منو اي سنا

٥- تنهنجي وصف و ثنا بر زبان ڇا چوان
ٿيندي پوري نه هرگز حجي يا روان
عمر ساري لکان کبن پورو بيان
تنهنجي عظمت کي ڄاڻي تو بس کبريا

٦- تنهنجو مرسل مدح خوان "دادن" فقير
ڏاڍو آهي گنهگار هيٺو حقير
حيات آهين، آهين سميع بصير
سگهو حاضر حمايت ۾ ٿي مجتبيٰ

التجائي مدني

اي صبا منهنجو کڻي پيغام پيغمبر ڏي وڃ
مصطفيٰ مهندار مرسل سيد سرور ڏي وڃ

١- ۽ علي مشکل کشا خاتون جي شوهر ڏي وڃ
واسطي الله جي شبير ڏي شر ڏي وڃ

٢- منهنجي بنسبت خالق اڪبر ڏي ڏس اڪبر ڏي وڃ
گهوٽ قاسم ڏي تون وڃ ۽ تشنه لب اصغر ڏي وڃ

٣- عابد بيمار ڏي وڃ زينب مضطر ڏي وڃ
وٺ خبر منهنجي تون نيڙي عون ۽ جعفر ڏي وڃ

۴- درد "دادن ڄي جيڪا پر گهور هڪدم اهه صبا
وچ حبيبِ حضرتِ عباس ڏي ۽ حر ڏي وڃ

نعت رسول

الله ڪيو اعليٰ ڇا شان محمد جو
شاهد ٿيو رسالت ۾ قرآن محمد جو
۱- امت کي قيامت جي گرميءَ ۾ پڪاريندؤ
ڪيڏو نہ اهو هوندو احسان محمد جو
۲- جنت کي ڪندس ڇا مان جنت نہ کپي مونکي
جنت کان زياده آ ايوان محمد جو
۳- سگ بڻجي مديني جي گهٽين ۾ پيو هوندس
ان ريت وڃي ٿيندس مهمان محمد جو
۴- هيئن چونہ چوان "دادن" عزت ۾ مٿي آهي
دارا ۽ سڪندر کان دربان محمد جو

نعت حضور صلعم

سرور سهڻا مونکي آهي قسم تنهنجي سر جو
تون پيارو آهين پرور جو تون شافي آهين محشر جو
۲- آدم کان هئين اڳ ۾ ظاهر غيب جي ساري علم جو ماهر
تون ساقي آهين ڪوثر جو تون شافي آهين محشر جو
۲- رب قرآن ۾ ڏني آ گواهي آهين افضل نور الاهي
هيو ڏيک ۾ بيک بشر جو تون شافي آهين محشر جو

٣- شان اوهان جو بالا برتر دائم در تي دارا سڪندر
نوڪر آهي نوڪر جو تون شافي آهين محشر جو
٤- غارِ حرا مان جلوه نمائي نور جي تي پرپور ضيائي
رهيو تاب نہ شمس قمر جو تون شافي آهين محشرجو
٥- "دادن" تنهنجو آهي ثناگر تون ئي هادي تون ئي رهبر
سگهو داد ڪجو ڪمتر جو تون شافي آهين محشرجو

نعت رسول عربي

تنهنجو سيني ڪان مٿي شان رسول عربي
شاهدي ٿو ڏئي قرآن رسول عربي
١- منهنجي مشڪل ڪيو آسان رسول عربي
نہ تہ پئي مون کي ٿو نقصان رسول عربي
٢- تو کي الله ڏنو چا چا نہ رسول عربي
تنهنجو ثاني نہ سليمان رسول عربي
٣- تو تي ڪلمي جو فقط ٿورو ڪري ٿي امت
تنهنجي امت جو آ ارمان رسول عربي
٤- پنهنجي شفقت ڪا ڪجو پاڻ ڏسي محشر ۾
حال "دادن" جو پريشان رسول عربي

مديني وجان

مديني وڃان مصطفيٰ چوندو چوندو
تنهان پوءِ نجف مرتضيٰ چوندو چوندو

١- حسين ابن حيدر ڪسڻ وقت ٽائين
ويو دشمنن کي دعا چوندو چوندو

٢- ابو جهل آخر جهنم کي پهتو
نبي پاڪ کي ڇا مان ڇا چوندو چوندو

٣- محمد کي معراج جي رات خالق
ڏئي هٿ پيو صلي علي چوندو چوندو

٤- محمد جي تعظيم خاطر خدا خود
اٿيو پردي مان مرحبا چوندو چوندو

٥- مران هن جهان مان اڳي پوءِ اي "دادن"
رسولِ خدا جي ثنا چوندو چوندو

اعليٰ بنت نبي ام المومنين حضرت فاطمه
عليه السلام

ڪريان مان ناقص ثنا ڇا تنهنجي
اي پاڪ بيبي بتول امان

آ تنهنجو شوهر علي غضنفر
آ بابو تنهنجو رسول امان

١- تون امان حسنين جي اي امان
تون شافع دارين جي اي امان

اي فخرِ حوا اي فخرِ مريم
آ نور تو تي نزول امان

٢- معاف منهنجا ڪراء الله ڪان
ڪيم جي گناهه گنـــدا

دعا هي منهنجي ٻچن جي صدقي
خدارا ڪر تون قبول امان

٣- هي بعد مدت جي دانهن تو ڪي
ڏيان ٿو پنهنجو سهارو سمجهي

مان امتي تنهنجي بابي اطهر جو
آهيان مجرم ملـول امـان

٤- رضائون خالق عطا ڪيون تو ڪي
پنهنجون سڀ اي شفا جي مالڪ

هي آهي اميد دانهن "دادن" جي
ڪين ويندي فضـول امان

٥- مان ڪهڙو ٿيي بي وقار بدڪار آهيان
پر سگ اوهـان جو آهيـان

ڪرڻ ٻڌڻ سين ٿلايون بيحد
آ تنهنجي گهر جو اصول امان

نعت طلـب مـدينه

مديني ڏي وڃڻ جي واسطـي ڏاڍو خيـال آهي
مديني ۾ مران هيءُ رب کي منهنجو سوال آهي

١- جمالِ حضرتِ يوسف ٿيي چئجي ٿو ڪمال آهي
و ليڪن رشڪِ يوسف منهنجي حضرت جو جمال آهي

٢- نہ منھنجو آب دائو آهي ڪو شايد مديني ڏي
جو هوندي سوندي پهچڻ تي پيو منھنجومحال آهي

٣- محمد جي شفا مونکي امائيندي بهشت اندر
محمد جيئن ڪندو تيئن رب جي اڳيان بحال آهي

٤- نہ آرام آهي پنھنجي سرڪي ساعت سنڌ ۾ ”دادن“
حياتي منھنجي منھنجي واسطي هتڙي وبال آهي

نعت مدينو منور

مونکي شال ڏاتر ڏيکاري مدينو
قسم آهہ ڻو ساهہ ساري مدينو

١- مدينو اهو جنھن ۾ روضئہ محمد
رِوهان ڪيئن هتي مان وساري مدينو

٢- مديني کي ويجهي پوڻ وقت ڏاڍو
ٿيان خوش پري کان نهاري مدينو

٣- مديني جا ماڻهو سيئي منھنجا سائين
وڏو شان ٿو شرف ڏاري مدينو

٤- ٻهاري جي هوندي مان ڏاڙهي سان ”دادن“
ڪريان صاف سارو ٻهاري مدينو

نظم "حاجين ڏانهن مخاطب"

مـــدينــو ڏنهہ ان جو منظـــر ڏنهہ
ڏنهہ روضــهہ سرور نـــہ سرور ڏنهہ

١ـ ڏنهہ ڪعبہ پـــر ڪين پرور ڏنهہ
مصــــلا ۽ ديـــوار پٿــر ڏنهہ

٢ـ نہ گهر وارو گهر واري جو گهر ڏنهہ
نـــہ باهر ڏنهہ ۽ نـــہ انـــدر ڏنهہ

٣ـ نہ ڪي روح پنهنجي ۾ رهبر ڏنهہ
نہ ڪي دل جي ڪعبي ۾ دلبر ڏنهہ

٤ـ ڪنهين حـــد تائين برابـــر ڏنهہ
نـــہ لا حد جو عشق اڪبـــر ڏنهہ

٥ـ گهٽيون گهات يثرب جا آئين گهمي
قسم کڻنـــدي اکئين پيغمبر ڏنهہ

٦ـ ٻڏي وئين تڪبر جـــي درياه ۾
ڏنهہ لهـــر لوڏا نـــہ بنـــدر ڏنهہ

٧ـ نہ "دادن" جہ ساقي نہ ساغر ڏنهہ
نہ ان جي سخن جو سمنـــدر ڏنهہ

نعت التجائے سکونت مديني ۾

ڙنئين شل مونکي ماري خالق اڪبر مديني ۾
ڏسان سهڻو نبي جو مقبرو اطهر مديني ۾

١- هميشه واسطي ساڪن هجان جيڪر مديني ۾
لڳائي خاڪ تي پنهنجو ڙوهان بستر مديني ۾
بنائي ويهجي ڇوڙو ڪکن جو گهر مديني ۾
وڃي پهچان رڳو مان هڪ دفعو هيڪر مديني ۾

٢- زياده ڇو نه چئجي آبرو عزت مديني جي
قسم آهي خدا جو مٽ نه آ جنت مديني جي
مريضن لاءِ آ خاڪ شفا شفقت مديني جي
وڏي آ ياڳ واري ساري سڀ خلقت مديني جي
جو آهي دفن دو عالم جو پيغمبر مديني ۾

٣- مديني جون گهٽيون مان پنهنجي ڏاڙهيءَ سان ٻهاريندس
پيري پاٿي هٿن سان پاڻ حاجين کي پياريندس
مٺو نالو محمد جو پيو پلپل پڪاريندس
ڪٿي اڪ شوخ پنهنجي ڪينڪي ڪنهن ڏي نهاريندس
گذاريندس مان پنهنجي عمر بس ان پر مديني ۾

۴- گهران دم دم دعائون تو پيو ربِ الاهي کان
بچائيندو مونکي موجوده گردش جي تباهي کان
هتان جو گهٽ تونگر آ مديني جي سپاهي کان
اي"دادن" ڏاڍو بهتر آ هتان جي بادشاهي کان
وڃي کنهنجو نہ کنهنجو ٻيهجي نوکر مديني ۾

خيرالوريٰ آهي

اسانجو پيشوا محبوب مرسل مصطفيٰ آهي
شفيع المذنبي سيد حبيبِ کبريا آهي
۱- هو آهي محب مولا جو ۽ فخرِ انبيا آهي
سڄو عالم سندس ئي نور سان ٿيو پر ضيا آهي
۲- شفا ناهي ثوابن لئہ گناهن لئہ شفا آهي
اڳي پوء انبيائن جو مدد خيرالوريٰ آهي
۳- ادا "دادن" ڏکيندو ڇام احمد نہ تہ اسانکي تان
قبر ۽ کا قيامت جي خبر ناهي تہ ڇا آهي

حيات آهي سيد سرور

حيات آهي اسانجو سيدِ سرور اجا تائين
آ آجو موت کان الله جو دلبر اجا تائين
۱- مديني ڏي نتو قسمت کري پرور اجا تائين
گهرائي پاڻ ڏي تو کين پيغمبر اجا تائين

٢- خدا کان بعد شان آهي نہ بس آهي محمد جو
نہ ٻيو آهي نہ ٿيندو کو سندس همسر اچاتائين

٣- نبي کانپوءِ بلال آهي ڪريو بي هوش تي جاتي
انهيءَ مسجد ۾ بيٺو آ اهو ممبر اچا تائين

٤- عرب جي سر زمين تي ڪيئي ڪفارن ڪيا جهڳڙا
مگر محفوظ آ ڪعبو خدا جو گهر اچا تائين

٥- رسول الله جي چائنٹ چمائيندو خدا "دادن"
گهٽي مدت کان پنهنجو ٿو جلي اندر اچا تائين

قصۂ هرڻي از خيال "دادن" مسدس

اي عاشق رسول ٻڌو هي ٻڌل بيان
هڪ ڏينهن نڪتو سير تي سردار دو جهان
خدمت ۾ هئا فرشتا هو الله پاسبان
نازان هئي زمين ۽ هو بوسيده آسمان
جيئن پهتو جهنگ ۾ وچي محبوب مهربان
قاتل ڏٺائين ڦاهي ۾ هڪ هرڻي بي زبان

هڪدم حضور پاڪ ٿيو هرڻيءَ جو رازدار
آيو مٿانهون هرڻيءَ جي آقاءِ نامدار
دلدار بيڪسن جو اسيرن جو غمگسار
هرڻي ڏسي حضور کي روئي پئي زار زار
دلبر ڏنس دلاسو نہ خطرو خيال ڪر
ڪيئن ڦاٿي آهين ڦاهي ۾ هرڻي کو حال ڪر

هرڻي به عجز عرض ڪيو روئي اکيان عجيب
آيس ٻچا ڇڏي مان بکئي پيٽ لئه غريب
ڦاسي پيس مان اوچتي ڦاسي ۾ بد نصيب
ڪرڪا مدد تون منهنجي اي الله جا حبيب
آزاد ڪر تہ ڪير پياري اچان وري
ٻچڙن کي پاڻ سان قطاري اچان وري
واعدو ڏي هي هرڻي جو محبوب ڪبريا
هٿڙن سان ڇوڙي ڳنڍيون پيو ڦاهي جون مصطفيٰ
حضرت حبيب هرڻي کي ڇوڙي ڇڏيو صفا
ڪيڏو نہ آهي ٻاجها پيغمبر خدا
هرڻي حضور پاڪ کان رخصت وٺي وئي
توري وچڙ جي وا سنئي ڇت وٺي وئي
هڪدم ٻچن کي پهتي هٿي جان جوهه جا
رئندي ٻچن جي ماءُ ٻچن کي چيئو ابا
آخر هي ڪير پي وٺو منهنجا ننڍا ٻچا
شايد اوهان کان ٿيندي اوهان جي امان جدا
ضامن حبيب رب جو ڏئي آئي آهيان
آيس اجها حضور کي چئي آئي آهيان
قابو هيس مان دام ۾ دلدار آئيو
بس اوچتي ائين ڪنهن سردار آئيو
واهر وسيلو آسرو آثار آئيو
منهنجي مدد ۾ منهنجو مددگار آئيو

چوڙي ڇڏيائين هتن سين پيو رحم ڪيس ڪي
واعدو وٺي ورڻ جو آ ٻيهي رهيو اتي
ٻچڙن چيو اسان ٻه هلون تا ڪٿا امان
ڏيکار سو اسان کي حبيب خدا امان
ضامن جو تنهنجو آهه پيو با وفا امان
مارائيندو اسانکي نه سو با حيا امان
هرڻي چيو ٻچن کي پلي جان هلو ٻچا
اميد آهي تيندو پلي کان پلو ٻچا
هرڻي ٻچا وٺي ڪري واپس وهائيو
ماري ٻه هوڏهون اوچتي ان وقت آئيو
هرڻي ڏسي نه شور شڪاريءَ مچائيو
حضرت کي هيئن چيائن اي حضرت ٻڌائيو
قاتل هئي جا هرڻي سا آزاد ڪنهن ڪئي
اڄ روزگاري منهنجي آ برباد ڪنهن ڪئي
حضرت چيس اي ماري تون نادان ڪين ٿيءُ
انسان ٿي تون جهنگ جو حيوان ڪين ٿيءُ
هرڻي اچها اچي ٿي تون پريشان ڪين ٿيءُ
ضامن مان آهيان هرڻي جو حيران ڪين ٿيءُ
ماريءَ چيو ته ناهه اها ڪا خبر ڪري
ڪيئن جهنگ جو حيوان ٿو واپس اچي وري

پريان ائين ڪندي وئي اچي هرڻي باعيال
خدمت ۾ آئي ٻچڙا وٺي ننڍڙا نونهال
قدمن تي مصطفيٰ جي رکي سر ٿي پائمال
پنهجي ويو عجب ۾ هي ماري ڏسي مثال
با عجز با نياز ٻا ادب ٻا حجاب
ماريءَ چيو حضور کي تون ڪير آن جناب
حضرت چيس ته منهنجي خبر خاص عام آ
احمد ٻه منهنجو نام محمد ٻه منهنجو نام آ
نازل مٿان ٿيو منهنجي خدا جو ڪلام آ
صلوات مون تي آهه ۽ مون تي سلام آ
آ رب موڪليو ڪري رحمت جهان تي
پيو رحم روح ۾ اچي هن بي زبان تي
نالو ٻڌي حضور جو حيران ٿي پيو
ٻر وقت جي چوڻ تي پشيمان ٿي پيو
قدمن تي سر رکي ڪري قربان ٿي پيو
ڪلمو پڙهي نبيءَ تي مسلمان ٿي پيو
رخصت ملي وئي هرڻيءَ کي آزاد ٿي وئي
ڪيئن سا ڳي ساڳي جهنگ ۾ آباد ٿي وئي

حضرت علي جي شان ۾ "مسدس"

فرياد ڪريان توکي ٿو يا حيدر و صفدر
اي شير خدا بحر منهنجي مدد ڪر
تون ناطق قرآن صداقت جو سمندر
من ڪنت جي فرمان بموجب ٿئي افسر
بس ترس نه اچ شبر و شبير جي صدقي
اصغر علي اڪبر علي بيشير جي صدقي

١- خيبر جي لڙائي ۾ تو مرحب کي متايو
اسلام وڌايو تو ڪفارن کي ڪنبايو
جو آيو اڳيان تنهنجي سو گهر ڪينڪي آيو
ڪعبي تو ڪفار جو هڪ بت نه بچايو
مصحف ۾ مدح تنهنجي ڪئي خالق و اڪبر
تون سر خدا خاص يدالله غضنفر

٢- تلوار جي سر سر بڌي حيران ٿيو سر سر
جبرئيل ٿيو دربان ۽ فرمان ۾ فر فر
تو پيش اچي پيش پيو والي بر بر
اظهار سخي تو سندو اذڪار آ هر هر
تون والي ولايت ۽ ولين جو ولي تون
دنيا ۽ قيامت جو شهنشاهه علي تون

٣- مشهور سڄي ملڪ ۾ آ قاتل انتر
تو در ٿيو گدا حاتم و جمشيد سڪندر

بيا آپ وڏو تو سندو القاب آحيدر
اڌ پورا کيا تو ٻه وڌي مهد ۾ ا جگر
برپا تو ڪئي جا بجا اسلام جي هستي
ڇا تنهنجي اڳيان آهه علي عام جي هستي

٤- اي ڪدهه ڪشا تنهنجو ڇا اذڪار ڇوان مان
ميدان ۾ سر دلدل هسوار ڇوان مان
انا و علي ثاني سردار ڇوان مان
يا ياءُ ڇوان مان يا دلي يار ڇوان مان
ڏي گنج هم رنج پلا مون کان ٻري ڪر
حل منهنجي هي مشڪل اي سخي قرب ڪري ڪر

د- تو ساري عمر مولي غريبت ۾ گذاري
پر غير کي هر وقت تو همت ٻئي ڏيکاري
تلوار سان ڪنار جي تو ڇال ستاري
اسلام جي دنيا کي تو تهذيب سيکاري
منڪر نه مڃيندو ته مگر مان ته مڃان ٿو
فرمان الاهي کان نه ٻاهر ٿي وڃان ٿو

٦- لاريب وڏي شير خدا تنهنجي شجاعت
تو جهڙي نه ڪنهنجي آ فصاحت ۽ بلاغت
تو وانگي رڪوع ۾ تو ڪري ڪير سخاوت
ڪعبي ۾ ولادت ٿئين ۽ مسجد ۾ شهادت
آواز سڻو شاهه نجف منهنجي سدا جو
ڪر غور ڪو هن پانهنجي نادار گدا جو

٧- سلمان کي تو شير جي ڇنبي کان بچايو
خيبر جي زبردست قلعي کي تــو اڏايو
شمشاد پهلوءِ جهڙي تو ڪافر کي ڪنبايو
آباد نبي تنهنجو قـدم سپ تـــي سوايو
جبرئيل جو استاد، نصيري جو خدا تون
حق ناهه جدا تو کان نه حق کان ئي جدا تون

٨- تون ناٿي نبي پاڪ جو خاتون جو شوهر
مظلـوم پسـر تو سنـدا شبير ۽ شبر
مادر آ سندن احمدِ مختـار جـي دختر
ناياب سي ٻئي مرجل بحرين جا گوهـــر
ڪربل ۾ وڃي سر تي سوين سور سنائون
بي جرم ڪنا نانا جي امت جي هتائون

٩- ڪيڏو نه ڪيو قهر پڙهي ڪلمو ڪذابن
محشر ۾ اگيان رب جي منجهه ايندا عذابن
هر گز نه شفا آهي محمد جي متي تـن
دوزخ ٿي تري طول ۾ پل ياد پيا ڪن
ياسين پڙهي ڪيئن نـــه مسلمان بيگانه
تيرن سان ڇٽن پيا وري ياسين جي معني

١٠- ڪيڏي نه ابن معاويہ دعوت ڏئي دغا ڪئي
سر نيزي تي ۽ قيد هم آل عبا ڪئـي
توڙي جي عدون پئي ڪٽي ايذي جفا ڪئي
تي شاهه ته پي نانا جي امت کي دعا ڪئي

مظلوم جو هڪ سر نہ اِهو نيزي نظر هو
تحقيق اِهو ساري مسلمان جـــو سر هو

١١- يا فخرِ شاهان ساڳي مان دنيا ۾ رهان تـو
جنهن دنيا ۾تيو خون سخي تنهنجي ٻچن جو
ڏهون اِزن الاهي جي تڏهن توکي صبر هو
نہ تہ شير خدا جا تون ڪرين جيڪي ٿئي سو
اى شاهہ شهنشاهہ توکي ساري خبـر آ
وَالله نبي بعد نہ تو جهڙو بشـر آ

١٢- طاقت نہ مونکي آهي ذڪر ڪهڙوڪيان مان
پورو نہ ڪيان تيسين جو دم جيسين جيان مان
تو آبلِ شهيدان فـدا توتـــان ٿيان مان
صدقي تو شهيدن جي توکي دانهن ڏيان مان
"دادن" جي اچي توکي جي مشڪل ڪاڏسڻ ۾
اچ دير نہ ممڪن آ ذرا تنهنجي رسڻ ۾

حيدر آ بقولِ "دادن"

اگر گهر علم جو احمد مگر در آ تہ حيدر آ
يد الله فوق ايديهم جو اظهر آ تـــہ حيدر آ

١- علي اعلي علي آهي علي منهن ۾ ريـــا آهـي
علي مشڪل ڪشا آهي عني والي ولا آهـي
علي حاجت روا آهي بلڪ بدرو د جـــي آهـي
علي هادي هدي آهي علي شيرِ خدا آهي

علي شافي شفا آهي علي دارون دوا آهي
غريبن ۽ يتيمن جو جي ياور آ تہ حيدر آ

٢- علي الله جو پيارو وڏي همت ۽ دل ڌارو
هڻي تڪبير جو نعرو ڪنبايو ڪفر جنهن سارو
هڻي هرگز نہ هاڪارو ڪري مردود تي مارو
نہ اوپارو نہ لهوارو لڙي چو طرف چوڌارو
ڏيا اسلام جو تارو پيلارو پرجهلو پارو
اسان جو مصطفيٰ يارو سدا سردار سويارو
هجوم غير تي غالب غضنفر آ تہ حيدر آ

٣- علي کي پيشوا سمجهو علي کي رهنما سمجهو
علي کي خوشنما سمجهو علي کي با صفا سمجهو
علي کي اوليا سمجهو علي کي ابتدا سمجهو
علي کي انتها سمجهو علي مخفي صفا سمجهو
نصيرن جو خدا سمجهو اڙي غافل تو چا سمجهو
سنيالي هل مري ويندين ببر نر آ تہ حيدر آ

٤- علي جي شاد ٿي شادي سندس گهر ۾ نبي زادي
عدو جي لاءِ بربادي ۽ مومن لاءِ آبادي
علي وحدت سندي وادي علي وٽ ڪيئي فريادي
علي وٽ ناهہ بي دادي ڪري هيئن ڪير امدادي
ڏئي قاتل کي آزادي لتا شربت اچي گادي
تعصب خور سان تعدي ۽ مومن لاءِ آبادي
مظفر "دادنا" اظهر ما بسر آ تہ حيدر آ

فضائل علي عليه السلام

جسارت هن کي ڇڄبو آ جلالت هن ڇڄبو آ
صداقت هن کي ڇڄبو آ سخاوت هن کي ڇڄبو آ

١- نبي جي بستري تي پيو سمهي دشمن جي گهيري ۾
اطاعت هن کي ڇڄبو آ عبادت هن کي ڇڄبو آ

٢- قدم مهرِ نبوت تي رکي ڪئين بت ڀڳا حيدر
وزارت هن کي ڇڄبو آ ولايت هن کي ڇڄبو آ

٣- چڙهيو مولا چڙهي ميمبر تي آهي ڪو پڇي مونکان
فصاحت هن کي ڇڄبو آ بلاغت هن کي ڇڄبو آ

٤- رڪاب از تا رڪاب آقا پڙهي قرآن ڪيو پورو
ڪرامت هن کي ڇڄبو آ تلاوت هن کي ڇڄبو آ

٥- علي سائين جي شفقت ساڻ ڪوتا پيي کرا تي پيا
حمايت هن کي ڇڄبو آ هدايت هن کي ڇڄبو آ

٦- اڪيلو لاش نبوي کي ڇڏي ويو ڪينڪي موليٰ
رفاقت هن کي ڇڄبو آ قرابت هن کي ڇڄبو آ

٧- لنا شربت اچي گادي ڏنئي قاتل کي آزادي
شرافت هن کي ڇڄبو آ شجاعت هن کي ڇڄبو آ

٨- ڪري قصاب تو حملو نتو حيدر ڇوي ان کي
عدالت هن کي ڇڄبو آ عنايت هن کي ڇڄبو آ

٩- تونگر ۽ گدا جو فيصلو يڪسان آ "دادن"
خلافت هن کي ڇڄبو آ امامت هن کي ڇڄبو آ

شان علي

علي جو مان غلام آهيان علي منهنجو امام آهي
سوا در حيدر و صفدر ڏسڻ پيو در حرام آهي

١- علي با احتشام آهي علي با احترام آهي
علي دائم مدام آهي علي قائم مقام آهي

٢- علي آ ذات جو مظهر علي آ نور پيغمبر
علي اطهر علي اڪبر علي خيرالانام آهي

٣- علي آهي ولي الله علي فخر خليل الله
علي آهي لسان الله علي ناطق ڪلام آهي

٤- عجيب آهي مجيب آهي اديب آهي حبيب آهي
نقيب آهي نجيب آهي حقيقت جو نظام آهي

٥- علي جي مئه جو جنهن "دادن" ڪيو پر نوش جام آهي
اهو زنده قسم آهي خدا جو تا قيام آهي

صداقت علي جي

پسند آ خدا کي صداقت علي جي
آ افضل ڪان افضل عبادت علي جي

١- سندس در تان خالي سوالي نه موٽيو
بيان ڇا ڪريان مان سخاوت علي جي

٢- ٿيو تعمير ڪعبه علي جي ڄمڻ لئه
ٿئي ڪاٿي ها نه ته ولادت علي جي

٣- اٿڻ جي ادب سان اڳيان مصطفيٰ جي
هئي بطن مادر کان عادت علي جي

٤- سو رحمت ۽ شفقت جو حقدار ناهي
رکي ٿو جو دل ۾ عداوت علي جي

٥- نہ تخت ۽ نہ تاج و نہ پارس ٿو گهرجي
فقط مونکي گهرجي عنايت علي جي

٦- اهو ويندو جنت ۾ ڪيئن ڪسيتائين
نہ هوندي جنهينکي اجازت علي جي

٧- نبي ۽ عليؑ جو آ هڪ نور "دادن"
زيارت نبي جي زيارت علي جي

ڏنم پيهڪ پاڻا

ڪٿي هوت هنج مان اوٺي ويا اڏاڻا
ڪندي پند پرين تيم سند ساٿا

١- پري ساٿ آيا ٿيا مهمان منهنجا
ڦري ويا ڦٽي کي اديون ڏير اهنجا
اويلڙ اسر جو وني ور سڏاڻا

٢- ٿيس پاڻ اڻ چاڻ ڪيم ننڊ پياري
مون غفلت ۾ گهاري سڄي رات ساري
صبح جو سنياليم ڏنم پيهڪ پاڻا

٣- تا "دادن" اکين مان وهن نير نيڪر
ڪوهيارل جي سر ڪاڻ هڪوار هيڪر
جبل منجهہ جبرا اڏيندس اڏاڻا

علي آ نہ پيو آ

مشڪل ۾ مددگار علي آ نہ پيو آ
تڪ تار ۾ آڌار علي آ نہ پيو آ

١- سردار جو دلدار علي آ نہ پيو
وارث ۽ وفادار علي آ نہ پيو آ

٢- احمد جو وصي آهي ولي آهي خدا جو
غمگين جو غمخوار علي آ نہ پيو آ

٣- آ جسم ٻيو ۽ جان ٻي ناني ٻي اخي ٻي
مختار ۽ مهندار علي آ نہ پيو آ

٤- آخر ۾ وڃي ڪير ٿيو فاتح خيبر
هر جنگ ۾ اظهار علي آ نہ پيو آ

٥- ويو جنگ احد ۾ نہ ڇڏي شاهہ امم کي
يارن ۾ سچو يار علي آ نہ پيو آ

٦- آهي پيو خلافت جو نہ حقدار اي "دادن"
جي آهي تہ حقدار علي آ نہ پيو آ

فضائل علي

علي جو وڏي ۾ وڏو شان آهي
شهادت لئہ فرقان يزدان آهي

١- علي ڪل مومن جو ايمان آهي
نبي پاڪ جو اهڙو فرمان آهي

٢- کيو جنهن علي راهه جو آهه رهبر
انهيءَ لاءِ منزل تي آسان آهي

٣- کندي گردش آسمان ڇا انهيءَ کي
علي سائين جنهن جو نگهبان آهي

٤- قسم آهه الله جيءَ آ علي جو
جو الله جي گهر جو سامان آهي

٥- نه جنهن دل ۾ آهي علي جي محبت
اها دل ائين سمجهو ويران آهي

٦- علي سائين جنهن تي مهربان آهي
چوان ڇا اهو ڇا مئون ڇا ڇا نه آهي

رباعي

جدا ٻه اکيون آهن ڏسڻ هڪڙو آهي
جدا ٻه کن آهن ٻڌڻ هڪڙو آهي
تون تيئن سمجهه بس مصطفيٰ کي علي کي
ٻه ناهن ٻنهن جو هجڻ هڪڙو آهي

نعت بحضور سرڪار دو جهان

محمد مصطفيٰ سهڻو حسين آهي حسينن ۾
سندس ثاني نه آهي آسمانن ۾ زمينن ۾

١- سندس جي سهڻي صورت پاڪ جو ڪهڙو بيان ڪريان
ثنا ساراه سرور جي زبان سان ڇا عيان ڪريان
نه ٻيو شانِ احمد تيندو هفتن ۾ مهينن ۾

٢- نہ ثاني حسن حضرتؐ جو آ يوسف ماه ڪنعاني
بشر جي آهہ صورت ۾ مگر آ نور نوراني
هي محبوبِ خدا محبوب آهي مه جبينن ۾

٣- لڙي پيا حجر اسود جي کڻڻ تان سڀ قريش اعظم
کڻايو سيني کي حضرت وجهي چادر ۾ سو هڪدم
ٽٽو جهڳڙو ڏسو ڪيڏو امين آهي امينن ۾

٤- سدا سر سبز آ اسلام جو گلشن اڃا تائين
خدا جي فضل سان محفوظ اي"دادن" اڃا تائين
امانت عشقِ عربي آ مسلمانن جي سينن ۾

ذڪرِ حسين

شهيدن جي مٿان روئندو محمد مصطفيٰؐ آيو
بطول آئي ۽ ان سان گڏ علي المرتضيٰؓ آيو

١- رسول الله جنهن تي مينهن جون ڪٽيون نہ سهندو هو
کٽي خنجر مٿان ان جي شمر بد بي حيا آيو

٢- ننگي سر عام ٻاوهہ ۾ ڪيئن آئي زينبِ اطهر
مسلمانن مان ڪنهن کي پي نہ بيبي تي حيا آيو

٣- غضب آهي عجب هي تو وڏو ڏاڍو لڳي "دادن"
تہ ناحق خون سيد جي مٿون هٿ امت کي ڇا آيو

تنبو ۾ آئيو

کربلا ۾ گهر نبي جو ظالمن ڪيرائيو
ساڻ سهرن جي وڃي ڪيئن گهوٽ رڻ ۾ گهائيو

١- آب لئه امت اڳيان ويو آڻي ٻچڙو حسين
سچ ڪري جهولي سڄي مولا تنبوءَ ۾ آئيو

٢- پيڻ جڏهين ياءَ جي وئي لاش تي دانهون ڪندي
نوَ دفعا پٽ تي ڪري پئي ڪنهن تني پرچائيو

٣- "دادنا" امت نبي جي ڪين ڪئي ڪجهه پي شناس
توڙي ممبر تي چڙهي سرور سڄي سمجهائيو

•مهر نبوت تخلص "دادن" شاعر سنڌ

امت اگرچه ايذي مصيبت ڪندي رهي
ليڪن زبان امام جي امت ڪندي رهي

١- تاڪيد جن جو مهر نبوت ڪندي رهي
افسوس تن سان چا چا نه خلقت ڪندي رهي

٢- اهل مديني وارا چون تا ڏهين جي ڏينهن
دانهون رسول پاڪ جي تربت ڪندي رهي

٣- توڙي تي ظلم هيترو هيئن گذريو "دادن"
آل نبي ته پي نه شڪايت ڪندي رهي

مسدس مرثيه از خهال "دادن"

ڪجهہ لک اي قلم قصۂ ستم راز عيان ڪر
ڪنهن ياد ۾ اج پيدا ڪو عبرت جو جهان ڪر
مس جا جي وهن ڳوڙها پني تي سي روان ڪر
ڪر چوب زبان واقعي ڪربل جو بيان ڪر
چا حـــال ٿيو آل جو امت جـــي هٿائون
ڪيڏيون نہ گهليون گهوريون وڇوڙي جون هوائون

تي نقش قيامت جـــو ويـــو منظر دعوت
دعوت جي بهاني ۾ هئي پوشيده عـداوت
قاتل ٿي امامت جـي مسلمـــان جمـاعت
[illegible] ، هـ! حافظ پيي ها ڪي اهل بغاوت
[illegible] پاڪ نہ منظور نجاست جـي اطاعت
باطن [illegible]ـي اکيان ڪين جهڪيون شان امامت
[illegible] ي ها فلڪ حشر ڪي برپا پيي ڪري ها
ي [illegible] ها ايئن شاهہ اگر چا پيي ڪري ها

پاڻي جو پيو پيدا هو دريا پيي ڪري هـا
في النار هم لشڪر عادا پيي ڪري هـا
برداشت ڪيئين سيڪي مڃي امر قضا کي
سر پنهنجو ڏئي راضي رکيائين پنهنجي خدا کي
لبيڪ چئي سر پيي ڏنائين گهر پيي ڏنائين
قاسم پيي ڏنائين علي اڪبر پـــي ڏنائين
معصوم ٻچو بـــي خطا اصغر پـــي ڏنائين

ڪنهن ڪان جي محبت ۾ وفاتئي ته ائين ٿئي
ميدان ۾ عاشق جي ادا ٿئي ته ائين ٿئي
الله ڪان قرباني ڪرڻ ۾ نه گهٽايئين
جيڪي به هيو شاهه ڪي سو سڀ ڪي لٽايئين
نانا جو ڇڏي روضو وڃي ويران وسايئين
ماتم نه ڪيائين حال تي گهوڙها نه وهايئين
امت ڪي نه احساس ٿيو فرزند نبي جو
صحرا ۾ لٽيئون سات حسين ابن علي جو
امت نه ڏنو پاڻي محمد جي چمن کي
موتي کي چنبيلي کي ۽ رابيل رتن کي
ڇڏيو نه خزان گل کي نڪي شاخ کي ٻن کي
خارن جا لڳا تير تي بلبل جي بدن کي
مالهي به گلستان مئون تي مايوس هليو ويو
ڪو شام هليو ويو ڪو وري طوس هليو ويو

بيت "دادن"

جيم جناب تي پيڻ شتاب جڏهن لاش شبير تي آئي
هي روايت جهڻ پئي بيبي نو واري زهران دي جائي
رو رو آکهي نانا سائين اڄ لٽي زينب مائي
"دادن" بڇڙي علي دي روئي ميت پرادي چائي

بيت "دادن"

لعنت هووي شمرا شاهه شبير دے کنیے
شفقت تئين تے مول نهين تيڏهون پنجتن پاک هنرنے
صدبار شکر سردار پڑھے توڑے بدل تيران دے انّے
"دادن" حبدار حسين دے ہوسن جنت دے وچ کنیے

يا حسين

چا لکي منهنجو قلم تنهنجو فسانو يا حسين
سات يثرب کان ٿيو کربل روانو يا حسين
ساڻ هو جنهن ۾ خدائي جو خزانو يا حسين
حضرت عباس ۽ عابد يگانو يا حسين
قاسم و اصغر علي اکبر جوانو يا حسين
زينب و کبريٰ سکينا شهربانو يا حسين

١- کربلا کان آئيو قاصد کبوتر بي قرار
پر پسائي خون سان گريان ٿي بي اختيار
ڏسڻ سان سمجهي وئي صغران خاک پائي چوڙي وار
وئي رسول الله جي روضي ڏي روئندي زارو زار
رت روئي روضي اندر پيو تنهنجو نانو يا حسين
چا لکي منهنجو قلم تنهنجو فسانو يا حسين

٢ـ چاڪري سگھندس مان "دادن" ختم قصهٔ ڪربلا
هن حقيقت کي تو ڄاتي مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ
ٿي وئي دعوت مئون عداوت گڏ ٿي فوجِ عشقيه
سان قاسم گهوٽ جي شادي جا سڀ سهڻا ٿيا
خون سان ملجي ويۀ ميندي ۽ ڳانو يا حسين
ڇا لکي منهنجو قلم تنهنجو فسانو يا حسين

شبير ذڪتو خيالِ دادن

ڏڪارو ٿي خيمي مان شبير ذڪتو
ڏئي داغ همشير کي وير نڪتو

١ـ هٿن تي کڻي طفل بيشير نڪتو
ڇا پاڻي جي ڏيک واسطي پير نڪتو

٢ـ عمر صاد جي نالي خيمي مان هرمل
کڻي تير بي پير خنزير نڪتو

٣ـ گلي خشڪ کان پار جيئن تير نڪتو
لکن تا تہ گڏ خون سان کير نڪتو

٤ـ بچو باقي پنتي نئين بيمار عابد
سو پيي عشق جو پائي زنجير نڪتو

٥ـ ڏسي خاڪ ۾ سهرا قاسم جا "دادن"
ٿي ڪبري جي نيڻن منجهان نير نڪتو

مصطفيٰ روئي ڏنو خيال "دادن"

گهوٽ قاسم جي مٿانهون مصطفيٰ روئي ڏنو
۽ سندس ڏاڏي علي المرتضيٰ روئي ڏنو

١- تازا سهرا تازي ميندي تازي ڳاني کي ڏسي
ڏاڏي زهران بابــــي حسن المجتبيٰ روئي ڏنو

٢- ٿي رنو شمس و قمر تارا ڪتيون تيڙو تمڪڙ
بحر بر قلزم مگـــر ارض و سما روئـي ڏنو

٣- ٿي رنو ڪبريٰ سڪينه بانو ۽ دائــي فضا
پيڻ بيبي زينب ۽ زين العبا روئــي ڏنـــو

٤- لاش بنري جي مٿان شبير کي روئندو ڏسي
عالــم ارواح ۾ سب انبيـــا روئــي ڏنو

٥- ٿي رنو جن و بشر شجر و هجر ديو و پري
ڪوهه صحرا "دادنا" باد صبـا روئــي ڏنو

ڪين هارايو حسين از خيال "دادن"

موڪلائي نانا ڪان پو سات سنبرايو حسين
دين نانا جي تي پنهنجو پاڻ مارايو حسيـن

١- دشمنن جي فوج ۾ لک بيٺو شڪرانه پڙهـي
پٽ علي المرتضيٰ جو زهريٰ جو جايو حسين

٢- سر ڪٽايو گهر لٽايو دين جي ڪارڻ حسين
سر ڏئي بازي ڪٽي ويو ڪين هارايو حسين

٣- ظلم اولادِ علي ڪيڏا سنا مضوم تسي
بددعا ڪئي ڪينڪي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو ڪسر

٤- "دادنا" قادر جي ڪئي ڪان ڪند نہ ڪيرايو حسير
سڀڪي پنهنجو پنهنجي هٿ سان ٻيهي اڻرايو حسير

امر نہ هو

امت ڪي آل واسطي اهڙو امر نہ هو
هي گهر نبي جو هو وليہ امت جو گهر نہ هو

١- تن ڪنئون ڇو ظالمن ڪي ٿيو ڪوئي حضر نہ هو
جن جي مٿانهہ ڪنهن بہ پکي جو گذر نہ هو

٢- ڪجهہ ٻي شرم نہ شاهہ جي ٻاري ۾ ڪيس پيئہ
ٻي پير هو يزيد سندس پير گر نہ هو

٣- سڀ دست ڪربلا ۾ ڏيئي لاءِ "دادنا"
خالي سخا ڪان حيدر و صفدر جو در نہ هو

منقبت "دادن"

بحرِ عنايت ثمرِ هدايت علي ولايت مآب نذري
شهرِ ڪہ شم شم پوڪاري دم دم وه آبِ زم زم
دا آب نذري۔

علي هے برتر علي هے اڪبر علي هے انور علي رهبر
هے سڪہ گهر گهر

تے چرچا در در مصحف اندر بہ مثل سر سر مرينہدا
فر فر تے نعرے

ڪر ڪر قري ببر نر گروهِ اڪفر شقيانديِ سر سر
عقاب نذري

نعت

تو جيئن سونهين سدائين آسمان چنڊ ۽ ستارن سان
تو تيئن سونهين سدا سرور سڀورن چئن يارن سان

١- شفيـــع المذنبيـــن سيـــد ميـــدان قيـامت ۾
اگهاڙن سر ڪنو هوندو گنهگـارن ويچارن سـان

٢- لڙيو الله ڪارڻ ڪيئن پيادو تي سوارن سان
هي هڪ هو هڪ خدا سان ۽ هيا هوڏهون هزارن سان

٣- مرڻ کان اڳ ۾ اي "دادن" خدا کي هي سوال آهي
اکئين هيڪر ڏسان روضو محمد جو منارن سـان

ظالم ڪندا رهيا از خيال "دادن"

چا چا امـام پـاڪ سان ظالـم ڪندا رهيا
هڪڙي جي لاءِ فوج کي فالم ڪندا رهيا

١- چئـــي هئه حسين پنهنجي تربت شريف ۾
خاتون علـي نبـي تئي ماتم ڪندا رهيـــا

٢- اڄ ڏينهن تائين ڪيترا ماڻهو ڏهين جي ڏينهن
هڪڙا خوشيون ڪندا رهيا ٻيا غم ڪندا رهيا

٣- زهران جا لال هيڏي مصيبت مان "دادنا"
محڪم تي دين نانا جو محڪم ڪندا رهيا

بيت "دادن"

ترڻ بنا تار ۾ ڪٿي پاڻ چڙيوم
ساهڙ ڪي سڏيوم بڏڻ ويل ٻار ۾

مصائب از خيال "دادن"

سڻ قصه ڪرب بلائي - ذرا شاه دي ويک وفائي
من اذن عظيم الاهـي - ڪيتي پير حسين ادائي
ميڏے مولا ديان مظلوم ڙيان، شهزاديان مالڪ عرب ديان
ڪي شام گيان ڪي طوس گيان، سر بار غمان دے چائي
ڙي حيدر دي مان دردان دي، ڏکي زينب مائي مرضاندي
اولاد آهي لاغرضاندي، غـم ويـر دي مار مڪائي
جهل تير صغيـر سوايـــا، چا اصغر سيس ولايـــا
سڏ مار ڪـي رو فرمايـا، ول امڙي امڙي چائـــي
ڊج "دادن" گيا ٻهه ڪريندا هان، احوال سمورا نه ڏيندا هان
مين مومن مردا ويندا هان، ايهه بات هي مشڪل پائي

قطعه ڪو نزلو آ "دادن"

نئون روپ نئين چال نئون ڍونگ آ نئون ڍنگ آ
عدالت جو امانت جو ديانت جـو تيو دنگ آ
پيو ڪم آهه اهڙن موذي مرض جا وچي "دادن"
ڪو نزلو آ ڪو لقوو آ ڪو مرگهي آ ڪو اڏ رنگ آ

ٻين سان رسولﷺ خدا ڪهڙو هو "دادن"

نه ٻارن سان نورالهدىٰ ڪيڏندو هو
اگر ڪيڏندو هو جدا ڪيڏندو هو

١- سڏڻ ايندا ها مڪي جا ٻار ليڪن
نه ڪنهن سان وچي مصطفىٰ ڪيڏندو هو

٢- ڪتين سچ ۽ چنڊ تارن سان مرسل
وچي خاتم الانبيا ڪيڏندو هو

٣- حويلي ۾ حضرت اڳيان آمنه جي
ڪٺي پنهنجي ننڍڙي عصا ڪيڏندو هو
اي "دادن" ڪنهينڪي تہ لت ۽ ڪنهينڪي مڪ
ٻين سان رسولﷺ خدا ڪيڏندو هو

ايمان تہ آهي "دادن جو تخلص"

بدڪار اگر آهيان ايمان تہ آهي
هن سيني ۾ سڪ سوز جو سامان تہ آهي

١- صورت ۾ بدلجي نہ ٿيو حيوان تہ آهي
انسان اڃا شڪل ۾ انسان تہ آهي

٢- هر وقت شريعت جو نہ پابند آ ليڪن
هر ڪلمي پڙهڻ وارو مسلمان تہ آهي

٣- ديوانئہ محبت ڪي رهڻ لاء جهان ۾
آهي نہ خيابان بيابان تہ آهي

٤- هي ڪيڏو بہ "دادن" آ گنهگار خدا جو
پر سرورِ عالم جو ثنا خوان تہ آهي

بيت "دادن"

چڱن تہ چڱايون ڪيون پر منھنجون مدايون
ڪوڙين ڪسايون، ھڪڙي نام حساب ۾

منقبت شانِ قلندر "دادن" فقير

ڇا نہ آھي اوليا الله جو اڄ يادگار
ڇا نہ آھي شھنشاھہ اعظم جي شادي شاندار
رشڪِ گلشن ڏسجي ٿو ميلي جو منظر خوشگوار
آھي سيوھڻ جي عجب سينگاريل ھر ھڪ بازار
ميلو آھي عرس آھي ڪاج آھي گھوٽ جو
ڪوڏڙيون ڪستا ۽ ڳانا ڏاج آھي گھوٽ جو

ھي اھا ھستي آ جنھن تي مرتضيٰ جو راز آ
ھي اھا ھستي آ جنھن جو عرش تي پرواز آ
ھي اھا ھستي آ جھنڪي ڇنڇي حيلہ ساز آ
ھي اھا ھستي آ جنھنتي سنڌڙي کي ناز آ
عاشقن ۽ عالمن ۽ عارفن ۽ تاجدار
حافظن ۽ شاعرن ۽ سالڪن ۽ تابدار

آدميت ۽ پرندہ باز پر شھباز آ
ھن جي اڳيان دين جو دشمن ڪڪڙ ۽ ڪاز
نعرہ حق نعرہ قلندر مست جو آواز آ
فيض جو ھنڌڙي ھميشہ ڇڻ جديد آغاز آ
ھن جي در تئون ڪيئي لک مفلس تونگر ٿي ويا
جن رياضت ڪئي مي قطري مان سمندر ٿي ويا

سنڌ ۾ آيو هلي ٿيو پاڳ برتر سنڌ جـــا
گڏ ٿيا چاچي اچي اڄ دوست دلبر سنڌ جا
ڪي امير ۽ ڪي غريب ۽ ڪي زرنگر سنڌ جا
هم جليس آهن سنڌين ســـان مهـاجر سنڌ جـا
هڪ خدا ۽ هڪ نبي سيني جو هڪ قرآن آ
هڪڙي جو نقصان سمجهو سيني جو نقصان آ

چا لکان ٿوري پني تي لال جي مان شان ۾
قوت حيـــدر غضنفر آه سيوسنـــان ۾
حب مئون آيا هلي جي لال جـي ميدان ۾
تن جون ٿيون اميدون پوريون آن سان هڪ آن ۾
جو سوالي ٿو اچي سو ڪين خالي ٿو وڃي
ڪير پهچي جاتي هن در جو ڌمالي ٿو وڃي

لال قلنـدر

اي شاهہ شاهـان پير مغان لال قلنـدر
لاثانـي لقب تنهنجـو آ لجپـال قلنـدر
١- هت شاهہ نجف بلڪہ مدينو يي خرم يي
مومن جو ٿئي حج ٿو هر سـال قلنـدر
٢- اُت غير جي قبضي ڪـان ا قصي ڏي چڏائي
ڪرڻ ڏاڏا جـي تلوار زره ڍال قلنـــدر
٣- آهيون نہ ڪجهاتو ڪان تون پنهنجو ڪرم ڪر
ڪر پنهنجا برن ساڻ پـلا پـال قلنـدر

فرد منتخب پاڳل "دادن"

سياڻن جي سياست کي ڏسي چڏيوسين بس هاڻي
کو کو پاڳلن جي پارٽيءَ مئون منتخب پاڳل

مدد ڪر دادن فقير"

شهنشاهٔ شهباز منهنجي مدد ڪر
اي حيدرِ جا همراز منهنجي مدد ڪر

١- قسم ٿئي علي جو علي جي ٻچن جو
طبيعت آ ناساز منهنجي مدد ڪر

٢- دوا ڪين ڪنهنکان ڪرايان ٿو آقا
اوهان ۾ اٿم آز منهنجي مدد ڪر

٣- قطب مست ۽ رند اولياءَ ڪن تا
اوهان جي مٿان ناز منهنجي مدد ڪر

٤- هي راڻڻ کان "دادن" جا سيوهڻ ۾ سهٽا
تون بہ جلدي آواز منهنجي مدد ڪر

مفرح نام احمد جو "دادن"

رسول الله جو ثاني نہ همسر ڪو جهان اندر
فلڪ اندر زمين اندر بلڪ ڪونو مڪان اندر

١- پڙهن صلوات، کي تا سب فرشتا آسمان اندر
مفرح نام احمد چام جو هرهڪ بيان اندر

٢- مونکي پنهنجي پيغمبر جي محبت جسم جان اندر
جگر اندر ۽ دل اندر زبان اندر دهان اندر

٣- سندس جي شان جو نغمه پڙم هر هنڌ ۾ "دادن"
بيابان ڪوهه اندر صحرا اندر بوستان اندر

فرد

ڪنهين جي درد جو ڪنهنکي خيال ڪونهي ڪو
بچاء يا خدا ماڻهن جو حال ڪونهي ڪو

پنڌ اگيرو آهي "دادن"

تڪڙ ڪر ڪين طالب عشق جو پنڌ اگيرو آهي
نه تو ۾ ذوق ذاتي ذڪر ذاتي جو ذرو آهي

١- ڏئي جان ڏيل ۾ ڏسجي اندر تئي جو ترو آهي
وڏي جهل آ فقيري جي جو ڪوڙو پيي ڪرو آهي

٢- گهمين تو ڏينهن سارو رات ساري تو سمهين غافل
خدا جي ياد ڪان توکي چڙهيو پيٺو برو آهي

٣- ڪريو جنهنجي جهگي تي آسرو تنهنجو چڏيو لاهي
محبت عشق جو "دادن" گهڙو گهورو گهرو آهي

بيت "دادن"

. ماڻهن منجهان ميٺ موڪلائي منهن ڪيو
ڏنگي تي ڏيٺ ويو قرب قريب مئون

ڪن ق وڏو آ "دادن"

آيو عشق ڪلنگيون ڪلاهہ ڪري
وٺي لشڪر ساڻ سپاهہ ڪري

١- ڪٿي رانجهن چاڪ سڏائي تو
ڪٿي مجنون جهنگ وسائي تو
ڪٿي سر فرهاد سهائي تو
نہ تو پربت جي پرواهہ ڪري

٢- ڪي گهوٽ پيڙائي گهاڻي تو
ڪي سورهيہ سوليءَ آڻي تو
ڪنهن جي ذات ڪذات نہ ڄاڻي تو
منجهہ شوق شهيد تو شاهہ ڪري

٣- نہ ڪي ماڳ ڏسي نہ مڪان ڏسي
نہ ڪي شان ڏسي نہ ڪي مان ڏسي
نہ ڪي جسم ڏسي نہ ڪي جان ڏسي
نہ پناهہ گهري نہ گواهہ ڪري

٤- ڦاڙيو عين بينو آ وات سندس
آهي ش بہ ڪرت ۽ ڪات سندس
ڪن ق وڏو آفات سندس
سو گهاسردارن جا تو ساهہ ڪري

٥- ڦهريان عشق خدا ڪي پيدا ٿيو
اڇي عربي جي مٿان شيدا ٿيو
پوءِ هي سارو جهان هويدا ٿيو
ڏس "دادن" نيڪ نگاهہ ڪري

بيت "دادن"

هڪ ڦريل پيو فراق تين جانب جدائي
آهي اجائي جيڏيون جيئڻ جهان ۾

عجب زمانو مزيدار آهي مسدس دادن

عجب اڄ زمانو مزيدار آهي
ڪو اغيار آهي ڪو دلدار آهي
ڪو غدار آهي ڪو غمخوار آهي
ڪو هشيار آهي ڪو بيڪار آهي
ڪو زردار آهي ڪو نادار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي

اُتيئي محبت اُتيئي عداوت
اُتيئي رفاقت اُتيئي بغاوت
اُتيئي حڪايت اُتيئي شڪايت
اُتيئي شرافت اُتيئي شرارت
ڀيو ياءُ کان ياءُ بيزار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي

متن مائٽن مان هلي وئي محبت
اُتيئي آ اُلفت اُتيئي آ ڪلفت
پيارو آ پئسو نه آهي اُخوت
ڪلن تائين سڄي تي خدا جي آ قدرت
سڄي ماڻهو ڪان سڀڪو بيزار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي

ڪي شيعا ڪي سني ڪي دهريا وهابي
ڪي سچا صحابي ڪي ڪوڙا ڪسابي
انهن کان سوا پيا پيي ڪيئي ڪتابي
ڪڍي ملڪ مئون ڪين سگھيا خرابي
تباهي جو ڪارڻ هي تڪرار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي
ڪو عادل هزارن ۾ عادل ڏسان ٿو
ڪو ڪامل هزارن ۾ ڪامل ڏسان ٿو
ڪو عامل هزارن ۾ عامل ڏسان ٿو
انهيءَ سان به شيطان شامل ڏسان ٿو
جي خود پاڻ ناهي ته مٽ يار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي
نئون روپ آهي نئون رنگ آهي
نئين چال آهي نئون ڍنگ آهي
پين پيي پٽن کي ڪيو تنگ آهي
ڏين جي مٿي ماءُ سان جنگ آهي
هي” دادن“ قيامت جو آثار آهي
عجب اڄ زمانو مزيدار آهي

قطعہ ملاوت

رفاقت ۾ ملاوت آ قرابت ۾ ملاوت آ
صداقت ۾ ملاوت آ سياست ۾ ملاوت آ
عدالت ۾ ملاوت آ امانت ۾ ملاوت آ
اي "دادن" چا ڪجي جو خود ملاوت ۾ ملاوت آ

بيت "دادن"

الله تنهنجو آهيان گنهگار غريب
نہ ٿم ڪتنب قريب اٿم تنهنجو آسرو

مرڻو آ توکي "دادن"

سفر مسافر ڪرڻو آ توکي
پنڌ پرائو پرڻو آ توکي
١- دنيا ۾ تون چا چا ڪرين ٿو
ڪر نہ ايندئي سي جن لئہ مرين ٿو
مر تون الله لئہجي مرڻو آ توکي
٢- ڪاڏي ويا سڪندر ڪاڏي ويا ساٿي
ڪاڏي ويا گهوڙا ڪاڏي ويا هاٿي
وئي ڪانپوء هيڏي نہ ورڻو آ توکي
٣- "دادن" باقي چا هي هاٿي
جاڻ مئين تون اڄ يا سڀاڻي
قبر جو لکيل پرڻو آ توکي

فرد "دادن"

مزو ياد تنهنجي جو ورتم گھٽوئي
هينئر مونکي تنهنجو، تو ديدار گھرجي

اکر انور دا "دادن فقير"

وه واه درس ڏنم دلبر دا
سهي سيني وچ ثابت پڙهيم الف اکر انور دا

١- شيش محل ڪثرت والا توڙيم
خود پرستي خيما ڪوڙيم
چوڙ جسم اتان جاء وچ جوڙيم
راز جتان رهبر دا

٢- پر پيالا مئه والا پيتم طرق ڏي طرق ڪون
طرق چا ڪيتم
ملڪ انهين وچ خيال ڪو نيتم
جت درڪ نہ مسجد مندر دا

٣- هر ڏي اندر جهاتڙي پاوان
هر مظهر وچ آوان جاوان
"دادن" اپڻا نام سڏاوان
بنده علي حيدر دا

فرد "دادن"

دامن امید ۾ هج طالب ديدار هج
هج تصور ۾ عدم بس اهڙو محو يار هج

فرد

زندگي حادثن جو مرڪز آ
هڪڙو ويندو ٻيو متئون ايندو

هير حيراني "دادن"

اونهو عشق اٿاريو گهونگهٽ گهر گهر ۾

١- ڪٿي هير حيراني ڪٿي سسئي سيلاني
ڪٿي مجنون مڪاني بيٺو بر بر ۾

٢- بيسر بره جي بازي محڪم مام مجازي
گم ڪر پنهنجو تون غازي سارو سر سر ۾

٣- "دادن" نينهن نوايا ڪيئي سورهيه سوايا
رهزن رند رلايا دانهه در در ۾

قطعه

ڪريان تو يار سان سودو جيئن قسمت گهريو هوندو
يا هوندو تاج شاهي سر تي يا هٿ ۾ ڪريو هوندو
ڪندي ڇا بي خبر بي درد جي "دادن" گلا مونکي
انهي کي قدر هوندو جيڪو مون وانگي ڦريو هوندو

موڪ چو ٿو مور وڃائين "دادن"

هٿ هٿ هيرن هوندي ڪوڏيون ڪچ ٿو ڪمائين
ڪوڏيون ڪچ ٿو ڪمائين ڪيڏو ضرر ٿو پائين
١- اڄڪي جيڪا آهي تنهنجو ڪين ٿو ڏيان ڏرين تون
ڄاڻ مرين ٿو وطن ورين ٿو واپس ڄاڻ ورين ٿو
بين بجو ڇا ٿو ڪرين تون پنهنجي ڪان ٿو وهائين
٢- ڄاڏهون ڪاڏهون ڄاچي ڏس تون پاڻ کي ڇا ٿيون چاهين
جيئن ٿو پاڻ کي پائين ثابت تيئن تون هرگز ناهين
ڪاڏهون جو تون آهين ڪاڏهون هتڙي آئين
٣- ريجهي ويٺين ڇاتي "دادن" ڪهڙي موه منجهائي
هيڏو سارو حيف اٿئي ويهي وقت وڃائي
الله ڪين ڪمائي موڪ ٿوري ڪٿي ڪان ڇو ٿو مور وڃائين

بيت

چڱا سي چئجن جي ڪنهون ڇڏن ڪين
ٻئي جي ٻڌن ٻين، ڏسي ڏکن ڏوهڙا

خا ي ڏين تي "دادن جو خيال"

هنجڙا هليا ويا ساجهر سويرا
موتي انهن جا پاڳن تي ٻيرا
١- جوڙي قطارون هنجڙا اڏاڻا
ساٿيءَ ساري سنت ٿي سڌاڻا
وهندي وڃي ڪيئون وطني واهيرا

٢- ميڙي ويا موتي چلر چڏي ويا
لالون لڪائي ِلڪ ۾ لـڏي ويا
باقـــي بچـا نئين ٻکهه ۽ ٻتيرا

٣- هنجڙا هليا ويا ويا واپس، وطن تي
"دادن" درن لئہ خالي ڏيڻ تي
آهن وٺي ڪيا ڪانگن ڪانگيرا

فرد "دادن"

رهيو مشغلو پنهنجو درِ زندگي
آ هڪ راڳ ٻيو شعر تين بندگي

خوابن جي رات هئي "دادن"

گذري "وئي جا رات سا خوابن جي رات هئي
منهنجي سڄڻ جي سوال جوابن جي رات هئي

١- مس مس مليو ٿيو خواب جي صورت ۾ يار سان
افسوس سا بہ مون لئہ حجابن جي رات هئي

٢- پيتم نـــہ ٻيو شراب سڄـــي رات دوستـــو
خونِ جگر پيئڻ سان شرابن جي رات هئـــيّ

٣- ڪجهہ ٻيي چوڻ جي لاءِ نہ فرصت ملي سگهي
عشرت جي هئي نہ رات عذابن جي رات هئي

٤- هن ڪي تہ هئي نہ پاپ جـي پرواهہ "دادنا"
مون صبر ڪيو مون لئہ ثوابن جي رات هئي

بيت "دادن"

ميڙي مدايـن جـا پـري وينـس پـانڻ
پوريون کير پاڻ، ڪانهي ڪمي ڪانڌ جي

غزل "دادن"

جڏهن لاکون جدا تي وئين جلن تا جوش ۾ جيرا
ڪيا رهن دل اندر دلبر اوهان جي عشـق آکيرا
نٿو سمجهان سڄڻ سائين اوهان جي روح جو رايو
آلائي ڏوھ تيو ڪهڙو اسان ڪئون وئين پڇي پيرا
ٻڌايان ماجرا فرقت جي ڪنهن کي مان منا سائين
ڏنا تنهنجي جدائي جان جيءَ کي زيءَ چري چيرا
هميشه ڪينڪي هونديون گهڙيون گهوريون وڇوڙي جون
گذاريا سين جي گڏجي سي ڪندو والي وزي ويرا
پري تو کي اکيون پنهنجون سهن ٿيون ڪينڪي سهڻا
ڪنو ره دوست "دادن" سان لگائي دائما ديـرا

بيت "دادن"

چپ ڪيون پئي چيٺ، ڦٽي ڦٽ فـراق جـــا
مان منجهه ڏـــي ميٺ، ڪجـڻ ڪسارو گهڻو

غزل

کو جي ڪنهين جي عشق ۾ مجبور ٿي پيو
بدنـــام ساري ملـڪ ۾ مشهور ٿـــي پيـــو

١- هڪڙن سان ڳالهه هڪڙي ته پڻ ساڻ آه بي
اڄڪلهه ڪو اهڙو دنيا جو دستور ٿـي پيـو

٢- شايد ته منهنجي سمجهه ڪيو ڪم نه آه جو
جنهنکي ٠ون سمجهو شير سو لنگور ٿي پيـو

٣- ٿي پئي آ جلوه طور رخ يـــار جـي جهاڪ
گهر يـار جـو مون لاءِ جبل طور ٿـــي پيو

٤- آيس نه بـــاز حسن پرستيءَ ڪـــان "دادنا"
آخر رواجـــي زخـــم مان ناسـور ٿـــي پيو

بيت

پکيئڙي پر سوئيا تيو پڃرو پراڏو
اِجهو آڏاڏو "دادن پنهنجي ديس تي

غزل "دادن"

هي قصئه درد آهي ڪينڪي آهي ڏسڻ جهڙو
آ دل جو سور دل ۾ ئي نه پاهر آ ڪيڻ جهڙو

١- بچو چارو نه آهي عشق بازي کان بچڻ جهڙو
اُهو ناسور ٿي پيو آهه جـــو ناهي چٽڻ جهڙو

٢- خبر اُن سان ڪجي ڏسجي ته اڳلو آ مجڻ جهڙو
ٻڌائڻ پيي ڪپي تنهن کي هجي جيڪو ٻڌڻ جهڙو
٣- ڀيا پيي حسن وارا خوبصورت ٿا ملــن ليڪن
نٿو ڪاٿهن اکين سين مان ڏسان سهڻو سڄڻ جهڙو
٤- چيائين ٻي اجازت کيڻ اچڻ ٿيو آه اي "دادن"
پري محفل ۾ مان ٿي ويس مرڻ جهڙو ٻڌڻ جهڙو
٥- پراون کي ڪيم پنهنجو پراوا پر نه ٿيا پنهنجا
ڪيو آهي زماني پاڻ کي هاڻي پڇــڻ جهڙو
٦- ڏسڻ سان حسن وارن کي وڃائنٿو هوش ڪان ذڪري
خدا چاڻي مان آهيان ڪين ڪنهنجي گهر وڃڻ جهڙو
٧- اکيون ڏسجن يا لب ڏسجن يا موتيجهڙا ڏند ڏسجن
سڄڙوئي منهن مبارڪ يار جو آهـي چمڻ جهڙو
٨- نه پرچڻ جهڙو اچ پاٿهي ڪاي وينو سندم دلبر
ڪڏي وينس ڪو اهڙو گفتو اچ مان پيي ڪلڻ جهڙو

غـزل اڳـي ته لڳائجي "دادن"

دل جي ڦاسائجـي توڙ تائين نڀائجــي
ڪنڌ نه ڪيڏائجي منهـن نه مٽائجــي
١- عاشـق سڏائجي وڏي ڪس ڪائجــي
سر کي سهائجـي اڏي تي اڏائجـــي
٢- لوڪ کئون لڪائجي وسو تي نه وائجي
اڳي ته لڳائجي ٻئي کي نه ٻڌائجـي
٣- "دادن" رهائجي ڪنهنکي نه رنجائجي
ٿورو جي نه لاهجي گهڻ ٿورو ڳائجي

گهٽائي گهوٽ گهائيندي-ون

اکيون تنهنجون عجب سهڻا گهٽن جا سر گنوائينديون
جڏهن جنبش ڪري ڪاري ڪجل جي ڏار پائينديون

١- اوهانجي جيئن نظر پيئي هتان دل زور سان ويئي
نہ هڪڙو مان مگر ڪيئي اهي ڪجليون ڪهائينديون

٢- دو نالي ديد جي چٽڪي اچي سيني اندر اٽڪي
چڪائي موت جي چٽڪي گهٽائي گهوٽ گهائينديون

٣- منجهن اسرار آڪاسي هميشہ خون جون پياسي
اسان پارا سوين ساسي ڦري دلڙي ڦاسائينديون

٤- ڏسي چانداڻ چشمن جي اڙي دل دوست "دادن" جي
چڙيم دعوي بدن تن جي اڃان چا آزمائينديون

بيت "دادن"

پڪو تجي پريت ۾ نہ تجي قول ڪچو
سچڻ سو سچو، جيڪو ماري مالڪي ڪري

سچڻ ڪاٿي آئو آهي "دادن"

جيئڻ اهڙي ڪان اي يارو مرڻ ڏاڍو سٺو آهي
وري ڪهڙي آلائي ڳالهہ تان دلبر رٺو آهي

١- ڪڏهن هائو ڪڏهن نهڪر ڪڏهن راضي ڪڏهن ڪاوڙ
ٻڌايو چا ڪريان مونکي انهن ڳالهين مٺو آهي

٢- اڄوڪي وقت تائين دوستو ساري زماني ۾
ٻڌو ڪاٿهن ته ڪنهن ڪنهنڪي بنا ڪاتيڪنو آهي
٣- حياتي ۾ دفعو هڪڙو ملڻ ٿيو ڪو نه ڪو "دادن"
نه چاٽان مينهن ساڻونڻ جان سڄڻ ڪاتي آنو آهي

بيت "دادن"

جانب جاڳندي نه ماڻيو رڳو خوابن خوش ڪياس
سڄاڳي ۾ سڄڻن سين مٺي ڪين ملياس
پري ڇڙڪ اُتياس، اڱڻ آهوئي اوتـرو

دادن جو داد ڏينڊو

ٻن پيون اهي فضائون ٻن پيا اهي نظارا
ٻن پئي هي رات روشن ٻن پيا اهي ستارا
١- دل بيقرار آهي اک اشڪبار آهي
پرچائي ڏئي ڪو مڙنکي دل جو خدا خدارا
٢- سا عيد عيد ناهي سا ديد ديد ناهي
موجود جنهن ۾ ناهن ماڻهو پرين پيارا
٣- ڪو مرد مرد آهي دنيا بي درد آهي
ڪنهنکي هي حال پنهنجا ڏيکاريان ڏکارا
٤- اهڙو به ڏينهن ايندو "دادن" جو داد ڏينڊو
ٻيڙو ٿي پار ويندو ڏسبا ڪنديون ڪنارا

بيت "دادن"

سجڻ ويا ساڻيهہ تي مونکي ڇڏي هت
جيڏيون نہ آهي جت، پهچڻ وس نہ پانهنجي

پنهنجا نہ مار اي سهڻا

ڏسي ٿو وائسي پنهنجا نہ مار اي سهڻا
نہ سمجهي ڏاريو ڏکو ڏئي ڌڪار اي سهڻا

١- وجهي نہ ايڏيون وٿيون وسار اي سهڻا
گهڙيون ڪي گڏجي اسان سان بہ گهار اي سهڻا

٢- پيار ڪيئنڪي شربت تون غير کان مونکي
هٿن سان زهر تون مونکي پيار اي سهڻا

٣- مران ٿو تنهنجي ڏسڻ واسطي مان سالن کان
خدا جي واسطي هيڏي نهار اي سهڻا

٤- اندر نہ ساڙ اسانجو تون گهنڊ پائڻ سان
ڪلي تون اسان جو هيانءُ نار اي سهڻا

٥- لڳا جدائيءَ جي صدمن جا تير جيڪي پي
سي سيني کان ٿي پيا آر پار اي سهڻا

٦- جگر جلائي ڇڏيو ٿئي نگاهہ پهرين سان
وڌيڪ بيا وري پارڻ نہ پار اي سهڻا

٧- خطا تہ آدمي جو آهہ گهر اي گهر وارا
اسانکي پنهنجي نہ گهر مئون اُتار اي سهڻا

٨- جيئن ٿو آسرا "دادن" کي ڏيڻ نہ ڏي ڪنهنکي
اجايو عمر ڪنهين جي نہ ڪار اي سهڻا

ڪافي- سر پهاڙي وينين وساري

دلڙيون ڏتاري ماڻن سان مـاري
سچ چئہ او سچ چئہ سـچ چئہ
سڄڻ سائين چاڪئون وينين وساري
١- ڏکيو حال منهنجو ڏسڻ پيي نہ آئين
پڇاڙي جو پيارا پڇڻ پيي نہ آئين
تڪجي ويا نيڻ راهـون نهـاري
دلڙيون ڏتاري ماڻن سـان مـاري
٢- ڏاڍو دود دل ۾ دکائي هليو وئين
ڏکارن کي ويتر ڏکائي هليو وئين
بڄي برهہ باري چڙهيئي باهہ ٻاري
٣- ڳالهيون اڳوڻيون اڄ ياد آيـون
وسرن نٿيون تنهنجون ٻورل ٻلايون
ڏکن جا ڏکيا ڏينهن وڃبا گذاري
٤- سوا تنهنجي منهنجو دلي يار ڪونهي
قسم آ خدا جو بيو ڪم ڪار ڪونهي
رڳو تنهنجي ڳنتي چڙهيو آهہ ڳاري
٥- تنهنجي سرتان "دادن" آ صدبار صدقي
نہ خود پاڻ پر سارو گهر ٻار صدقي
نہ ڇڏ دوست درتان ڌڪو ڏئي ڌڪاري

غزل

ڏسي رخ تياسين ڪلامي پري ڪان
ڪئي سون اوهان جي سلامي پري ڪان

١- پسي سهڻي صورت اوهان جي اي سهڻا
بنا زر وياسين وڪامي پري ڪان

٢- ڏسڻ منهنجو توڏي سهي ڪين سگهيا
اندر ويو رقيبن جو ڪامي پري ڪان

٣- جي ويجها اچئون تا تہ فتنو آئي تو
ڏبي تنهنجي در جي غلامي پري ڪانڻ

٤- پري ڪان سچائي تو سيڪنهن ڪي "دادن"
آ پترو حلالي حرامي پري ڪان

بيت "دادن"

جنهين ڏنو جيئن تيئن تنهين گهر آئيو
ڪيئن چوان مان ڪيئن تہ پرين پاڻ پسائيو

صدمو خراب ايندو "دادن"

ايندو نہ يار دل کي صدمو خراب ايندو
قاصد ڪئي ڏير آهي شايد جواب ايندو

١- ناراض تي پيو آ چو زازدان مونکان
سڌ پئي نہ اهڙي اهڙو ڪو انقلاب ايندو

٢- بي درد ساڻ دل جو ڪولڻ نہ راز گهرجي
سمجهڻ ۾ ڪين ڪڏهين رڌ ڪي رباب ايندو

٣- بيهي نہ عشق اکيان سگهندو حجاب هرگز
رهندو نہ زاغ تاني جاني عقاب ايندو
٤- تابان حسن جانا ڏيندو جڏهن اي "دادن"
اکيان مقابلي ۾ ڇا آفتاب ايندو

بيت "دادن"

واصل آهي وجود ۾ ڪو ٻوير ڪري ويساهہ
پرين ۽ پساهہ، پيوند ڪنان وڌ پاڻ ۾

سنياري ساجن کي

ساهہ سدائين تو ساري سنياري ساجن کي
پاڻ وڌو مون ماري سنياري ساجن کي
١- ڪهڙو سندس آ روح جو رايو
ڇا ڪئون اڃان منهنجو يار نہ آيو
ڏڪجي پيا نيڻ نهاري سنياري ساجن کي
٢- دل ۾ گهر دلبر جو اڏيو مون
سندس اچڻ جي لاءِ ڇڏيو مون
اڱڻ اکين سان ٻهاري سنياري ساجن کي
٣- تحفو سڄڻ لئہ نئون ۽ نيارو
هار بنايم هيرن وارو
هنجون هزارين هاري سنياري ساجن کي

٤- سک تي سهي تو سپ جگ سارو
"دادن" ساري رات ويچارو
هنڙا کنيو پيو اوساري سنياري ساجن کي

غزل راڳ مالکوس

تنهنجي آمد جون منا راهون نهاريندو وتان
ڦارون پائيندو وتان ڪانگ آڏاريندو وتان

١- پنهنجي منهن ساڻ پنهنجي دل کي ڏڏاريندو وتان
جهڙا تهڙا ٿو ڏکيا ڏينهن گذاريندو وتان

٢- چا رهيو حال آ صدمي کان جدائي جي اڄان
تنهنجي مرضي آ پلي جان کي گهاريندو وتان

٣- منهنجي نالي کان وني توکي ٿي نفرت ليکن
تنهنجو "دادن" مان توائڻ پاڻ ٿو ماريندو وتان

فرد "دادن"

ڪرم جي نظر سان ڏسين ڪين ٿو
ستم جي نظر سان ڏسين ته ٻه چڱو

يارن جي اڄان

ٿي ڦري اکين اڳيان صورت پيارن جي اڄان
ڪين ٿي وسري ڪچهري قربدارن جي اڄان

١- چا نه محفل جو مزو هو چا نه محفل هئي جنين
نقش سيني ۾ ملاقات آهي يارن جي اڄان

٢- جن کي تو سمجهو ٿي پنهنجو سي پيي پنهنجا ڪين ٿيا
ٿي ڪرين ڪهڙي تلاش اي‌دل سهارن جي اچان
٣- دور هھ-ڙي ۾ ڪپ-ن دانه-ن ڪرڻ وارا دلير
ڪهڙي آهي گهرج باقي بردبارن جي اچان
٤- پاڻ کي ڏاڍو سياڻو سمجهي تو سيڪو مگر
پرک ڪنهنکي‌ڪانهي‌ڪا اچن ۽ ڪارن جي‌اچان
٥- وقت ويا گذري ڇڏي،ويا سار ساٿي وقت جا
پر نہ "دادن" ٿي ڇڏي؛ ڇو ياد يارن جي اچان

ڪيو جوان آهي "دادن"

سون تي محبوب مهربان آهي
قربدار آهي قدر دان آهي
١- ٿي قضا پنهن جي پاسبان آهي
خود مقدر پيي رازدان آهي
٢- ڪين ڊڄجي تو ڪنهن مصيبت کان
منهنجي اڱيان ڇا آسمان آهي
٣- ڪر نصيحت نہ مونکي اي ناصح
منهنجي دل جو جدا جهان آهي
٤- درد وارو پڙهي مري ويندو
اهڙو دردن جو داستان آهي
٥- احدر پيري ۾ مونکي اي "دادن"
عشق هن جي ڪيو جوان آهي

غزل عشقيه "دادن"

وساريندس نه اي دلدار توکي دم ڏيڻ تائين
ٻيو ڏيندس غلامي تنهنجي در جي مان مرڻ تائين
١- نه ڪرڪا بدگماني ڪا به منهنجي آزمائش ۾
پر ٢ ل توساڻ آهيان زهر جي پيالي پيڻ تائين
٢- بچڻ جو آسرو ڪونهي وري ٻيو آ خدا مالڪ
حياتي من ڏکهي تي پئي سڄڻ تنهنجي ملڻ تائين
٣- اگر سڪرات ۾ هوندس تڏهن ٻي آس تنهنجي ۾
اکيون در ڏي سڄڻ سائين ٻيون ڏسنديون ڏسڻ تائين
٤- ڪري ايلاز آزيون ميڙيون وجهندس توکي پرچائي
ڇڏيندس ڪنهن به صورت ۾ نه مان توکي رسڻ تائين
٥- اشارن ۽ ٿون ٿي سمجهي حڪم تنهنجو مان ڪندس پورو
منا سائين چرڻ ڏيندس نه چپ تنهنجا چوڻ تائين
٦- پري ڪان ٿي پلي ڇڏڪينڪي تون پنهنجي "دادن" کي
خدا جي واسطي ڇڏ تون پرين پيرين پوڻ تائين

غـــزل

منهنجي ننڊ وئي آرام ويو تو ڇي چاهي ڪيو
مونکي بڌاء تہ صحيح
آهـــي رحـــم جـــي قابـل حـــال سنـــدم
منهنجـو ڪرڪو هينئر حياء تہ سهي
١- منهنجي لحم کي ڪاٽ تون ڪباب ڪـــري
منهنجي خون کي پيءُ تون شراب ڪري

منهنجو مارڻ سمجهه ثواب ڪري ڏس بدلي جفا
جي وفا تہ سهي

٢- تنهنجي طالب گهٽيري تات اٿم تنهنجي وائي سڄڻ
سائين وات اٿم

جهڙو ڏينهن اٿم تهڙي رات اٿم تون پيي ڪڏهن نہ
ڪڏهن مون ڏي آ تہ سهي

٣- تو کي عجيب چوان تو کي مجيب چوان تو کي
حفيظ چوان توکي حبيب چوان

تو کي حڪيم چوان تو کي طبيب چوان، منهنجي
درد جي ڪرڪا دوا تہ سهي

٤- تنهنجو "دادن" آ دربان سڄڻ تنهنجي قدمن تئون
قربان سڄڻ

ڪر عاجز تي احسان سڄڻ سڻ سائل جي ڪا
سدا تہ سهي

مطلب جو زمانو آ "دادن"

پنهنجو نہ رهيو پنهنجو هر ڪوئي بيگانو آ
دنيا بيوفا آهي مطلب جو زمانو آ.

١- صدبار وڃان صدقي سڄڻن جي ادائن تئون
ڪنهن تي نہ نظر پئي تي چارعب شهانو آ.

٢- احوال پڇي مونکان ڪوئي نہ محبت جو
عبرت جي ڪهاني آ حسرت جو فسانو آ.
٣- ڪنهن کي نہ بقا آهي هر چيز فنا آهي
ڪو صبح روانو آ ڪو شام روانو آ.
٤- ياراني جو اي "دادن" يارن ۾ مزو ڪونهي
ڪلفت جو تماشو آ الفت جو بهانو آ.

بيت "دادن"

ساهہ وڃي ٿو سرتيون جيڏيون جانب ري،
هنہ چا ڪري هيءَ، هيءَ ڪيئن پهچي هوت کي

ڪلام "دادن فقير"

جانب يار ڪري ويو جوڳي در در بين وڄايان مان
نانگ ڪچي ڳل ويڙهي سيڙهي خاڪ لڱين سر لايان مان
١- ٿرن برن جهر جهنگلن ۾ ڏونهيون روز دکايان مان
٢- گيڙو رتڙا پائي ڪپڙا ڪن ۾ ڪنڊل پايان مان
٣- "دادن" درد ڏجهو هي دل جو ڪنهنکي سور سڻايان مان

قطعہ "دادن"

زر مال زن زمين ڇڏي ويندين اي ادا
ٿيندا جي هي چار ئي توکان جدا جدا
خوشحال زر پرست کان بي زر آ حق پرست
زر هن جو آ خدا ۽ آ هن جو خدا خدا

بيت "دادن"

رڳيءَ سپرين سرتيون کهه پيو کائڻ ڪاڄ
رسي سارو راڄ، مونکا راهه ۾ رسي هيڪڙو

عجب دور "دادن"

ڪهڙو نه آيو آهي عجب دور دنيا جهان
ڪولي نه راز دل جو تو چپ آهي رازدان

١- ڪاڏي ويو عندليب ۽ ڪاڏي ويو باغبان
گل جو عروج ڪاڏي ويو ڪاڏي ويو گلستان

٢- ايجاد آهي غيرت قدرت جي بي مثال
فصل بهار ۾ ٿيو ويران بوستان

٣- اهڙي ڪا اڻ مندائتي ظالم هوا لڳي
دليون ڦري ويون هرڪو آهه ڪيئي ۾ بدگمان

٤- بيتر چئبو ڪنهنکي مخاطب ٿي ڪينکي
اندازه تلاش ۾ ڪونهي ڪو قدردان

٥- سيڪو آ پورو پنهنجي ئي پورن ۾ "دادنا"
ڪنهنکي ٻڌايان مان وڃي دردن جو داستان

سنگتي سارن - ڪلام "دادن"

پيچ وٺن ڪان سور پکين جا جي وريا ڪين وهيري
١- سنگتي سارن راهون نهارن هو موٽن پاڳن پيري

٢- پکڙون پيرا چڏيئون آکيرا ويا ساجهر ويل سويري
٣- ماريءَ ماريا ڳاريءَ ڳاريا آيا ڪين اويري
٤- "دادن" دامِ دل وارن جا ويا جيرا جلائي جيري

قطعه "دادن"

هر بشر آهي مسافر در سفر هر صبح و شام
موت ان جي آهه منزل موت بعد انجو قيام
عارضي آهي رهڻ هت خواب وانگي "دادنا"
ڪو نه ڪو ڪنهن ساڻ هوندو هر جليس ۽ هم ڪلام

بيت "دادن"

سورن پريون ساٿون دردن پريا دم
ويندا غم الم، ايندا ڏينهن سهاڳ جا

بيت "دادن"

سورن پريون ساٿون صديون پانيان سال
ٿوريون تينديون شال، ورندا واءَ وصال جا

پنهنجي چهري صفا ڏي ڏس "دادن"

اي دلربا تون ڪينڪي منهنجي خطا ڏي ڏس
مون ڏي نه ڏس تون پنهنجي خدارا خدا ڏي ڏس
١- خنجر ڪٺين ٿو سر گهرين ٿو نهڪر نٿو ڪريان
منهنجي وفا ڪي ڏس وري پنهنجي جفا ڪي ڏس

٢- تي سنگدل نہ تنگ تون ناقص غلام سان
ڏس منهنجي ڏاڙهي ڏي ٿون پنهنجي چهري صفا ڏي ڏس

٣- پرواهہ ڪر نہ ڪنهن جي پردي حجاب ڪن
نڪري ٿون ٻاهر ڪينڪي خواري ڪلا ڏي ڏس

٤- ڏس مصطفيٰ ڏي ۽ عليٰ المرتضيٰ ڏي ڏس
بس چپ چوان مان توکي شہ ڪربلا ڏي ڏس

٥- جنت ۾ خطا ڪئان نہ آدم بچي سگهيو
"دادن" ڏي ڏس تون ڪينڪي بس ڪبريا ڏي ڏس

بيت گڏ ٿيندا سين

اج تار جي رستي يار ڏهون سڌ آئي عاشق ٠ايندا سين
گڏ ٿيندا سين
چاهي گهٽي رک الله تي ڪين ڏڪ ڪان ويندا سين
گڏ ٿيندا سين
اڳيان پويان احوال ڏکارا هڪبئي کي سب ڏيندا سين
گڏ ٿيندا سين
"دادن" تو ڏهون ماڳ محبت وارو ڪين مٽيندا سين
گڏ ٿيندا سين

غزل - نہ ٿي وٺي "دادن"

ني درد هن زماني جي الفت نہ ٿي وٺي
فرقت ۾ يار جي مونکي فرحت نہ ٿي وٺي

١- ڪاوان جيئن ٿو صدما تيئن اڳتي آهيان
کهڙي بہ مونکي ڪنهن جي نصيحت نہ ٿي وٺي

٢- ڪاڏي ڪبو اگرچ ڪٿي سون جو هجي
بدچال ماڻهو جي مونکي صحبت نہ ٿي وڻي
٣- ڪڏهين ڪري ٿو پيار ڪڏهين ڪري ٿو عار
شايد سڄڻ کي منهنجي طبيعت نہ ٿي وڻي
٤- سرهو ڪڏهن آ ڪڏهين آ ارهو اي "دادنا"
مونکي بہ يار جي اها عادت نہ ٿي وڻي

بيت "دادن فقير"

اکيون اکين جهڙيون نظر نہ نگاهہ
پرين منجهہ پساهہ، گهلا گولن ڪينڪي

قدر نيٺ تہ ٿيندو "دادن"

هن شام غريبان جو سحر نيٺ تہ ٿيندو
ڪجهہ منهنجي ٻيي دانهن جو اثر نيٺ تہ ٿيندو
١- اميد جي گلشن ۾ ثمر نيٺ تہ ٿيندو
آباد ڪڏهن دل جو ڪلر نيٺ تہ ٿيندو
٢- هيئن هوندا هميشہ نہ جدائيءَ جا زمانا
گهر منهن جي ۾ دلبر جو گذر نيٺ تہ ٿيندو
٣- پيمانہ ڀري ساقي پياريندو هٿن سان
ميخانہ ۾ مئہ ڪش جو قدر نيٺ تہ ٿيندو

٤- اشراف اگر قرب ڪجر ساڻ ڳنڍيندو
آهستي سو آهستي ڪجر نيٺ تہ ٿيندو

٥- ٿيندو نہ ائين جيئن ٿي رهيو آهي اي "دادن"
هي زور زبر زير ۽ زبر نيٺ تہ ٿيندو

غزل- بي رحمي نہ ڪرين ها

اي منهنجا سڄڻ ايذي بي رحمي نہ ڪرين ها
تنهن کان تہ چڱو مارين ها زخمي نہ ڪرين ها

١- هيئن بعد ۾ ٿيڻو هو اگر بيوفا توکي
بر وقت نگاهن ۾ تون نرمي نہ ڪرين ها

٢- هاڻ پي ڪرين پيو ڀري نهڪر پي ڪرين تو
هي رسم محبت ۾ بي رسمي نہ ڪرين ها

٣- رغبت نہ ڪرين ها ڪهين اغيار سان هرگز
"دادن" جو بدن ساڙي تون بسمي نہ ڪرين ها

قطعہ "دادن"

زندگي چاجي هي چا جا مشغلہ
زندگي کهڙي سا جنهن ۾ زلزلہ
دوُر زاغن جو اچي ويو در چمن
ويا اڏامي بلبلون ۽ بلبلہ

دل جان آ

منهنجي ستائڻ يار کي آسان ٿي آسان آ
منهنجي هميشه خون جو خواهان ٿي خواهان آ

١- جنهن ڏينهن لاکون ٿيو جدا مونکي وٺي تنهن ڏينهن کان
ڏاڍو اڃان سوڌو اٿين ارمان ٿي ارمان آ

٢- دل سان گهٽايو ڪين مون زوري هٿن مٿون دل وٺي
منهنجي سڄڻ پنهنجي ڪئي دل جان ٿي دل جان آ

٣- ڪيڏو پيي سمجهدار ۽ سياڻو ڪٿي هجي ته پيي
عاشق اڳيان معشوق جي نادان ٿي نادان آ

٤- دل بي بها هڪ چيز آ سوچي سنڀالي دل ڏجي
پاڻهين وڃي ڳل ۾ پوڻ نقصان ٿي نقصان آ

٥- ڪن وٽ گهڙي ڪن وٽ پهر ڪن وٽ مهينو سال ڪن
مون وٽ فراق دائما مهمان ٿي مهمان آ

٦- افسوس آهه "ڏادنا" هيڏي پري جهان مان
منهنجي اميدن جو چمن ويران ٿي ويران آ

قطعه

پسر پدر سان ۽ ياءُ ياءُ سان لڙيو پيو آ
وڏي خساري ۾ هر آدمي اڙيو پيو آ
ذڪر ويو پنهنجي محبت جو ڏاڍو اي "ڏادن"
بڌايان ڪهڙي حقيقت اندر سڙيو پيو آ

قطعہ

عجيب رنگ زماني جو واه واه آهي
نہ عادل آهي نہ قاضي نڪو گواه آهي
ڪمال ڪيڏو نہ پنهنجي وفا جو آ ”دادن“
جو بي وفا ۾ پي اُميد خامخواه آهي

قطعہ

محفل ڏٺم سڄڻ جي اجلاس جو نمونو
چهرا ڏسڻ ۾ آيا راڪاس جو نمونو
اعلان ٻر زماني جهڙ سير آسماني
ٻنجي زمين پئي آ آڪاس جو نمونو

عارضي انداز آ

زندگي فاني تي ڪهڙو ناز آ
زندگي خود موت جو آغاز آ
١- ڪونہ ڪو ڪنهن ساڻ هوندو هم نشين
گڏ رهڻ جو عارضي انداز آ
٢- آدميت ۾ رکيل ڪو راز آ
ڪنهنجي صورت ڪنهنجو هي آواز آ

٣- جيڪڏهن حامي خدا آهي ته پوءِ
بي پرن جو عرش تي پرواز آ

٤- لطف محفل جو نه رهيو "دادنا"
مئي نه ساقي ۽ نه ساغر ساز آ

بيت

ڏسڻ ساڻ ته ڏيهه ڏنئي پر ڏسڻ ڏنئه ڪين
عقل جا امين، ڏسين تــــه ڏس ڏسڻ ڪي

خواب هيو

جيڪي گذري ويو سو خواب هيو
چڻ آب مٿــــانهون حباب هيـــو
ڇـــا بچپــن وارو بـــاب هيـــو
نـــه گناه هيو نـــه ثـــواب هيو
نـــه حساب هيو نـــه ڪتاب هيو
نـــه ســوال هيو نـــه جواب هيو
ڪيڏي برهه جي بارش باري هئي
ساري خلق جي سر تي خواري هئي
ته به يـــار جي مونسان ياري هئي
نـــه آزار هيو نـــه عـــذاب هيو

کھڙيون وصل جون لتبيون راتيون هيون
کھڙيون پرهيم ڦتيون پرپاتيون هيون
گڏ چاتين سان ڪيئن چتيون هيون
نہ حجاب هيو نہ نقاب هيو

کھڙا "دادن" دلبر يار هيا
کھڙا ماٺھو مٺيا دار هيا
کھڙا قرب هيا کھڙا پيار هيا
چا شوق هيو چا شباب هيو

ڪافي ، وڄهہ ڌ ڪهاري

چنڊ عار هر بار ڪر زار زاري
ٿيندءِ وار هڪ وار ڪندئي مار ماري

١- راضي ٿيندو ڏيب ڏيندءِ گھوٽ ايندو گھر ۾
نال نيندو وٺيون ويندو نہ چڏيندو بر ۾
جهاتيون پائي وانديون ناهن ديدو آهن در ۾
ڪيئن يار دلدار ڪندو دار ڏاري

٢- اکيون ڪول اتي گھول پنهنجو ڏول جاني
وٺ تنهنجو در سهنجو ڪونهي جنهنجو ثاني
هي هار سينگار پچا پار فاني
پاڻ پل جهولي جهل وڄهي گل گاري

۳- هوندئي تخت نڪي بخت اٿئي سخت سوڙهي
هتان ويندين ڪين ايندين ڳري ٿيندين ڳوڙهي
ويهه نہ لڪي هل جهڪي پڇ ٻڪي ٻوڙي
اٿ جاڳ ٿيءُ سجاڳ اڳئي ياڳ پياري

۴- ڏي تــن ۽ مــن "دادن" گهــوري
ڪِڍي ٻڪ سٽــي سڪ هــل ڏک ڏوري
پنــڌ چاهــي پري ناهــي پريــن آهہ اوري
ڏاڍا ڏر نہ ير ڪر نہ وڃہ گهر نہ گهاري

بيت

ڏسين ڇا تو ڏيهہ ڪي ڏيهہ نہ رهيو ڏيهہ
ٻئي هنڌ وڃي ويهہ، ويهہ نہ ڏنگي ڏيهہ ۾

بيت

ڏيهہ اهوئي ڏيهہ، پر ماڻهو ڏنگا ڏيهہ جــا
اتيئــي پلــي ويهہ، ويهہ نہ ڏنگــي ڏيهہ ۾

بيت

جيٺري جند ڇڏائجــي مرٽا اڳــي مري
موٺي ملندو ڪين ڪي ههڙو وقت وري

بيت

سور پرين جا سرتيون سينگاريَ سانديام
ڏيهه مَ ڏيکاريام، پوءِ رکيم پساهه ۾

سرائڪي ڪافي- ڪونج ولر دي

مٿين هان پردي تئين دلبر دي نوڪر تيڏي هر نوڪر دي
درد نہ جاڻي دنيا بي دردي، تئين بن ساڏي مول نہ سردي
قسم هي تيڏي سوهڻي سر دي
اکيان تيڏيان پڙ ڇوان پالي، مر ويندي هن ويکڻ والي
ڪو نہ سهي رات نوڪر نظر دي
لنبيان اميدان جيوڻ تولا، ڏاڍي ملڻ دي لوڙ هي پولا
لوڙ نهين ڪائي زر دي گهردي
روندي "دادن" رات گذاري، ايوين پوڪاري جيوين پوڪاري
وڇڙي نکڙي ڪونج ولر دي

بيت مذاقيہ. "دادن"

ڪرڻ وارا هڪڙا تہ پڙڻ وارا پيا
اهڙن انسانن جا تورا ڏينهن نہ ٿيا
پتر وڃي پيا، ليچ لڪايون ڪينڪي

غزل "دادن فقير"

دلدار بنا ڏار گـذاري نہ سگهان تـو
تنهائي ۾ دل پنهنجي ڏتاري نہ سگهان تو

١- يا پاڻ وڃان يا ڪا منجان ميڙ سچڻ ڏي
هڪ جاء تي مان راء بيهاري نہ سگهان تو

٢- وٺگ آهہ پريل يار جي اکڙين ۾ غضب جو
نظرن ۾ وجهي نظرون نهاري نہ سگهان تو

٣- پونڪي پيو پلي مونتي ڪتو يار جي در جو
هٿ پنهنجو ادب کان مان آلاري نہ سگهان تو

٤- ناراض متـان ڪو ٿئي محفل ۾ خدارا
پيتي کان پو مان پاڻ سنڀاري نہ سگهان تو

٥- مدهوشي جي حالت ۾ پيي اي "دادنا" هرگز
مان ياد صنم دل تئون وساري نہ سگهان تو

"نظم" شيطان کي

ستائي تـو انسان انسان کـي
نہ سمجهي، تو نقصان نقصان کي

١- جڏهن ويچ خود پاڻ بيمـار آ
چئون ڇا جو درمان درمان کي

٢- شريف آدمي کي نوازي نئو
نوازي ٿو شيطان شيطان کي

٣- ڏنو پٽ ڇٽي جو اجهو ٿو اچي
ڀڏائي ٿو دربان دربان کي

٤- ڏٺم کنهنجي اوطاق ۾ "دادنا"
سهي پيو نہ مهمان مهمان کي

بيت

گهوڙا ڙي گهوڙا سات وڃي ٿو سرتيون
جنهين سان جوڙا، سي سڄڻ سانگ سڏائيان

غزل گهر سان

لڳائي دل مان وينو آهيان نوخيز دلبر سان
بلا سان باهہ سان قاتل سان شعلۂ سان ستمگر سان

١- جنون عشق کان جيڪر ڇڙان منهن ڏئي وڃان هيڪر
ڪوهستان سان بيابان سان هوا سان بحر سان بر سان

٢- وصال يار ڏاران ڪين ٿي سيماب دل وندري
ڪنهن محفل سان چمن سان چانڊني سان شهر سان گهر سان

٣- آها مونکي خبر آهي لڳت جيڪا لڳل آهي
ڪليجن سان جگر سان قلب سان ۽ ساه سان سر سان

٤- ڪري ويو شوخ مونکي نيم بسمل تيز ابرن جي
تير سان تيغ سان تلوار سان ڪرپان سان خنجر سان

٥- سندس جي سرخ چشمن جون پسي پنبڻيون چيم سر ويو
چري سان تير سان پيڪان سان نيزي سان نشتر سان
٦- سڄڻ جي حسن تابان کي ڏيان تشبيهہ مان ڪهڙي
ثريا سان قمر سان شمس سان شيشي سان اختر سان
٧- نہ آهي ننڊ ساري رات ٽڪر ٽـو وتان هٽندو
پلنگ سان بستري سان فرش سان ديوار سان در سان
٨- رهائي آءُ رن ۾ ويـو هليـو دلدار "دادن" کـي
محبت سان مزي سان ناز سان ۽ ڍنگ سان ڍر سان

بيت

انـدن ۽ انـدوڪار سڄـن لـڌو سوجهرو
پيادا وڃي پار پيا سنبريـا ڪين سـوار
سهڻين ساٿ وڃائيو ڪوجهين پاتا هـار
"دادن" ڏاڍين لاءِ ڏڪار، ڪيو هيڻين هٿ حبيب ڪي

بيت "دادن"

جهڙي تهڙي حال سين هيناهين هلجي
جهڙو ملي جنهنڪان تہ جهول وڏو جهلجي
پاڻ ڪٽي پلجي، ڏيهہ نہ ڏوراپو ڏجي

پيرن ڪئون پير وٽ   دادن

جهڙو ملي جي توکي تهڙو تـون خيـر وٽ
دل کي تون ڪر ڪباب اهو دل ڪئون وير وٽ

١- نڪري وڃني نہ سات آئـي گهٽ ۽ گهير وٽ
ٺئـي بنـد ٿـي بزار تـون سودو سوير وٽ

٢- ونجارا وڃ ونجي تـون موتين جـو ڍيـر وٽ
آنو ڪتـي ۽ آنـي جـي بدلي ۾ سير وٽ

٣- ٻڌ هيـر وانگي هٽ پيـو رانجهن بغيـر وٽ
سسئي جان ڇڏ پنهور ڪـي پرڊن جو پير وٽ

٤- اميد رک وفا جي نہ ڪر عقل ۾ ڪـڏهـن
"دادن" ادا چريو ٿي نـہ پيرن ڪـان پير وٽ

بيـهت

ٻوڙي ڀڃان ٻڪ، سات وڃي ٿـو سرتيون
ساهہ جنهين سان سڪ، سي سڄڻ سانگ سڏائيان

"نظم"   اي دادن

آهيـان ناتوان مـان اي دادن
ڪنهن جي وچ ۾ پوان اي دادن

١- قابو آهيـان قفس ۾ مدت کـان
لات کهڙي مان لنوان اي دادن

٢- راڳ نئون آهہ ساز نئون آهي
سر بڌان ٿو نوان مان اي دادن
٣- علم ٿيو جذب جاهلت ۾
ڪنهنکي عالم چوان مان اي دادن

قطعہ

مان ڪنهن وانگي چمچو چغاچور ناهيان
مان حق چوندو آهيان گلا خور ناهيان
سچائي چڏيو آ ٠ون سيڪنهن کي ”دادن“
مان انسان آهيان ڏڳو ڍور ناهيان

اهو شعر شاعر چوڻ بند ڪر — دادن

سٽا ڪر سچائي سمهڻ بند ڪر
تون غفلت ۾ پنهنجو هجڻ بند ڪر
١- وڏي وير ٿو واقفيت منجهان
گهڻو اڄ گهٽن سان ملڻ بند ڪر
٢- نہ راحت رسي روح کي جن وٽان
وري در انهن جي وڃڻ بند ڪر
٣- سياڻو آ اڄ سيڪو دنيا اندر
چرئي کي چريو پيو چوڻ بند ڪر
٤- غلامي ڏي اشراف جي صدق سان
ڪميني کي پيرين پوڻ بند ڪر

٥- پڙهين ۽ عمل ڪين ان تي ڪرين
انهي ڪان تہ بهتر پڙهڻ بند ڪر
٦- برايون تون ڏس پهريان پنهنجون عزيز
پرايون برايون ڏسڻ بند ڪر
٧- بيغيرت جي جائز نہ آهي نماز
بيغيرت سان ڪائڻ پئڻ بند ڪر
٨- جيغيرت جو مادو آ تو ۾ اگر
تہ گهر واريجو تون گهمڻ بند ڪر
٩- سڌا ئين تو الله وارو تہ پوءِ
مريدن ڪان پهريان پنڻ بند ڪر
١٠- جو پئسي جي خاطر وڃائي وقار
انهي سان رشتو رکڻ بند ڪر
١١- محمد جو آهين اگر آمتي
تہ ڏيءَ ڏوڪڙن تي ڏيڻ بند ڪر
١٢- خدا يا تون اڄ پاڻ ڪاليج اندر
ننڊين نينگرين جو نچڻ بند ڪر
١٣- گهٽا چوندا هوندا ائين دل اندر
اِهو شعر شاعر چوڻ بند ڪر
١٤- اجايو نہ ڪنهن تي ڪاو خوامخواه
بي معنيٰ بي لذت ڪلڻ بند ڪر

د ١ـ دلي حال ڪنهن سان نه ڪر دادنا
خبر بي خبر ڪان پڇڻ بند ڪر

قطعه

ڇا ٻڌايان حال دل جو مان منو
جيڪي ٿيو سو ڏاڍو ٿيو سهڻو سنو
قوم اهڙي سان ٿو رهجي دادنا
ڪربلا ۾ پير جن پنهنجو ڪنو

ميمبر ڏيو ته ڇا ٿي پيو

حقيقت جي چوڻ کان ڪو جي منڪر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
سهي وڇيو جي عادل پي ستمگر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
١ـ لٽائي صاحب زر ڪين ڪي ٿو راهه مولي ۾
اندي وت مال دنيا جو ميسر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
٢ـ ڏسي خوش ٿي نه اي زردار پنهنجا محل ۽ ماڙيون
اگر درياءَ وهندڙ جي مٿان گهر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
٣ـ ڪپي ٿي آدمي ڪي پهريان اخلاق جي دولت
ڪچر لاهور جو ڪيڏو تونگر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
٤ـ اسانجي قوم غافل ڪي نه آهي قدر ماڻهن جو
ڪميٽو ووت ڪوڙي تي جي ميمبر ٿيو ته ڇا ٿي پيو
٥ـ اي دادن آ حڪومت مستقل الله اڪبر جي
هتي ڪو ٿوري عرصي لاءِ افسر ٿيو ته ڇا ٿي پيو

غزل نوڪر وري وري

اج مونکي ياد تــو پوي دلبر وري وري
برپا ٿئي ٿو منهنجي ڪان محشر وري وري

١- هاڻو ڪري ٿو پوء ڪري نهڪر وري وري
ڏاهيون ٿا مس ڏهي ٿو پوي گهر وري وري

٢- ڪهڙي مجال آ جو مجان حڪم ڪين ڪي
خدمت ۾ حاضر آهيــان نوڪر وري وري

٣- مان ٿو وري وري ڪريان ايلاز آزيـــون
هو ٿو وري ڪنيون اچي خنجر وري وري

٤- صدما خدائـــي جا ڏئـــي صدبار "دادنا"
سڙي تـــو ساهه منهنجو ستمگر وري وري

بيت

ڪيڏو ڪچان ڪين ڪي نچو لچ مران
ڏٺيو ڏڪالهه ڳران، تہ جا مون چوندا سپرين

غزل ريءَ موت جي رخصت ڪرڻي آ

اڄ ٻئي تي پاڙڻ غفلت آ اڄ پنهنجي همت ڪرڻي آ
هن دوزخ جهڙي دور اندر ڪا پيدا جنت ڪرڻي آ

١- ڪو لطف نہ آ ڪو آنس آ ڪو پيار نہ آ ڪو يار نہ آ
بس عادت جي مجبوري کان مجبور محبت ڪرڻي آ

٢- لوهر جو دڪان آ دنيا سجي ويهڻ سان اچي چٽنگون ٿيون پوَن
ماحول جي حالت اهڙي آ نادان سان رغبت ڪرڻي آ

٣- ڪنهن ڏي نه وڃڻ دل چاهي ٿي ڪنهن سان نه ملڻ دل چاهي ٿي
بيڪار بيدردي محفل ۾ لاچار ڪان شرڪت ڪرڻي آ

٤- اي دادن هاڻي پڇبو مري ڏسبو نه اڪئين اچبو نه وري
هڻ هر جي آزارن ڪان ري ٿموت جي رخصت ڪرڻي آ

فــــرد

اچوڪي وقت جي ياري آ جڻ اونداهه ۾ دونهون
ڏسڻ ۾ ڪين! اينـــدو آ مگر محسوس ٿيندو آ

غزل ڪو ها ڏو ڪري ڪو نه ٿو ڪري

گل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن
ڪو هاٿو ڪري ڪونهه ٿو ڪري
هڪڙا ٿا هسن هڪڙا ٿا رسن
ڪو ها ڏو ڪري ڪونهه ٿو ڪري

١- ڪو رقص جي حالت ۾ آهـي
ڪو وجــــد جي حالت ۾ آهي
ڪئي آهـــي شروع پڪوا ز پنن
ڪو هاٿو ڪري ڪو نهه ٿو ڪري

٢- ســــو ســـــور سهي آزار سهـي
گل خاطر گل جـــــا خار سهي

زخمي ٿـــي پيو بلبل جو بدن
ڪو هاڻو ڪري ڪو نهہ ٿو ڪري

٣- مرِ باغ ۾ لطفِ بهـار هجي
گلـــزار هجي گڏ يـــار هجي
ڪهڙيءَ طوطا پکي تا لائيون لنون
ڪو هاڻو ڪري ڪو نهہ ٿو ڪري

٤- هڪ ڏينهن نہ هوندو گل ۽ چمن
رابيـل رتـن سوسـن ۽ سـمـن
رهـندو نـہ سلامت شاخ ۽ پـن
ڪو هاڻو ڪري ڪو نهہ ٿو ڪري

٥- ڪري ”دادن“ هار سينگار نوان
اکين جي اکيان خونخـوار نوان
گهمندا تـا وتن سڀ سيـم بـدن
ڪو هاڻو ڪري ڪو نهہ ٿو ڪري

بيت

ٿاهي ٿاهہ ٺڳيءَ جو متان ٺڳيءَ نہ وڃني ٺڳ
پسي اچي پڳ، متان پلجي پائيچارو ڪرين

ڪبو يار پيو پي

اڃان دل چوي ٿي ڪبو يار پيو پي
وري دنيا ۾ ونبو آزار پيو پي

١- اڳي پي پيتوسين وري پيئبو هاڻي
پريل زهر جو جام تمتار پيو پي

٢- ٿيندي ليليٰ وانگي ڪا بي پي جهان ۾
ٿيندو مجنون وانگي ڪو نروار پيو پي

٣- ليي پوندو ڪاٿون نہ ڪاٿون اي "دادن"
اڳئين جهڙو خونخوار دلدار پيو پي

قطعہ

حسن تنهنجي ۾ هيو ڏاڍو شرافت جو گمان
پر اي سهڻا تون تہ ڪو هئين ٺانگ سهڻو بي زبان
پيا تہ چڏ پر مند وارن، ڪي بہ تو ڪائي وڌو
ويا وڃائي ڪيئي مرليون تو اڳيان جو ڳي جوان

بيت

سرتيون آهيان سيني ۾ آءٌ هيٺين ڪان هيٺي
پر جي ملن مپرين ٿيان پٺين ڪان پيٺي
ويرم وهيٺبي، جيئسري آهيان جڳ ۾

نڪ ۾ ڦاي پوي

دلبر سچو رهي ته حقيقت ڪلي پوي
ن وصل جو ڪو واءُ گهڙي ۾ گهلي پوي

١- ڏسجي انهي ڪي رستو جو رستو پلي پوي
ڇا لاءِ ڪو غريب اجايو رلي پوي

٢- ڪجهه بي نظر ۾ نه آ معشوق ڪانهوا
عاشق جي گرچه سر تي ڪٽي ڇٽ جهلي پوي

٣- ڇاهي پري يا حور اڳيان منهنجي يار جي
سرمو پوي اکين ۾ ۽ نڪ ۾ ڦلي پوي

٤- دلبر سواءِ ڪين رهي دل تي "دادنا"
هر جاءِ هاڪ يار اسان جي هلي پوي

بيت ڦدو مال ڦبائي ويو

ڦدو مال ڦبائي ويو ڏندن وارو وينو ڏسي
مرضي هائي ڦدي جي ڦاٽي ٽوڙي ڦسي

عشق ڪان هوا جڻ ڪور پور آ

تدبير ڪم نه تي ڏئي تقدير زور آ
منهن جي تباهي لاءِ مقدر ڪي شور آ

١- گم تي وئي ڇو اڄ منهنجي دل جي اور آ
شايد ته هي لڳل ڪو گهرو گهر جو چور آ

٢- معشوق ڪي هيانو تي عاشق ٿيو تور آ
عاشق ته بي سندس جي مٿان اور گهور آ

٣- عاشق تيئن مان يار تي آهيان اي دوستو
عاشق چون ٿا جو جيئن چنڊ تي چڪور آ

٤- مان ڇا چوان ٿو ڇا هو چوي ٿو مان ڇا ڪريان
ڪهڙو نه ڏس ته اڳيون به سمجهڻ جو مور آ

٥- غافل نه لطفِ عشق کان رهجي اي ”دادنا“
انسان عشق کان سوا ڇڻ گـور ڍور آ

قطعه

ڪنهن خار کان مئخانه مئون مه خوار اٿي ويا
محفل مئون منـا ماٺهو مزيدار اٿـي ويـا
اٿڻا نه هيا جيڪـي ُسـي لاچار اٿـي ويـا
ڪي سچ چـوڻ وارا گنهگـار اٿـي ويـا

چشمن ۾ مسيحائي

ياس پيي درد پيي پيي خلق جي رسوائي پيي
ٻئجي پس ڇريو پيي مستانو پيي سودائي پيي

١- تنهنجي مرضي توڙ تسين شوخي سان يا نرمي سان
موت پيي تنهنجي آ چشمن ۾ مسيحائي پيي

٢- ٿيندو انصاف ڏسڻ جهڙو قيامت ۾ تـڏهـن
رب اڳيان ايندو جڏهن ٻڪرو پيي ڪاساٽي پيي

٣- آهيان روز ازل کـان مان وٺـي اچ سوڏو
تنهنجو عشاق پيي مشتاق پـي شيدائي پـي

٤- ڇاڇوان ڪنهنکي قصور آهہ نہ ڪنهنجو "دادن"
مون تہ دل هٿ سان ڦرائي ڀي ۽ ڦاسائي ڀي

قطعہ

دوست غافل جو نہ عاقل غم ڪري
ڪم چوي ڪنهنکي نہ پنهنجو ڪم ڪري
عارضي ٿوري جيئڻ لئہ "دادنا"
اهنجو سهنجو پورو پنهنجو دم ڀري

ڏور ڏيري جي

منزل کي ڪڏهن پهچندي هي ۽ ڏور ڏيري جي
هڪ بيوسي ٻي سر تي ڀري بار ڳري جي
١- حالت نہ پڇو مون کان ڏسڻ جهڙي نہ آهي
دل ۾ تي ٻري باهہ جا چڻ باهہ ڪري جي
٢- آسان آٿو جيڪي ڪجي سڀ تي سگهي ٿو
پر آهہ ضرورت رکو همت جي ذري جي
٣- بجلي جي جهلڪ ڇاهي انهي کان بہ زياده
ماري تي سڄڻ واري مونکي ديد پري جي
٤- مونکي پيو ڪپي ڇا پيو خدا کان ڇا گهران مان
جي خاڪ هجان يار جي جوتي جي تري جي
٥- ڪو ڪو تو هزارن مان بچي "دادنا" اڄڪلهہ
قسمت جي سٽي آهي ڪنهين بخت ڀري جي

وفائون ڪري ڪري

وٺي عمر پنهنجي گذري وفائون ڪري ڪري
ويٺاسين غم پرائي ادائون ڪري ڪري

١- انصاف پيو پلئه نه پچائون ڪري ڪري
خالي ويو سوالي صدائون ڪري ڪري

٢- ناسور نيهه جو نه ڇٽو ڪنهن علاج سان
ٿڪجي پياسين نيٺ دوائون ڪري ڪري

٣- زنده اسانجو عشق آ مرٽو نه آ ڪڏهن
ويندو مري رقيب گلائون ڪري ڪري

٤- دل پيي ڏنم جگر پيي ڏنم جان پيي ڏنم
آيس نه باز اهڙيون خطائون ڪري ڪري

٥- مر بد دعا هو مونکي ڏئي "دادنا" مگر
ويندس نپائي مان ته دعائون ڪري ڪري

نظم گل جو پن پلو آ

منافق دوست ڪان دشمن پلو آ
سڄي ڪان ڪن وچي سو ڪن پلو آ

١- لپي چيني جو جاتي ڪين تاتي
ذڪر جو تنهنڪري برتن پلو آ

٢- ٿو گل پئجي ته ٿئي ٿو شور پيدا
پري ڪان يار جو درشن پلو آ

٣- ڏئي جو ڪينڪي خوشبوءِ "دادن"
انهي گل کان تہ گل جو پن پلو آ

غزل ڦهڪار سهبا

تبو عاشق تہ سر تي عشق جا سو بار پيي سهبا
ڪبي جي گل سان گستاخي تہ آخر خار پيي سهيا

١- ڪنهين جي ڪان ٻي دردن جا طبل تڪرار پيي سهبا
خوشي سان سور ۽ سختيون الم آزار پيي سهبا

٢- مٿي تي موزئي معشوق جا ڦهڪار پيي سهبا
رتل ميندي سان دست يار جا ڦهڪار پيي سهبا

٣- اي يارو ڇا تہ سهبو سيڪي سهبو ناز وارن جو
انگل ۽ لاڏ ڪوڏ ارڏايون آثار پيي سهبا

٤- ڪبي اف پيي نہ اي "دادن" هٿان دلدار جي هردم
پيا ڏڪ سهبا ڦٽ سهيا مٿي ۾ ڏار پيي سهبا

بيت

بي غيرت بدنام جو پرٽو پيو پاڌار
گهوريو مٽ مردار، پاڙي نہ ڇڳو پانهنجي

غزل دم ڏڙي آهي

جان سورن ۾ وئي سڙي آهي
ياد سڪ جي نہ ڪا گهڙي آهي

١- هڪ تہ همراز هم جليس نہ آ
لاتي دردن پيي دم ڏڙي آهي

٢- عمر پر ڪينڪي چٽي سگهبو
دوست دل قرب ۾ ڪڙي آهي
٣- جاني خود موت پي مري ٿو وڃي
ڪيئن وڃي اڪ اتي اڙي آهي
٤- ڪن ڪٿي رات عيش ۾ "دادن"
ڪن ڪٿي روئي رت رڙي آهي

قطعه

پين وانگي چريو ناهيان مان سيني ڪي سجاڻان ٿو
اجان مئخانه ۾ عادي ڏسان پاپي پراڻان ٿو
مان رند آهيان مان طالب آهيان رندن جو اي "دادن"
منافق ٿي نه سڙو آ مان حق ۽ سچ چاڻان ٿو

ڪنير هجي ته اهڙو هجي

جدا نه دم ٿئي دلبر هجي ته اهڙو هجي
جياري دل مئي رهبر هجي ته اهڙو هجي
١- نقاب کولي ڇڏي هرڪو مر ڏسي خوش ٿئي
حسين حسن جو پرور هجي ته اهڙو هجي
٢- پڳل چنگهون ۽ جي ٻانهون ڳنڊيائين ته چا ٿي پيو
پڳل دليون ڳنڊي ڪنير هجي ته اهڙو هجي
٣- ٿي ڏار ڏڙ ڪان وڃي سر خبر نه پئي "دادن"
اشاري سان ڪهي خنجر هجي ته اهڙو هجي

بيت شاعري ني ناز آ

هر ڪنهين جو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پرواز آ
سرڻ آخر سرڻ آ باز آخر باز آ
ناز دولت مند کي دولت تي آ پر "دادنا"
مونکي پنهنجي شيرين شعرو شاعري تي ناز آ

بيت

جن جون رنون گهمن راج تنکي مٽيا ڪهڙي منهن ۾
ڪاٺن وينا ڪاج، ماڻهو منهن مٽي ڪيون

غزل وارن ڏکهن جو بار تو ڏسجي

خدايا خير ڪر ڪنهن خار ۾ غمخوار تو ڏسجي
اچوڪي وقت جي يارن جان پنهنجو بار تو ڏسجي
١- سبب اهڙو نه آهي بي سبب بيزار تو ڏسجي
اتيئي پيار تو ڏسجي اتيئي عار تو ڏسجي
٢- ارادن ۾ سڄڻ جي موت جو آثار تو ڏسجي
مرڻ وارو سندس ڪي برهه جو بيمار تو ڏسجي
٣- گهلي ڪا اهڙي آهي باغِ الفت ۾ هوا ظالم
جو ڪلهه دلدار هو سو اڄ اهو غدار تو ڏسجي
٤- پيون نظرن سان ڪنهن مظلوم جو هو خون وينو آ
اکين ۾ اهڙو خوني رنگ جو خمار تو ڏسجي

٥- هيو چالاڪ ڏاڍو دل ڦرڻ جـــي مهل دل وارو
عجب آهي هينئـر معصوم ننڍڙو بـار تو ڏسجي

٦- ڪڏهن ايندو ڪڏهن ملندو ڪڏهن ٿيندوا چي مهمان
انهيءَ سوداءَ ۾ سوگهو بــڌو ء پار تو ڏسجي

٧- ڪلڻ سان تا ڪرن موتي سچو چئي هيو سهڻي ڪي
سچڻ صورت سانَ گڏ هڪڙو وڏو زردار تو ڏسجي

٨- تو ڏسجي بوجهه گردن تي گلن جو هار اي "دادن"
ڪمر باريڪ ني وارن ڊگهن جو بار تو ڏسجي.

قطعه

بئي ابرو تکـا خنجر فولاد ته ناهن
بئي چشم ڪهڻ واسطي جلاد ته ناهن
پيچيده ڏسڻ ۾ تا اچن اهڙي طرح تي
بئي مار سيهه زلف جا نر ماد ته ناهن

بيت

ڪاڏهون جي ڪاڏي وجي او جهڙ پئي آهيان
جاڏي پير پنهل جـــو تانگهه به ڪيم تاڏي
حرف نه آهـــي هوت ڏي مهڙ ڙئـــي ماڏي
جانب و يـــو جاڏي اءُ به ويندس اوڏهيـن.

غزل

وقت ٿو غيرت لتــاڙي چا ڪجي
ڪاڏي پججي ڪنهن تي پاڙي چاڪجي

١- چا ڪجي هت سچ چوڻ آهي گناهه
صبر پي ٿو ساهه ساڙي چــا ڪجي

٢- ويو وڃي بس بد گمانــي جو مرض
هرڪو ٿو هڪ ٻئي کي تاڙي چا ڪجي

٣- چــور تــو چوري ڪيو ڪلندو وتي
پا ڳيو وينو ڳوڙها ڳاڙي چا ڪجي

٤- ڪونه ڪو آهه بــڌڻ وارو هتــي
ڪنهنکي چئجي هيانءُ ڦاڙي چا ڪجي

٥- پيون لهي ٿو پيون ۾ پٽڪا پيا لهــي
سيڪو تي پيو سر اگهاڙي چا ڪجي

٦- ڪنهن جي پي عزت سلامت ڪين آهه
گهوڙا گهوڙا ڙي الاڙي چا ڪجــي

٧- پاڙو پاڙي کي ٿو کائــي "دادنا"
ويهجي نئين ڪنهن جي پاڙي چا ڪجي

بيت

ڏيهه نه ڏنگو ڏيهه، پر ماڻهو ڏنگا ڏيهه جا
آتيئــي پلي ويهه، ويهه نه ويريـــن وچ ۾.

بيت

اڳو تہ اھبو ٿي لڪ ٿيو پيو نہ ھئج پيھار
دوست پريـن دلـدار ، سھڻ ناھـي سـترو.

بيت

ڪلھہ ڪلھوڪا ڏينھڙا گـڏ گذاريوسـين
اَج اَڏاريوسـين پڪـي ھـتان پـانھنـجي.

بيت

ھينئر اوڏانھن ھليو وڃبو نہ پھچي موت پئي جاتي
ھي اندازہ جنون آھي بيابان ڪيـس مجنون جو.

بيت

صحبت سپريان جي وسـري مور نتـي
اڃان سڪ نہ لٿي ھو اڳئي ويا اسـري

غزل

بـي اعتبار مـتـان اعتبـار تي نـہ پوي
ھميشہ واسطي دل بيقرار تـي نہ پـوي
١- ڪڄي ڪمي نہ ادائي ۾ قرب وارن سان
اجائي پاڻ تي ڪنھنجي ميار تي نہ پوي
٢- نہ وڃجي اڻ سڏيو محفل ۾ يار جي ھرگز
مبادا ڪنھنتي ڳرو پنھنجو بار تي نہ پوي

٣- چتائي ڪان ستمگر هٿي تو نظرن جا
ڪو واٽ ويندي مسافر شڪار ٿي نہ پوي

٤- پريل ٻئي مٿي سان ڏسي جام چشم جانان جا
شرابي ڪو متان پرهيزگار ٿي نہ پوي

٥- مزو جواني ۾ ورتوسين عشق بازي جو
سفيد ريش هينئر داغدار ٿي نہ پوي

٦- خزان ۾ آهہ ٿي ايجاد گل جي فطرت جو
خزان بدلجي وري نئون بهار ٿي نہ پوي

٨- رزيل ساڻ ڪڏي راز دل جو اي "دادن"
شريف ماڻهو اجايو خوار ٿي نہ پوي

قطعہ

گذري ٿي عمر پنهنجي ڏهاڙي ڏهاڳ ۾
ڪڏهين نہ سنبران هڪڙي ٻي ساعت سهاڳ ۾
جو خواب ۾ ڏٺم سو ڏٺم ساڳيو جاڳ ۾
ڏاڙهي آ هٿ ۾ يار جي ۽ پٽڪو آڏاڳ ۾

قطعہ

واقفيت ڪٿون مون ڪٿي توبهہ
جاهليت ڪٿون مون ڪٿي توبهہ
پيار حيوانيت جو مون کي ڪپي
آدميت ڪٿون مون ڪٿي توبهہ
چريو ٿي آهہ رهٽو چرين سان
قابليت ڪٿون مون ڪٿي توبهہ

هلڪو بار ڪرڻو آ

نہ ڪچھو آ پچھو آ نہ ڪي تڪرار ڪرڻو آ
اوهان ڪي عار ڪرڻو آ اسان ڪي پيار ڪرڻو آ
١- هجن پهرا هزارين مر هجن پستل ۽ بندوقون
سچڻ سائين سنڌ ڪيئن پي ڪري ديدار ڪرڻو آ
٢- ڪري بر منهن هليو وڃبو انهي اولهہ جي هن پاسي
اي سهڻا تنهنجي سر تئون پنهنجو هلڪو بار ڪرڻو آ
٣- ضرور اڇڻو آ تنهنجي اسپتال اندر بهاني سان
پچاڙي پاڻ کي هٿ ساڻ ئي بيمار ڪرڻو آ
٤- ڏنوسين نيٺ اي "دادن" نتيجو دل لڳائڻ جو
محبت ڪرڻي اڄڪلهہ ڪنهنسان پيڙو غار ڪرڻو آ

بيت

دانهون منهنجي درد جون پڌي ڪيئي نہ پاڄهہ
ڏايا وڏم واجهہ پرين تنهنجي پسڻ لئہ

ڪلام- سر تاڻگ

ناهيان سچڻ پنهنجي وس، ڪرڪا منڙا محب ملڻ جي
دل تي بار هزار نہ هڪڙو، روح نہ آهي رس
آهي ڏاڍي آس ملڻ جي
وجهہ مَ وڇوڙا ڪر مَ جدايون، بس سچڻ سائين بس
راوَ چڏي ڏي ريت رسڻ جي

هيءَ تہ اڳي پوءِ ماڳهن مرندي، ڳولي اوهانجي ڳس
هٿندي مور نہ هام هڻڻ جي
"دادن" ڪي هن درد جو دلبر، ڏس ڪو ڏاها ڏس
سگهہ نہ آهي سور سهڻ جي

بيت

ادلي گدلي آهيان سجڻ تنهنجي سام
صبح توڙي شام جيان تنهنجي آسري

خوني خنجر

ذرڙي منجهہ زوراور يار
دلڙيون دست ڪري وٺين دلبر

١- ڪيف منجهائون ڪري امارو
ويڙهي وينا چندن سارو
زلف مسلسل ڪارا وار
وهہ واسينگ وسيهر ور ور

٢- ڪاڪل سنبل ڪان وڌ سهٽا
قرب جي حرب سان ڪوني ڪهٽا
ڪوس ڪماني قبضہ دار
پرت پرون بئي خوني خنجر

٣- سرخ اکيون لب سرخ لاثاني
گوهر دنـــدان گنج معاني
چـاهہ ذقـن جـا اونهـا آر
کيئي ٻڏي ويا ٻير پيغمبر

٤- سرو کـــان وڌ پاڪ پسينو
کليـو خوشبوء دار خزينـــو
شبنم موتـــي مـاڪ ملهـار
موء مئون روء ڏيکارن هر هر

٥- لکين عقيـل اليــل اداسـي
پرت سنـدا پـر گهور پياسـي
فهم چڙي تيـــا ڦيريـــدار
کوڙين تنهنجي کوء ۾ ڪمتر

٦- خال جا داڻا چڳندي آئـي
سر تي زلف سياهہ ـ ي ڦاهي
ماري جا هٿ منجهہ شڪار
هن لئہ عيد تہ هن لئہ محشر

٧- عشق ڪيا اڪ ساقہ سالم
عشق جي اڳيان ڪيئي عالم
ناهہ ڪري تيـا نت نروار
ڪتر قـدوري منتـق مصدر

٢- سهڻا ”دادن“ جو سر چاهي
وڍ جي اوهانکي گهرج ۾ آهي
تيـز تکـي ڪڻ هـڻ تلـوار
ناهہ ٻرين ڪا هتڙي نهڪر

نظم بلائون بہ آهن

محبت ۾ رنــج و بلائون بــہ آهــن
وفائون بـــہ آهن جفائون بـــہ آهن

١- سزائون بـــہ آهن ادائون بـــہ آهن
رضائون بـہ آهن قضائون بـــہ آهن

٢- مريضن متانهون حبيبن جـــا' هٿــڙا
دوائون بـــہ آهن دعائون بـــہ آهن

٣- هميشه چمن ۾ نـــہ هوندي بهاري
ڪڏهن مختلف ڪي هوائون بہ آهن

٤- بشر گهر خطائن جو آهي اي ”دادن“
بشر کان ئي ٿيندين خطائون بہ آهن.

نظم ڪٺڻ جون نہ آهن

زماني جون خبرون ڪٺڻ جون نـہ آهــن
ٻڌايان ڇـا ٻاهر ڪڍڻ جـون نـــہ آهن

١- سچيون دليون هرگــز رسڻ جون نہ آهن
سرن جي سٽن ۾ گسڻ جون نـہ آهــن

٢- جي ٻولين ٻڌيون سي ٽٽڻ جون نـہ آهن
هزارن جي ضد ۾ هٽڻ جـون نـــہ آهن

٣- هي خون، ڪٽوريون لڪڻ جون نہ آهن
گريون ۽ گنجون پيي وٺڻ جون نہ آهن

٤- جي بيماريون عشق بازي مئون تي پيون
سي لقمان کئون پيي چٽڻ جون نہ آهن
٥- ڏسين بي رخي ساڻ تو اج اي "دادن"
اهي اکيون ساگيون سچڻ جون نہ آهن.

قطعہ

هينئر دل چوي تي پري کان پري
هليو وڃبو سورن کي ساٿي ڪري
لهي بار پوندا گهڻن جي مٿان
ڏکن دوستن جي پلي دل ڀري.

نظم حرکت نہ آهي

محبت ۾ انڪار فطرت نہ آهي
محبت کان خود خالي قدرت نہ آهي
١- محبت نہ جنهن ۾ مصيبت نہ آهي
محبت ۾ سک سا محبت نہ آهي
محبت سوا لطف ملت نہ آهي
محبت ري جنت بي جنت نہ آهي
٢- محبت سچي جهڙي نعمت نہ آهي
محبت ۾ سر ڏيو تہ حرڪت نہ آهي
بنا درد "دادن" بي لذت نہ آهي
جي فرقت نہ آهي تہ فرحت نہ آهي.

قطعه

ملڻ کان پوءِ جدائي ٿئي ملڻ اهڙو ڪبو ڪاڏي
سڄڻ مان ٿئي ڦري دشمن سڄڻ اهڙو ڪبو ڪاڏي
نه سهڻي آهه صورت پر جي سهڻي سيرت آ ”دادن“
وٺي جو ڪينڻ ڪي ڪنهن کي اڇڻ اهڙو ڪبو ڪاڏي

احساسِ غيرت نه آهي

چو اڄ ڪنهن کي احساسِ غيرت نه آهي
سو گل ڇا ڪبو جنهن ۾ نڪهت نه آهي

١- ڇا دولت حرام آ، سا دولت نه آهي
جنهن عزت ۾ ذلت سا عزت نه آهي

٢- اڳئين وانگي ماڻهن جي نيت نه آهي
تڏهن رزق ۾ ڪنهن جي برڪت نه آهي

٣- هي اهڙو سمو آهه جو شير کي پي
گدڙ جي غلامي کان نفرت نه آهي

٤- ڇا مائٽ هجي ڇا هجي دوست ”دادن“
ڪنهين ڪم جي هڪبئي ۾ حجت نه آهي

قطعۃ فون

کريان ٿو فون سڄڻ ڏي کو پيو حهڻي نہ وجهي
رقيب وجهہ وٺي لا ئين کــي ڪٽي نــہ وجهي
رکايان ڏاڙهي نٿو بس انهيءَ کري "دادن"
چوان مان سچ متان ڏاڙهي کو پٽي نہ وجهي

آزاد آهيان

خيالن جي دنيا ۾ آبــاد آهيان
گهڻن انتظارن کان آزاد آهيان

۱- سکڻ جي سيکارڻ جي ناهي ضرورت
نہ شاگرد آهيان نــہ استــاد آهيــان

۲- نہ ليلا جو عاشق نہ شيرين جو شائق
نہ مان آهيان مجنون نہ فرهاد آهيان

۳- پيو خــــاک ۾ آهيان نيــم بسمــل
نہ مقتول آهيا ن نــــہ جلاد آهيــان

۴- دعاگو مان سڀ ڪنهنجو آهيان اي دادن
نہ دنيا ۾ ڪنهن کان بہ ناشاد آهيان

قطع.

محبت ۾ نہ پيري ۽ نہ جواني جو سوال آهي
هميشه آدمي جي دل جوان ۽ نئون نهال آهي
ٿئي معشوق عاشق پنهنجي عاشق جي مٿان دادن
نہ عاشق جو مگر هي عشق جو ڪيڏو ڪمال آهي

تارن جي وچ ۾

آ هڪ دل دليلن هزارن جي وچ ۾
پيل آهيان ڪن پسارن جي وچ ۾

١- ڪجي ڳالهہ ڪوڙي نہ يارن جي وچ ۾
ڪسو چو تجي ڦر بدلرن جـــي وچ ۾

٢- وڃي ڊيڪي ڪيئن نڪارن جي وچ ۾
پيادو چــــا هلندو سوارن جي وچ ۾

٣- جيئن چنڊ روشن آ تــارن جـــي وچ ۾
تيئن يــار آ حســن وارن جـــي وچ ۾

٤- ڏهاڙا جدائي جـــا تـــي ختم ويندا
وهاريندو پـــرور پيارن جـــي وچ ۾

٥- قيامت ۾ هوندس نشابـــــر اي "دادن"
مان مجنون ۽ فرهاد پــارن جي وچ ۾

بيت

پسي ڳاڙها ڳل متان پوين مامري
کهنبي وارو چٽکو کي پلڪون کي پل
اندر مڙئي اڳڙيون مٿيون خالص ڳل
عشق نہ چاڻن آل عاشق چاڻن عشق کي

غزل چپ چپ ڇان نہ ماري

درد هن ڏيرا ڪيا دل جي اندر دلدار يار
نالي خالق جي اي جانان ڪينڪي ڪر ڏار يار
١- ڪا تہ ڳڻ ڪر اي سڄڻ هن درد دل جي کي ڏسي
گڏ ڪٽي نالي ڏٺي جي ڇڏ اهي انڪار يار
٢- عشق جي آڙاهہ آتش جان جا ساڙي ڇڏي
شڪل ساڳي تنهن نہ ڪئي هٺ هٺ هيئن جا هار يار
٣- آسرا ڏيندين گهڻائي عاشقن کي اي حسين
جان آزاري ڇڏيئي اهنجا ڏئي آزار يار
٤- هي اگهائج التجا صدقي سخي سر ناز جي
ڏي اچي نادار "دادن" زار کي آڏار يار

قطعہ پنهنجو ڪم ڪجي

دل کي ڪجي ڪشادو نہ گذري جو غم ڪجي
وڏ گهٽ نہ ڪنهنکي چئجي پيو پنهنجو ڪم ڪجي
ٿوري جيئڻ جي واسطي دنيا ۾ "دادنا"
اهنجو ڪي سهنجو پورو حياتي جو دم ڪجي

نظم ديگر

رسي ٿو دلربا اڳ پوء جي ڳڻي نہ ڳڻي
خبر خدا کي الائي ھي ڪم بڻي نہ بڻي

١- اڇوڪي وقت ۾ سيڪو آ يار مطلب جو
چوان ٿو سچ ڪنھين کي وڻي نہ وڻي

٢- لبن جي لالي زيادہ آ لعل کان توڙي
مسا اڳ سرخي لبن کي سجڻ ھڻيُ نہ ھڻي

٣- نباھ "دادنا" دلدار ساڻ پنھنجي تون
اڳئين جي مرضي قدم قرب جو کڻي نہ کڻي

قطعہ

نٿو سمجھان انسان ڇا کي ٿو چئجي
حيا دين ايمان ڇا کي ٿو چئجي
ٿو ماڻھو کي ماڻھو سان ماڻھو لڙائي
بڌايو تہ شيطان ڇا کي ٿو چئجي

بيت دادن

ماڻھو مڙئي نہ محبتي مٺا مڙئي نہ انب
داڙي گھڻا ڏنب، پر سچو ڪو سنسار ۾

تدارڪ ڪير ڪري

جن تو تئون فدا تن من ڪي ڪيو
ڏس تن جو تدارڪ ڪير ڪري
جيئرا تہ ملن ٿا جيئرن سان
مردن جو تدارڪ ڪير ڪري

١- لقمان بہ تون تہ مسيح بہ تون
مون لاءِ حڪيم طبيب بہ تون
توڪان بہ دوا دارون نہ ملي
دردن جو تدارڪ ڪير ڪري

٢- هڪ ناهي مرض جو ماٺ ڪجي
ڀت حاجت ناهي حسابن جي
زخمن جو تدارڪ ڪير ڪري
زهرن جو تدارڪ ڪير ڪري

٣- سنگتي نہ رهيو ساٿي نہ رهيو
پانڌي نہ رهيو ڪانڌي نہ رهيو
لا وارث لاش ٿيو عاشق جو
مدفن جو تدارڪ ڪير ڪري

٤- قمري نہ رهي ڪوئل نہ رهي
بلبل نہ رهي گل پي نہ رهيو
مالهي بہ خزان ۾ رخصت ڪئي
گلشن جو تدارڪ ڪير ڪري

٥- دل پي نہ رهي جان پي نہ رهي
جنهن صورت ۾ تون پي نہ رهين
تنهن صورت ۾ ”دادن“ چا ڪري
دادن جو تدارڪ ڪير ڪري

غزل تندرستي واسطي

ڪو زوال آهي تہ مئي نوشن جي مستي واسطي
جيڪي ڪن ٿا ڪين ٿا ڪن پنهنجي هستي واسطي
١- بت پرستي ٿو ڪريان مان حق پرستي واسطي
عشق آهي ڪين ڪنهن جي زير دستي واسطي
٢- ڪهڙو دنيا ۾ ڪجي غم تنگدستي واسطي
وقت ٿا ويهي وڃايون ٿوري وستي واسطي
٣- انتظار آهي نہ مون کي انتظام روزگار
منهن جو خالق آ جذهن رزق السي واسطي
٤- ”دادنا“ تون چئو طبيبن کي نہ منهنجي ڪن دوا
ڪافي آ ديدار تنهنجي تندرستي واسطي.

بيت

هوندي سوندي چڏ هيءَ هوند سيئي هوت لئي
لڏلئون اکي لڏ، نہ ڪر سان گڏجين ڪاپڙي.

غزل   منهن لڪايون تو وجي

ڪاش مون ڪان اي سڄڻ اڄ موڪلايون تو وجي
منهنجي دل تي داغ حسرت جو لڳايون تو وجي

١- اوچتو ڪيئن تو وجي ڏاڍي پڌا يون تـــو وجي
موت جهڙو مون کي هي صدمون رسايون تو وجي

٢- پاڻ ڪان پو منهن جي گهر ۾ ڇا بچايون تو وجي
سان بچيس سو پيي وري ڇريو بنا يون تـو وجي

٣- عمر ڇوٽي ۾ ڪندو هيئن ڪين ڪي مونکان حجاب
نوجواني ۾ پـــلا ڇو منهن لڪايون تـــو وجي

٤- ٿيندي بدنامي پنهي جي صبر مونکي ايندو ڪين
سڏ لهين تو ڪا ته ڪنهن جو گهر جلايون تو وجي

٥- تو وجين پر تو سهاري ڪنهنجي "دادن" کي ڇڏين
دل نه ڪنهن سان لائجي اهڙو پڙها يون تو وجي

بيت

مرد نه ماريا موت، مردن ماريو موت کي
فوتئون اڪي فوت، جيئرا آهن جڳ ۾.

غزل كون آئين ڀچڻ

کين کي آئين سڄڻ مونکان ڀڄڻ جي واسطي
دير دم جي نـاه دلبر دم ڏيڻ جــي واسطي

٢- پاڻ کي کو آسرو کونهــي بچڻ جي واسطي
منتظر آهيا ن گهڻو تنهن جي اچڻ جـي واسطي

٢- کيئي خيراتون کيد باسيم سکائـون سـو هزار
مون گهتايو کين کي آهي ملڻ جـي واسطي

٣- ملک ساري جا ٿيا معشوق عاشق تـو متـــان
حور پيي حيران آ تنهن جي ڏسـڻ جي واسطي

٤- بار سينن تي سهي هک ٻئي جا وجيا ها کڏهن
اڄ ته کا اميد کانهي هٿ رکڻ جي واسطي

٥- پيو مرض کونهي لڳل "دادن" جي دل کي دلربا
بس مرض آهي ته آهي گڏ رهڻ جــي وا سطي۔

بيت

سونهن سياڻپ سيٽ جي کمي کنهنکي کانه
ٻاهر لوڏ لکن جـــي گهر بک مرن مهمان
" دادن " اتـــم دل ۾ انهن جا ارمـــان
جيکي جنگ جوان سي لڏي ويا هن لوک مان۔

غزل ڪوشش ڪري ڪري

سر يار ڪي ڏيان ٿو اڏي تي ڌري ڪري
خنجر هٿي يا پالو پلي جان پري ڪري

١- طاقت سهڻ جي پاڻ ۾ ڪانهي ڪا پر تپي
سهجي ٿو سي ڪي قرب جي هڪڙي ذري ڪري

٢- ڪيئن مان پري رهڻ ٿو گهران يارَ کان مگر
مون ڪي ڇڏيو تو بي خطا پاٽان پري ڪري

٣- آهي خدا پرست اهو جيڪو در جهان
ڪم ڪنهن نہ ڪنهن فريب جو ڪوشش ڪري ڪري

٤- حاضر آ جسم جان جگر پنهنجو ”دادنا“
سر ڪائي ماس منهن جو تئي ۾ ترِي ڪري]

قطعہ

يار تنهنجي شهر مئون آزار ورتيون ٿو وڃان
باغ مئون گل جي عيوض ڇڻ خار ورتيون ٿو وڃان
پيو تہ تنهنجي شهر مئون سودو نہ مون ورتو سڄڻ
ڦاهي ڪائڻ واسطي ڪا ہار ورتيون ٿو وڃان

مٺا گل

باه کان پاڻي مٺي   راڄ کان راڻي مٺي
انڌي کان ڪاڻي مٺي   چرئي کان سياڻي مٺي
گنجي کان ٽوڙو مٺي   گونگي کان ٻوڙو مٺي
گڏه کان گهوڙو مٺي   هڪڙي کان جوڙو مٺي
توري کان ڪچ مٺي   ڊونهين کان مچ مٺي
گاري کان گچ مٺي   ڪوڙ کان سچ مٺي
لب کان لب مٺي   سڀ کان رب مٺي
چپ کان هل مٺي   دادن کان گل مٺي

ڪافي وفادار ماڻهو

مري ويا پيارا وفادار ماڻهو
بچا باقي بي درد بيڪار ماڻهو

١- ڇڏيو ٿيو انهن ٿيو جيئڻ ٿي رهيو آ
ٻچا ماڻهن مڻون جانئن ٿا مردار ماڻهو

٢- ڦري دل پرائي نہ پنهنجي ڏين ٿا
هي ڪهڙا نہ آهن مزيدار ماڻهو

٣- نہ واپار ڪر ڪنهن سان دلين جو دادن
خطرناڪ آهن خريدار ماڻهو

متو ميڙو ڇڏي ڏنم

دنيا کي سمجهي رستو اويڙو ڇڏي ڏنم
عزت بچائي بس متو ميڙو ڇڏي ڏنم
١- ماڻهو ڇڏيم وطن جا ۽ مائٽ وطن ڇڏيم
آباد وسندو پنهنجو ويڙهو ڇڏي ڏنم
٢- طوفان وقت پنهنجي خدا تي رکي ڪري
درياهہ ۾ نصيب جو ٻيڙو ڇڏي ڏنم
٣- رخ يار جي مٿون سمجهي ويس اڄ ٿي "دادنا"
حجت جو اڳتي يار سان جهيڙو ڇڏي ڏنم.

شعر بنا نقطي

داد گر گارءِ گوهر داد کو دلدار ڪر
سرس آ سوداءُ واهر ڪر سکهو ڪا سار ڪر
حال محرم مساهرو سرڪار اعليٰ موءِ ۾
وار وارو آر آ سوگها مسلسل وار ڪر
دائما آ درد ۾ سڪ ۾ سدا سائل سدام
ڪارگر هڪ وار ڪا سائس مدد سالار ڪر

غزل هڏن ڦان ٿو ڇم لهي

دلبر ملي تہ منهنجي دکي دل جو غم لهي
بيٺو لکي ۾ آهي ٿنو هيٺ دم لهي
١- ڪهڙي نموني دوستو رنج و الم لهي
پنهن جي ٿئون ڪين ڪي ٿو ستمگر صنم لهي

۲- ماري وڃو آ يار جي رفتار چا ڪريان
هرهڪ قدم حبيب جو لک لک پدم لهي
۳- در دلربا جي جيڪي سوالي انهن منجهان
منهنجو خدا ڪري ته چڱي ريت ڪم لهي
۴- آگاهه ناهه عام ڪي هن اونهي راز جي
ڪر صبر "نادنا" جو هڏن تئون ٿو چم لهي

قطعه جديد تشبيهه

هيئيون مٺيون ٻئي پنبڙيون هڪڙئي تي عاشق آهن
اک جي نظر ڪي روڪي هڪبئي سان ڪيئن مان ٿيون
منهن جو ٻــــ يار سان تيئن هر هر ملڻ ٿئي ٿو
نظرن ڪي روڪي پنبڙيون هڪبئي سان جيئن ملن ٿيون

ديوار ڪان چا پڇان

بي دادگي جي باري ۾ دلبر ڪان چـا پڇان
ڪنهن دير جو سبب مان ستمگر ڪان چا پڇان
۱- ٽيڙو جو هو سو تي ويو مقدر ڪـان چا پڇان
بربادي گهر جي گهر جو جاڻ گهر ڪان چا پڇان
۲- ايذاءُ پنهنجي جان جو نشتر ڪان چــا پڇان
قاتل جي هوندي خون جو خنجر ڪان چا پڇان
۳- پرواز آسمان جو ٻــــي پـر ڪان چــا پڇان
نادار جو مان حال تونگر ڪـان چــا پڇان

۴- منهن جـــي سفينہ جو آ جڏهـــن ناخدا خدا
ساحل جو پوء نشان سمندر کان ڇا پڇـــان
۵- رخصت کان بعد "دادن" لطفہ وصال مان
ديوار در کان ڇا پڇان بستر کان ڇا پڇان

بيت

ميڙي ميڙي مال مري وينا ين منـــڙا
نيہہ نہ ٿئي ناٿي کي اٿئي زر زوال
زيءَ عبادت رب جي کهڙو آهہ ڪمال
جنهنجو بد اعمال، تڏو تنهنجو گهوريو

غزل ڇا ڇا ڇيو ڦلاڻي

ڪنهن کي نہ ڇڏيو هاڻي هرڪوئي پاڻ ڇاڻي
سر سيڪو موج ماڻي هرڪوئي پاڻ ڇاڻـــي
۱- الله ظالـن کـــي بخشينـــدو ڪين هرگـــز
سڀ ايندا منجهہ بچاڻي هرڪوئي پاڻ ڇاڻـــي
۲- انصاف جاڻـــي ناهـــي بس رهٿو تاڻي ناهي
پوڇبو لـــڏو پلاڻـــي هرڪوئي پاڻ ڇاڻـــي
۳- ان باري ۾ وچي ڇا پنهنجو تہ ڪنهنجي باري
ڇا ڇا ڇيو ڦلاڻـــي هرڪوئـــي پاڻ ڇاڻـــي
۴- دنيا ۾ شـور آهـــي جنگين جو زور آهـــي
ڇا ٿيندو اڄ سياڻـــي هرڪوئي پاڻ ڇاڻـــي

۵- ساري ٿو ساهہ جن کي موٽائي ماڳ تن کي
اللہ شال آڻــي هرڪوئي پــاڻ ڇاڻــي
٦- هن ڦهر ۾ اسان کي هن شهر ۾ اسان کــي
آنـدو آ آب داڻــي هرڪوئي پــاڻ ڇاڻــي
۷- ”دادن“ ادا تون ڪمڪر گذريجو ڪين غم ڪر
ڪجهہ هوش ڪر نڪاڻي هرڪوئي پاڻ ڇاڻي

وجهي دام ويو

مونکي بي سبب آهي ڇڏي غم ۾ گذي گل فام ويو
منهنجي مرغ دل کي آهي زلفن جو وجهيهو دام ويو
۱- منهنجي رات وئي منهنجو ڏينهن ويو منهنجو عيش ويو
آرام ويو
منهنجي جان من منهنجي سر کي ڏئي سوداءُ ۽
سرسام ويو
۲- مونکي خلق ساري ۾ اجائي جو ڪري بدنام ويو
مونتي خوامخواه خالي عبث آهہ رکــي الزام ويو
۳- منهنجي روح جي راحت وئي فرصت وئي فرحت وئي
مونکي داغ هجرت جو ڏئي آهي ڪري قتلام ويو
۴- هن حسن وارن جي محبت عشق ۾ اي ”دادن“
ڪنهنجو شرم ويو ڪنهنجو ڌرم ويو ڪنهنجو دين
ويو اسلام ويو

بيت "دادن"

سرتيون ٿي ساريان سڄڻ پنهنجا سپرين
ڪنهنڪي ڏيکاريان، هيڻا پنهنجا حالڙا

بيت "دادن"

جيڏيون پنهنجي جانب ري ۽ گهايل ڪيئن گهاريان
روئي روئي رند رڙان ٿي نتر نهاريان
ايي اوساريان، پرديسي پرين لئي.

ڪلام لاهيون سهڻا

يار سڄڻ ايڏيون ڪر نہ جدايون سهڻا
ڏس نہ ڏنگايون سهڻا

١- جهڙي تهڙي آهيان اوهانجي مهرڪري منهنجون
ميٽ مدايون سهڻا

٢- عيبن هاڻي آهيان اياڻي ڪوڙين مون ۾
آهن ڪسايون سهڻا

٣- گهوريو وڇوڙي جو گهارڻ گهرم اچ ملي ڪس
قلب جي لاهيون سهڻا

٤- دوست اچين جي در "دادن" جي جي ۾ ڏيان
تو ڪي جانب جايون سهڻا

قطعہ پورت ڪانهي

مهد ڪان تان بہ لحد ڪنهنجي پي پورت ڪانهي
تنهنڪري پاڻ کي ڪنهن شئي جي ضرورت ڪانهي

ھھڙي ماحول ۾ رھجي تہ صدف جيئن رھجي
خلق کان جان بچائڻ جي بہ صورت کانھي

شعر چو پنھنجي ھڙ ڦرائجي

ھر دم پنھنجي خيال کي سنو ھلائجي
شريعت کان ھرگز نہ باھر پير پائجي
حق جي حڪم کي پلا چو لڪائجي
کولي مسلمان کي ھڪدم پڌائجي
پرھيزگاري جو خدا ڪيو حڪم قرآن ۾
چير بڌي چو پلا عورت نچائجي
دنيا جي لاء نہ پنھنجو دين وڃائجي
ڪڏ ۾ اھڙو ڪتيو تنھن کان پني کائجي
ڪوشش ڪري اولاد کي علم پڙھائجي
ڪياڙي ڪوڙائي ان کي نہ ناچو بنائجي
فھم ۽ فضليت سان ويھي راڳ ڳائجي
ڪڏڙن وانگر خوار ٿي نہ تاڙي وڄائجي
اھا نصيحت "دادن" فقير جي دل سان لائجي
پرائي عورت جي پنيان چو پنھنجي ھڙ ڦرائجي

بيت

جوڳي آيو جوء ۾ ويڙو نانگ مري
وسيھر وري ڪر نہ ڪنڌو ڪڍھن

مون کئي توبهہ

دوست داري کان مون کئي توبهہ
دنيا ساري کان مون کئي توبهہ
١- يار جو يار ٿئي نہ مشکل ھو
اهڙي ياري کان مون کئي توبهہ
٢- ڇا جي لئہ انتظار ڪنهن جو ڪيان
انتظاري کان مون کئي توبهہ
٣- هاڻي ونبي تہ دل ڏيئي دل ونبي
دل اوڌاري کان مون کئي توبهہ.
٤- هٿ ڪو لائيندو خون خون ڪبو
برد باري کان مون کئي توبهہ.
٥- جا سواري سر وڃائي اي "دادن"
تنهن سواري کان مون کئي توبهہ.

قطعہ

بلبل آهي زمانو ڪين ٿو ڇاڻي حقيت کي
ڪري ناصح نصحيت ٿو نہ سمجهي ٿو نصحيت کي
نہ يارن ۾ رهي ياري نہ خويشن ۾ وفاداري.
ڏسي ڇڏيو سين آخر نيٺ سيني جي فضيلت کي

آشڪار آهيان مان "دادن"

بـا وفـا جا نثار آهيـان مـان
سر ڏيـڻ وارو يـار آهيان مـان

۱- زندگي پـر قـرار ڪونهي ڪو
تنهنجي ڪان بيقرار آهيان مان

۲- منهنجي سيني جو هار تـون آهين
تنهنجي سيني تي بار آهيان مان

۳- منهن جي اکين جو نار تـون آهين
تنهنجي اکين ۾ خار آهيان مـان

۴- جي اچان پرسان ته هٽ هٽ ٿو چوين
اهـڙو ڪو عيبدار آهيـان مـان

۵- ڪوڙي واعدي تي مون ڪيو ويسهه
ڪيـڏو ايـمانـدار آهيـان مـان

۶- ناهيان عاشق نه ڪي رقيب آهيان.
خـاص خـدمت گـار آهيان مـان.

۷- تنهـنجو عشاق خسته دل "دادن"
ملـڪ ۾ آشـڪـار آهيـان مـان

ڪلام نهٽ ماري

اڌر پکيـڙا پرڙا سنواري- ولڙ وطن ۾ ٿو توکي تنواري
پهچ پکين کي ساجهر سويرو- روهه جبل ۾ وچي ڪر واهيرو

سنبر ساٿيهه ڏي ساڳيو پنڌ سري.

ڪاڏهون آئين ڪاڏهن ويندي. پاٿي ٽيندو پوٺرو سر ڪي ڇڏيندي
آخر لڏيندين ماري نيٺ ماري.

"دادن" دين مئون وڃ تون اڏاڻو - چر ڪي ڇڏي هل سمونڊ سڏاڻو
سات سگهر من ذاتر ڏيکاري.

نايات نظم بيت "دادن"

ڦنيل ڦٽز فراق ۾ ڦڙ ڦڙ تا ڦڙڪن
ياري ٻيڙ ٻاه جا پڙ پڙ تا پڙڪن.
الا پارڻ عشق جا جهڙ جهڙ تا جهڙڪن
سيئي عضوا سور ۾ تڙ تڙ تا تڙڪن.
جيرا ٻڪيون جوش ۾ ٻڙه ٻڙه تا ٻڙڪن
هيٺ ن هڏڙا ڪرڪنان ڪڙ ڪڙ تا ڪڙڪن.
باري بار برهيه جا ڪڙ ڪڙ تا ڪڙڪن
ڏايا تنهنجي ڏاڍ ڪان ڏڙ ڏڙ تا ڏڙڪن
"دادن" ڪي دڙڪن تنهنجن تپائي ڏنو.

الله جي قدرت

اي انسانو وٺي عبرت ڏسو الله جي قدرت
هي تورڙي شيشئي ڪسرت ڏسو الله جي قدرت
۱- نه ٿيو غافل ڇڏي غفلت ڏسو الله جي قدرت
۲ ه. ڳ. هاريو همت ڏسو الله جي قدرت

٢- ڪٿهن شدت ڪٿهن شفقت ڏسو الله جي قدرت
ڪٿهن رحمت ڪٿهن زحمت ڏسو الله جي قدرت
٣- ڪٿهن فرحت ڪٿهن فرقت ڏسو الله جي قدرت
ڪٿهن حسرت ڪٿهن نصرت ڏسو الله جي قدرت
٤- ڪٿهن ڪلفت ڪٿهن الفت ڏسو الله جي قدرت
ڪٿهن نوڙت ڪٿهن نفرت ڏسو الله جي قدرت
٥- ڇا دنيا ۾ تڻي ٿو حال ڏس دنيا جي پيارن جو
ڪٿهن عزت ڪٿهن ذلت ڏسو الله جي قدرت
٦- ڪٿي راڻيون ڪٿي راڻا ڪٿي ياگين سندا پاڻا
ڪٿي عيش آ ڪٿي عشرت ڏسو الله جي قدرت
٦- ڪٿي دارا سڪندر آ ڪٿي رستم پلنگ آ
ڪٿي تخت آ ڪٿي تربت ڏسو الله جي قدرت
٨- ڪٿي آ تخت شاهي ۽ ڪٿي آ تاج شاهانو
ڪٿي هيبت ڪٿي هشمت ڏسو الله جي قدرت
٩- حسينن حسن وارن جا لٽا نيڻن مڙه مقامن ۾
ڪٿي سيرت ڪٿي صورت ڏسو الله جي قدرت
١٠ دليون منجهي ويون ماڻهن جون ماٺهو پيو ويا منجهي
وڃي برڪت پئي حرڪت ڏسو الله جي قدرت
١١ نمازي آ نه ڪو ڪو آ جي غازي آ نه ڪو ڪو آ

چڙهي وئي چوٽ تي بدعت ڏسو الله جي قدرت
۱۲ جنهين وٽ آه ناٽو سو سياڻو آه پــو تــوڙي
سندس ٻولي هجي ٻٽ ٻٽ ڏسو الله جي قدرت
۱۳ ٻني ڪان ٻوءِ تــي هڪڙو پيي دم دنيا ۾ اي دادن
ملي تي ڪين ڪي فرصت ڏسو الله جي قدرت

بيت دادن

ڏند ٻگا ڏانو ن ٻگيون ٻگا سڀ پيرا
سچڻ وڃا ماٽ سيــن ساجهر سو ڀيرا
ڀڃاڙي ۾ ٻئي ڪٽي ٻربن جـــا پيرا
اچــــا ء سيــرا پره ٿيندـــدا پــڌرا

هاءِ چا ڪيم

تو جهڙو يار يار ڪيم هاءِ چا ڪيم
سيني جو هار مار ڪيم هاءِ چا ڪيم
هي پنهنجو حال زار ڪيم هاءِ چا ڪيم
چو توتــي اعتبار ڪيم هاءِ چا ڪيم
صد حيف مونکي آه جو گل کي ڇڏي وڃي
غمخوار پنهنجو خار ڪيم هاءِ چا ڪيم
فرهاد ڪيس جهڙيون سچڻ تنهنجي واسطي
تڪليفون اختيار ڪيم هاءِ چا ڪيم

افسوس پنهنجي موت ڪان توسان اي سنگدل
ڪيئن ايترو پيار ڪيم هاء ڇا ڪيم.

تيو انتظار پورو مون دادن جو ڪين ڪي
بس پاڻ کي خوار ڪيم هاء ڇا ڪيم

• بيت •

کهڙيون ڪجن ڳالهڙيون کهڙا ٻڌجن ڳوٺ
ڦريناٺي ڪوٺ، سک سمهڻ نه ڏئي.

گذري وئي

ڪشمڪش ۾ زندگي گذري وئي
سڀ حقيقت تي اچي اُجري وئي

تي جواني ختم وئي اهڙي طرح
جئن هٿن مئون ڪا پري اڏري وئي

تي سکهيو پنهنجو يي پنهنجو ڪين
ڪاش پنهنجي اهڙي ڪا آتري وئي

تيو سکن جو ڪين ڪي حاصل مزو
تي ڏکن ۾ نيت دل ڏٻري وئي

زال دنيا ڪئي نه مردن سان وفا
رهتلو يي رن گهر کي ڏئي گهري وئي

بات بلبل جي نہ طوطي جي تنوار
باغ مان ڪوئل وئي قمري وئي
داد محفل ۾ نہ محفل جو مايو
پروسي جهڙي سنگت مکري ڙئي
بعد صدمي جي بہ "دادن" بعد ۾
ساڳي حالت ڪين ڪي سڌري وئي.

آزار پيو آ

مونکي جنهن آ ماريو سو منٺار پيو آ
سڄي سر جو وارث ۽ دادار پيو آ
جنهن شاه منهن جي جو سينگار پيو آ
جو دل ۾ رهي ٿو سو دلدار پيو آ
حڪيمن جي هرگز هٿائڻ جو ناهي
قسم آ خدا جو هي آزار پيو آ
پيا پيي هزارين ڏنم جسن وارا
مگر هن جو چالو ۽ چمڪار پيو آ
محبت جي سڌ ناه سيکنهن کي "دادن"
محبت جو وهنوار ويچار پيو آ.

بيت

رئان رڙان ريهون ڪريان، ڪريان گهوڙا گهل
پرور مونکي پل مان اٺ پلي آهيان

فرد

ميار کهڙي آ اغيار تي ادا "دادن"
جي حق چئبو تہ خود پنهنجو پيي رسي پوندو

مسافر هليو وڃ

مسافر ادا جند ڇڏايون هليو وڃ
مزي ساڻ ناتو نيايون هليو وڃ

سخن صاف سهڻو پڌايون هليو وڃ
پهاڙن کي پاٹي بڻايون هليو وڃ

محبت جا دونها دکايون هليو وڃ
تون کس کڏي رس اکي رهايون هليو وڃ
نہ ناراض کر دوستن کي اي "دادن"
تون هاڻو ۽ هائـو ملايون هليو وڃ.

فرد

کنهن سان کلجي کنهن سان ملجي کنهن سان سلجي سور
هـر کو آهي پنهنجن پنهنجن پـورن ۾ پرپـور

فرد

دل تي چوي تہ عشق بتان کر پلي اجان
پر سا گئي وقت پنهنجي غيرت تني چوي

فرد

نہ نک آهي نہ چپ آهي نہ لڄ آهي نہ شرم آهي
سهڻ جو آه مادو پاڻ ۾ سڀ ڪجهہ سهي وڃبو

ڪلام ٽئين ڪير ڪري

جيئن تون ٿو ڪرين تيئن ڪير ڪري
جيئن مان ٿو مران تيئن ڪير مري

ٿو اهنج ڏئين آزار وري
ٿو صدما ڏين صد بار وري
تب تنهنجي سڏڻ تي يار وري
جيئن مان ٿو وران تيئن ڪير وري

بس ڪهڙو بہ آهيان ميرو مندو
تڏهن بہ اوهانجو آهيان بندو
ٿي پارڻ برهہ جي باهہ سندو
جيئن مان ٿو ٻران تيئن ڪير ٻري

هل حسن سندا هبڪار ڏسي
رفتار ڏسي گفتار ڏسي
سڀ سهڻا سندءِ سينگار ڏسي
جيئن مان ٿو ٺران تيئن ڪير ٺري

پيچ ياري نہ مونکان يــــار مٺا
ملِ "دادن" سان دلـــدار مٺا
هيئن گهٽتين ۾ غمخــوار مٺـــا
جيئن مان ٿو گهران تيئن ڪيرِ گهري

محلات پئي آ

تني عشق جي ســر تي آفات پئي آ
جلي جوش ۾ پنهنجي جسمات پئي آ
نڪي آه فرحت نہ ڪي آه فرصت
لڳي ساه سان چڙ تہ سڪرات پئي آ
تڪيان وينو تارا چوان وينو هر هر
اچي او چتي من اچا رات پئي آ
هو ويهي فقط هن جي ويهڻ جي دير آ
ٿهي يـــار جي دل ۾ محلات پئي آ
ڪجي چا حجابن جي مارئي کان "دادن"
ملاقـــات جي ونٺي خيــرات پئي آ

بيت

ور وڃايئہ ويسلي ڇاٽي سڃاٽي
پرت نہ رير سين پانهنجي پاڙيئہ پراٽي
گهوري آچل گهوٽ تئون آڪهہ اباٽي
اها اگهاٽي، جنهن سٽيو سانگو ساه جو

بهاري ٿي پئي آ

هي دل پنهن جي ڏاڍي ڏکاري ٿي پئي آ
ڏکئي يار سان پنهنجي يـاري ٿي پئي آ

طبيعت زماني کان عـاري ٿي پئي آ
بـدن ساري ۾ بيقراري ٿـي پئي آ

رنـدل منهنجـو مونسان ڏسي يـار پيارو
رقيبن جـي دل ۾ بهاري ٿـي پئي آ.

اڃان ڪجهه نه حاصل ٿيو آ اي دادن
اجايو اسان جي خواري ٿي پئي آ.

بيت

رئـان روّان ريهون ڪريان، ڪريان گهـوڙا گهل
مونکي ماءُ مَ جهل، آءٌ هينئر ئي ويندس هوت ڏي

بيت

ڏاڍا تہن ڏينهڙا ڏـوڙي ڪوسو لڳي واءُ
جيجل منهنجي ماءُ آءٌ نہ رهندي ان ريءُ

بيت

رهجي ويون راتڙيون ڏينهن مَ ڏوريم ڪو
سرتيون وقت سڄو چرخو مون نا چوريو.

تڪرار وانگي

ڏسان تو مان توڏي پرين پيار وانگي
ڏسين تون ٿو مون ڏي چو تڪرار وانگي

سندءِ حڪم جو بنده حاضر مان آهيان
اگيان بيٺو آهيان گنهگار وانگي

هئين چالاڪ ڪيئن دل ڦرڻ مهل سهٽا
هينئر ڪيئن پيو ڏسجين نندي پار وانگي

پيارا سچڻ تنهنجي چشمن جون پنبڙيون
لنگهي هيانءَ ۾ پيون تکي آر وانگي

جي ڳوڙهن جي تارن ۾ موتي وهي پيا
تهي پيا سي سيني تي سپ هار وانگي

خدا جي آ قدرت جو ڪائيندي پيئندي
پيا پاسي پر آهيون بيمار وانگي

الم درد فرقت جي داغن ڪان سارو
ٿيو سينو "دادن" جو گلزار وانگي

بيت

چرخو مون نه چوريو پهي پچم ڪانه
اڄ انهي ارمان، مونکي وڌو مامري

اک جي پکائي

پلائي جي بدلي برائي وڃي وئي
حياويو چڙهي بي حيائي وڃي وئي

سچي سيٺ سکڻي اجائي وڃي وئي
ويو نياز نوڙت وڏائي وڃي وئي

نٿو پاڻ ۾ کو ڏسي پاپ پنهنجا
پچر جاتي کاٿي پرائي وڃي وئي .

وفادار دنيا ۾ کو آهي ورلي
وفا وئي چڙهي بيوفائي وڃي وئي .

شريفن جو کنهن وٽ پيو کو قدر کونهي
رذيلن جي آهي رسائي وڃي وئي .

منافق جو اڄ قدردان آه هرکو
خدايا هي کهڙي خدائي وڃي وئي

ڏسڻ ساڻ پيو کونہ باسي ٿو "دادن"
آ اهڙي کا اک جي پکائي وڃي وئي

بيت

جلوه ۾ جمال جي آهي خود خفي
ناهي نات نفي ، واصل آه وجود ۾ .

سونگار ناهي

دغا باز دلدار دلدار ناهي
نہ غم کائي غمخوار غمخوار ناهي

جنهن گلزار جو آه غدار مالهي
اهو سمجهو گلزار گلزار ناهي

سخي دوست رب جو بخيل آه دشمن
سخا ريءِ زردار زردار ناهي

توڪل آ الله پنهنجي تي جنهن جي
سو دنيا ۾ نادار نادار ناهي

علي جو سڏائي ڪري ڪم يزيدي
علي جو سو حبدار حبدار ناهي

ٺئي اڻ سڏيو ڪنهن بہ محفل ۾ شامل
سو ڪيڏو ٻيي فنڪار فنڪار ناهي

پيا ٻن ڪجل سرما سينڌيون ۽ سرخيون
سچ ڏارن سينگار سينگار ناهي

محبت ۾ ٿيندو آ سيڪجهہ اي "دادن"
محبت ۾ تڪرار تڪرار ناهي

هار سهنگار ۾

آ پنجي وٺي جان آزار ۾
اڳي ڏڪ ويو آه ڪاپار ۾

آهي ڏينهن ۽ راتيون ڪاڏي ويا
مــزو ڪيڏو هو پهرئين پيار ۾

ملڻ جي ملي ڪيس فرصت نٿي
سڄڻ پورو آ هــار سينگــار ۾

نه گهر جي خبر آ نه سر جــي خبر
مٺا يار جي پيا آهيون ديـــدار ۾

مان پرهيزگــار آدمي "دادنا"
چو ڦاسي پيس حسن جي چار ۾.

نظم رڳو ويٺو آهيان

زماني سڄي ڪٿون رڳو ويٺو آهيان
محبت ڪرڻ مٿون مٺو ويٺو آهيان

پلنگ بسترا ڪونه آڇي ڪو مونکي
جتي ويٺو آهيان سٺــو ويٺــو آهيان.

ڪريان ڳالهه ڪهڙي سليان سور ڪنهن سان
هتان دوستن جــي ڪٽو ويٺــو آهيــان.

ساه سڏري پوي

ملي دلربا ساه ســڏريۡ پــوي
سڙيل پيي سُلو سڪ جو آسري پڙوي

آ قسمت جي قلزم ۾ منهنجو جهاز
رڪي رب جبل سان نه نڪري پوي
ڳلي منهن جي ٿئي رشڪ جنت اگر
ڳلي منهنجي ڪان يار ڳنڍري پوي
پناه ڏئي خـدا ۽ خـدا پيو ڏڪي
متو ماڻهو شل ڪين مڪري پـوي
خـدا جو اگر لطف آهي ته پوءِ
پرنـدن سان بي پر تو اڏي پوي
غضب آ ملي مردي ڪي تو ثواب
اگر حڪم ملا ۾ بصري پـوي
سيکاري ٿي ناني ڪي ڏوهٽي سبق
ڏسو ڪيئن ٿي مهري ۾ آڪري پوي
وهائي ڪـي ياڪر خيالن ۾ يـار
چوان پيو متان سچ ايـري پوي
هي اهڙو سمو آهي جو شير سان
اي دادن ڳدڙ پيي تو آلري پوي

آهي يا ڪونهي

سچو دوست دلبر ڪو آهي يا ڪونهي
وفادار بي سَر ڪو آهي يا ڪونهي

حسينن جسي، آهي ڪيو حسن حاو
بچڻ جو ڪٿي گهر ڪو آهي يا ڪونهي

سيه مار زلفن جو آهيان ڏنگيل مان
ڪنهن جوگي کي منتر ڪو آهي يا ڪونهي

ڪهين ڇو ٿو ڪاٽي مڏي سان اي قاتل
تکو تيز خنجر ڪو آهي يا ڪونهي

ڪري زنده مرده کي اهڙو اي "دادن"
مسيحا جو همسر ڪو آهي يا ڪونهي.

بيت

جيئڻ اهڙي جيڏيون مٿي ڇو نه مران
ڳڻتين منجهه ڳران، پسان ڪين پرين

بيت

ڪٿون لهين ڪين کي گهرين پئي گهڻو
ڇني تنهنجي ڇڪ ۾ گهگهرو گند هٿو
ڇرين ڪين ڇٿو، تي هٿين هام هلڻ جي

نظر ـ ڪجي سو ڪجي ڇا

ڦري ويو زمانو ڪجي سو ڪجي ڇا
آ الٽو فسانو ڪجي سو ڪجي ڇا

نڪا سوچ آهي نڪا سمجهه آهي
ٿيو پاڳل ڀڳانو ڪجي سو ڪجي ڇا

ڪڏهن ڏنو ڪراڙو جواني جي دعويٰ
ڏيندو ائين جوانو ڪجي سو ڪجي ڇا

ڪڏي مرد آهي نه ڇڏي گهر منجهائون
ڇا زور آ زنانو ڪجي سو ڪجي ڇا

مٺن مائٽن مئون محبت جو اڻ ڪٽ
ڪٺي ديو خزانو ڪجي سو ڪجي ڇا

اٿيئي ا الست آٿيئي آ ڪلفت
ڏسيو رزدانو ڪجي سو ڪجي ڇا

ملڻ واري اصلي نه آهي سڄڻ ڪي
رڳو آ ٻهانو ڪجي سو ڪجي ڇا

وڃي ڪين دل موتي دلبر جي طرفان
نه موٽين بيانو ڪجي جو ڪجي ڇا

قرين مان "دادن" سزو موڪلائي
رڙهي ٿيو روانو ڪجي سو ڪجي ڇا

مڪ پوڙهه

پهريان نباهي سيڪو نباهي ڪو ٿوڙهه
منزل جي حد نه آهي ڪوني جي ٻوڙهه

آهيان سڪي تيئي سوڙهو مان سورن جي سوڙهه ۾
ديدار ڪان سواءِ نه ٻي شيءِ آ لوڙ ۾
تنهن کي ڪٿو ڇا جيڪو جڙي ڪين جوڙ ۾
ڪاڏن ڪٻي نه دوستو ڏسي مڪ پوڙ ۾
جنهن دوستي ۾ دوستي جو لطف ڪين آ
تنهن دوستي ڪان ڪانجي بس ڦاهو نوڙ ۾
آهيون اسان به ڪين ڪي واندا اي "دادنا"
پنهنجو به پاڳو آهي گهڻن سان گوڙ ۾.

ڏوهيڙو – حرفي خيال دادن

اج يار پيار هزار ڏتي، نادار تيار بهار ٿيا
ليل نهار سوار فگار تي بار برهه هر بار ٿيا
"دادن" ڏار نه ڏار ڏئي پهه آڏار تيڏا سردار ٿيا

ويسر نه ڪندو ڪر

بيدادگي بي جرم اي دلبر نه ڪندو ڪر
مون زار طلب گار کي مضطر نه ڪندو ڪر
ڪهڙون جي اٿئي ڪهه تون پلي شوق سان مونکي
خنجر ڪسي ڪٺي هٿ ۾ وري دير نه ڪندو ڪر
بي درد آن جو عشق جو صدمو نه ڏنو ٿئي
هيئن واعدو ڪري پوءِ وري ويسر نه ڪندو ڪر

لله ڪرڻ ڪهرجي غريبن تي نظر پي
مت پينو ڪي عاشق سان تونگر نه ڪندو ڪر.
دادن جي سٺي عرض ڪيو غرض ڪڍهن يي
هڪ رات ملاقات ڪان نهڪر نه ڪندو ڪر.

ڏوهڙو

محبت ۾ ضرور اي دوستو غم ڪاٺو پوندو
نه قرباني ڪبي پهرين نه پوءِ پڇتائڻو پوندو.
محبت ۾ اگر عاشق سچو سڏرائڻو پوندو
نه ڪنڌ ڪيرائڻو پوندو نه رخ بدلائڻو پوندو
محبت ۾ رئي محبوب کي پرچائڻو پوندو
هو ڳالهائي نه ڳالهائي نه پي ڳالهائڻو پوندو

پيارو تون آن

مون کي سر ساه کان اي يار پيارو تون آن
ياد مون کي سدا سانوڻ ۾ سيارو تون آن
١- جهڙا تهڙا مان ڏکيا ڏينهن گذاري ويندس
تو جا ڪئي آ سا توکي ياد ڏياري ويندس
ڪو مري پل مري ڪيڏو نه وسارو تون آن
٢- جيڏي ئي يار سچن آه تو وساريو مونکي
مان نه توکي نه وساريو تو وساريو مونکي

منهن جي ڪشتي لئي ٻيڙيءَ پر جو ڪنارو تون آن

٣- تنهنجو مشتاق ازل کان اي سڄڻ مان آهيان
قياس ڪر ڪو اي خدرا بي خطا مان آهيان
ڪير آ منهن جو مون "دادن" جو سهارو تون آن

ٻهت

کهڙو ڪنڌ کڻان اکيان عجيبن جي
ڇڏي آهيان جيڏيون ور کي شال وڻان
ڪنهن ڪمائي ڪين ڪنگري منجهه کڻان،
هڻي ٿي هٿ هڻان، هاڻي پنهنجي حال تي

ڏسي ڏسي

گذري وئي رات ساري ستارا ڏسي ڏسي
پنجي ويا نيڻ ننڊ سهارا ڏسي ڏسي
ڪر وقت تي نه آئيو ڪوئي پي پاڻ کي
ڪيئي ڇڏيا سين دوست پيارا ڏسي ڏسي
پهچي ويا کي منزل مقصود تي سفير
موٽي پيا کي پنڌ پسارا ڏسي ڏسي
آڙهي سوا کي پار وڃي پهتا هم جليس
کي سير ۾ ٻڏي ويا ڪنارا ڏسي ڏسي
پورا ڏسڻ سان ڪين ٿيا قدرت جا "دادنا"
تڪجي پيا سين ليست نظارا ڏسي ڏسي

بيت

رُنندي رڙندي سرتيون ڏاڍا ڏينهن ٿيام
آئندي ويهندي گهمندي سمهندي پرين ياد پيام
جهڙي تهڙي حال ۾ وسري ڪين ويام
جيڪي قول ڪيام، سي شل پورا ٿين پرين سين

بيت

ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ ڏکندي گذري ڏينهن
تيئن تيئن وسن اکڙيون جيئن جيئن وسي مينهن
لاتو ننڌر نينهن سرتيون سامونڊين سين

بيت

جيئڻ تئي جنجال مرڻ تئي مشاهدو
پاڻ وڃائي پانهنجو ويجهو ڪر وصال
هيءَ وڃائي حال حاصل ڪر هن حال کي

غزل- راڳ پيلو پلاسي

تنهن جي در تي بنان ناٿي يار وڪاڻو آهيان مان
ڏار توکان منهنجا وارث ڏاڍو ويڳاڻو آهيان مان

١- آهيان مان توسان سچو ملڪ عدم جو ساٿي
سوچ ڪر اي دوست تنهنجو دوست پراڻو آهيان مان

٢- ناهيان عاشق مان نہ ڪي آهيان رقيب اي سهڻا
تنهنجو خادم تنهنجو نوڪر نيچ نماڻو آهيان مان
٣- آه مارائي وڌو پنهنجي سادگي "دادن"
عشق ۾ آهيان اياڻو هونءَ تہ سياڻو آهيان مان

بيت

جيئڻ تنهن جو ڪهہ پيو جنهن مٺون راهہ رٺو
مٺي پاڻ مٺوءِ، ور وڃائيءِ ويسلــــي.

بيت

حاصل ڪر هن حال کي فنا تــي في الحال
ويجهو آهي وصال ويڇهو ناهي وار جــو.

بيت

ڏاڍا تپــن ڏينهڙا ڪو سُو لڳي واءُ
جيجل منهن جي ماءِ، آءُ نہ رهندي ان ريءَ

هي ڪهڙي ادائي آ

اي منهنجا سڄڻ سائين هيءَ ڪهڙي ادائي آ
غيرن سان مــــلاقاتيون مونسان جـدائي آ

تنهنجي ياد ستائي تي ريءَ آگ جلائي تي
سڏ ياد اوهان جي ۾ پنهنجي نہ پرائي آ

مر سوليءَ تي ڏربو اچي تنهنجي اڳيان مربو
پٽتي جي قدم ڏربو هيءَ ڪيڏي ڪسائي آ
نه ڪي قلب کي آ فرحت نه ڪي روح کي آ راحت
بي لطف سڄي مون لئه هي ساري خدائي آ
تنهنجون ڳالهيون عجب آهن تنهنجا ناز غضب آهن
مرڻي جا سبب آهن تو جهڙي ڀڏائي آ
دل جسم کان دور آهي وس پنهنجي نه مور آهي
ڪنهن جو نه قصور آهي مون پاڻ ڦرائي آ
اغيار سان چڏ رغبت، رک دادن سان الفت
ڪڍ سيني منجهان ڪلفت منهن موڙ اجائي آ.

بهت

بے گنی بهت مانسے گنی مانسے ایک
کهو دادن گر گن جسکو وہی جگت میں نیک

گهر جي سامهون

دم ڏئي مران خدا ڪري دلبر جي سامهون
ٺئي قبر منهنجي شال سندس گهر جي سامهون
ڪنڌ ڪين ڪي ڪدائبو خنجر جي سامهون
پڪري جان بيٺو آهيان ستمگر جي سامهون
جلوه ڏيکاري پوءِ وڃين بستر نشين ٿيو
منهن جون ا ڪيون لڳي ويون سندس در جي سامهون

ثاني خيال منهنجي ۾ ڪونهي ڪو يار جو
ڇا آفتاب پيي رخ انور جسي سامهون.

هٿ ڪر دماغ پنهنجي کي ڪر صبر "دادنا"
سر ڦاٽي پوندو هٿبو جي پٿر جسي سامهون

شعر

تنهن جي نظر جو منهن جي نظر تي اثر پيو
دل تي اثر پيو ۽ جگر تي اثر پيو

١- تيو پرده پوش ڪاري ڪڪر ۾ حجاب ڪان
رخ تنهنجي کي ڏسڻ سان قمر تي اثر پيو

٢- آئي خزان چمن ۾ ڪئي الوداع بهار
گل تي اثر پيو ۽ ثمر تي اثر پيو

٣- اهڙو اثر پيو آ مون "دادن" غريب تي
بجلي جو ڇڻ ته ڪنهن جي آ گهر تي اثر پيو

غزل- انتظار ڪونهي

دلبر تي ڏار ويو آ دل کي قرار ڪونهي
گهٽيون هزار آهن ليکو شمار ڪونهي

١- سيخو ڪباب آهي چنگ و رباب آهي
بيو سڀ ڪي آهي ليڪن موجود يار ڪونهي

٢- سڪتو سلام پيي اڄ مون ڏانهن ڪو اچي ٿو
شايد سڄڻ ڪي مون لئہ پهريون پيار ڪونهي
٣- ڪاٽي ڪندا سين ٻوريون گهڙيون جدائي واريون
سر جي بلا آ سر سان پيو ڪنهن تي بار ڪونهي
٤- زر مال جي ضرورت آ پاڻ ڪي نہ "دادن"
گهرجي وصال جانا ٻيءَ انتظار ڪونهي.

عاشق ۽ معشوق جا سوال جواب

چيم صنم کي ڪو داد ڪر عرض سڻ هي دل اضطراب آهي
چيائين هرگز نٿو ٻڌان مان رڪارڊ تنهنجو خراب آهي
چيم اي جانا اهي زمانا تون ياد ڪر جي نہ ڏار هئاسين
چيائين چڏ چڏ ڪرين تو چرچا لڌو تو شايد خواب آهي
چيم تہ ڪنهن جي بہ دل دکائڻ آ خاص خانهٔ خدا سان جهڳڙو
چيائين جهڪي چيئي اسان وٽ اهو وڏو هڪ ثواب آهي
چيم تہ محفل ۾ غير ڇجي چا اوهان جي لئہ آ حضور حاضر
چيائين دل آ ڪباب تنهنجي ۽ خون تنهنجو شراب آهي
چيم اوهانجو غلام "دادن" فقير آهيان ۽ دل جو ماريو
چيائين تو سان فقير صاحب اسان ڪيو انقلاب آهي.

غزل- خاموش بہ آ

اڄ تہ محفل ۾ صنم شوخ آ پرجوش بہ آ
غير جي دوش سان گڏ دوش ۽ آغوش بہ آ

هڪ تہ ڏاڍو ٿو ٻچان هن جي سرخ چشمن کان
پيو تہ مجلس ۾ رقيبن سان هم گوش بہ آ
شرف هن شب کي ڏيان چو نہ خبرات سنلو
ساقي ساغر بہ آ ۽ مئي پيي آ مئي نوش بہ آ
ٿو ڏسان هر ڪوئي مئي نوش تہ مئي نوشي ۾
دست پيمانہ ۽ خندان بہ آ خاموش بہ آ
وٺ تون بوسہ جو مزو ڪيف ۾ "دادن" بيشڪ
پوءِ پيي چوندا تہ هي مستان بہ آ مدهوش بہ آ.

وفادار سمجهي

رکي ياري مون يار سان يار سمجهي
مگر هن ڇڏيو مونکي بيڪار سمجهي

١- محبت جي موتي جو ڪو قدر ڪونهي
وڃان ڪنهن ڏي ڪنهن کي خريدار سمجهي

٢- آهو ئي ٿو دل کي ڏئي سور صدمان
ڏني دل مون جنهن کي آ دلدار سمجهي

٣- خبر هئي نہ اهڙي تہ ڪو ڪاڇي پنبو
ڪيو پيار مون مار کي هار سمجهي

٤- اٿم پڪ ادب سان وڃي پيش پوندس.
نہ ماريندو سهڻو گنهگار سمجهي

هيو هو نہ ڪو چور دلين جو "دادن"
وفا ڪئي مون تنهن سان وفادار سمجهي

غزل- ڪسي نٿو سگهي

آهي جو ليڪ ۾ اهو هرگز گسي نٿو سگهي
قادر سوا ڪنهن جي هٿان ڪو ٻي ڪسي نٿو سگهي
١- جيڪي ڪري خدا ڪري بندو ويچارو ڇا ڪري
حڪم بنان الله جي ڪنپ پي ڪسي نٿو سگهي
٢- آتش اندر جي ڌاريان دريا هنجن جو هاربان
ڇولو ڇوانڪن سان اڃان پورو پسي نٿو سگهي
٣- الفت جو ٿيو ڪمال آ قلفت جو ٿيو زوال آ
"دادن" ڪان ڪنهن بہ حال ۾ دلبر رسي نٿو سگهي

غزل- خدا ڄاڻي

دوا جو فائدو هڪ درد ڄاڻي ٻي دوا ڄاڻي
ٻيو ڄاڻي جو مريض آهي ۽ دست شفا ڄاڻي
نہ ڪر ناصح نصيحت عشق بازي ڪرڻ کان مونکي
مرڻ جو خوف ڪونهي ڇاهي مان ڄاڏان قضا ڄاڻي
انهي سان ڪم ٻيو آهي جو هن منهنجي محبت جي
نہ ڪي ٿو ابتدا ڄاڻي نہ ڪي ٿو انتها ڄاڻي
پتو پئي پاڻ کي ٿو ڪين ڪي دادن اڃان اهڙو
الائي ڇا هي قسمت ۾ خدا جو ڳجهہ خدا ڄاڻي

لئلان نالو هجي

وقت تنهائي هجي محبوب متوالو هجي
خير سب کنهن ڏي هجي الله جو نالو هجي

چنجي وڏ گهٽ ڪين ڪنهن کي گر ڪو بدچالو هجي
پنهنجي پر ۾ خوش پلي چهڙو پنگي ٻالو هجي

وچجي تاتي جاتي پڌجي يار پو تو ڙي ڪٿي
ديــر مندر گــرجـا بـت خانـو شيوالـو هجي

مئي هجي ساقـي هجي لبريز پيالـو هجـي
عشق جـو نشو هجـي ۽ عقل کي تالـو هجي

آهيون مجنون لئلان پٺي "دادن" پنهي ۾ فرق هي
منهن جـو مجنون هن جو لئلان بـس نالـو هجي

انتظار آهي

ڪڏهن ايندين سڄڻ تنهنجي اچڻ جو انتظار آهي
ڏسڻ کي ڏينهن ٿيا ڏاڍا ڏسڻ جـو انتظـار آهي

١- هتان تنهنجي ڪهڻ وارا ڪسڻ جو انتظار آهي
اڏي ٿي تنهنجي اکيان ۾ رکڻ جو انتظار آهي

٢- نه تون آئين نه موت آيو نه تنهنجو نامو بر آيو
اکين کي اي پرين تنهنجي پسڻ جو انتظار آهي.

٣- جدائيءَ جو عذاب هڪڙو پيو مائهن جا ملن مهڻا
جيئڻ اهڙي ڪنئون دنيا مئون هلڻ جو انتظار آهي
٤- پڌڻ وارو هجي پيو ڪونه ڪو دادن جي دردن کي
اڪيلائيءَ ۾ بس تو سان ملڻ جو انتظار آهي

غزل- ڪو ڪيئن چوندو ڪو ڪيئن چوندو

مليو بدلو اوهان ڪان وفا جو جفا ڪو ڪيئن چوندو
ڪو ڪيئن چوندو
ڏسي اهڙي سچڻ تنهنجي ڪوڙي ادا ڪو ڪيئن چوندو
ڪو ڪيئن چوندو
ڌو پاڻهي ڪرين اقرار سچڻ ڌو پاڻهين ڪرين تڪرار سچڻ
تنهنجي هائو پيي نهڪر آهي صفا ڪو ڪيئن چوندو
ڪو ڪيئن چوندو
تنهنجي مرضي سچڻ تون ڪيئن پيي ڪرين توکي ڪير
چوي تون جيئن پيي ڪرين
ڪر قياس ڪو دل جو اي دل جا خدا ڪو ڪيئن
چوندو ڪو ڪيئن چوندو
مون گهر پيي ڏنو توکي سر پيي ڏنو هي دل پيي ڏني
هي جگر پيي ڏنو
تنهنجي ناهي خطا منهن جي آهي خطا ڪو ڪيئن
چوندو ڪو ڪيئن چوندو

ويندو "دادن" توسان نباهي مٺا تنهنجا ٺورا سگهي ٿو
نہ لاهي مٺا
توتي ڪاڀي ميار نہ آهي مٺا ڪو ڪيئن چوندو ڪو
ڪيئن چوندو

رڻ وارو

ٻڌايان دل جو غم ڪنهنکي ٻڌڻ وارو نہ آهي ڪو
ڪلڻ وارا گهڻا آهن رئڻ وارو نہ آهي ڪو
١- جلائي جي غريبن جو چڙي ڪو گهر تہ ڇا ٿي پيو
تو جنهن کي جيئن وڻي ڪنهن کي چوڻ وارو نہ
آهي ڪو
٢- ڪجي ٿي دانهن جڏهين داد ڏهين تو ٿئي مشڪل
مريض- عشق کان پاڻهي پڇڻ وارو نہ آهي ڪو.
٣- هزارين ٿا ملن درزي لباسن جي سبڻ وارا
و ليڪن چاڪ سيني جا سبڻ وارو نہ آهي ڪو
ڪٿو هڪڙي سان هوندو ڪو نہ ڪو دنيا ۾ اي دادن
مسافر هر ڪو هت آهي رهڻ وارو نہ آهي ڪو

وٺي آ دلڙي ڦاسي

دلدار ڏيو دلداري ڇڏ ريت وسارڻ واري
ماڻن تنهجن ماري ڇڏيو آ گهڻين تنهنجي گهاري ڇڏيو آ
منهنجي توبهہ توبهہ زاري ڇڏ ريت وسارڻ واري

موت نہ ڪنهن کي مور ڇڏيندو هر ڪوئي پر لوڪ لڏيندو
وڃڻ رئيس هجي ترڙي هاري ڇڏ ريت وسارڻ واري
سهڻا توکي ساه تو ساري صدقي سر جي ويهه نہ وساري
وجهه گهوٽ نہ ايڏي گهاري ڇڏ ريت وسارڻ واري
"دادن" تو لئہ آهي اداسي بيوس وئي آ دلڙي قاسي
ڪر ڏار نہ دلبر ڏاري ڇڏ ريت وسارڻ واري

انتظار پورو ٿيو

نہ آيو يار نڪي انتظار پورو ٿيو
هيو جنهن وار تي اچڻو سو وار پورو ٿيو
ڏسان ٿو روز مان دل جي جهان ۾ عن کي
اٿيس ڪرڻ سان ٿي دل جو قرار پورو ٿيو
وٺي ڇٽيندو تو چشمن جي ڪان سان ڪيئي
اهان شڪاري جو نہ آهي شڪار پورو ٿيو
رهڻ ڇڳائي نہ گلشن ۾ توکي اي بلبل
خزان اچي وئي آهي بهار پورو ٿيو
ٿي عمر پوري وئي آدمي جي اي "دادن"
ڪنهن جو ڪين مگر ڪاروبار پورو ٿيو

تنهنجي حسن جو طالب ڪير نہ آ

تنهنجي عشق جو ڏاڍو يار ڏکيو آزار پيي آ تقرار پيي آ
تنهنجو جور و جفا اي اهل۔ جفا يڪ بار پيي آ صدبار پيي آ

ڏون پاڻ ڏنگو تنهنجو پيار ڏنگو تنهنجو آر ڏنگو آچلر ڏنگو
تنهنجا ابرو ڏنگا هر وار ڏنگو جڻ تيغ يي آ تلوار يي آ
ٿو ونگ وجهڻ جا ڍنگ ڍنگي هٿي ماندن کي ٿوڏنگ ڏنگي
تنهنجي زلف جو ڪارو مار سيهه خونخواريي آ خمدار يي آ
ڏون ماربن ٿو ۽ جيارين ٿو پر مئي جا جام پيارين ٿو
تنهنجي مئخاني جو مئي ڪش ٿيو هوشيار يي آ
سرشار يي آ.
تنهنجو هلڻ ڏسي حيران ٿيس تنهنجو گفتو ٻڌي
گريان ٿيس
تنهنجي اهڙي سجڻ ڪا جادو ڀري رفتار يي آ
گفتار يي آ.
اي منهنجا يگانا يار سجڻ تنهنجو منهن جي مٿانڻ
بس راضي رهڻ
درمان يي آ ديدار يي منهنجو هار يي آ سينگار يي آ
هن ڳالهه ۾ ڪو قند قير نه آ تنهنجي حسن جو
طالب ڪير نه آ
سردار يي آ زردار يي آ نادار يي آ نر نار يي آ
تنهن جي در جو اي دلدار سجڻ تنهنجي پيرن جي
اي يار سجڻ
هئي "دادن" دل افگار سجڻ بيمار يي آ بيزار يي آ

شاهد خدا ڏيندو رهين

ٽلهه: بدلي الفت جي سڄڻ رنج و بلا ڏيندو رهين
مان دعا ڏيندو رهيس تون بد دعا ڏيندو رهين
١- سوز فرقت ياس حسرت درد هجرت بار بار
مون جهلي جهولي تون جيڪي دلربا ڏيندو رهين
٢- غير جي محفل ۾ آهين غير سان تون هم نشين
مون کي بي مقصد اجايا آسرا ڏيندو رهين
٣- مون ته تنهنجي حڪم جي ڪئي پيروي پوري طرح
بيوفا تون پاڻ ٿئين مون تي گلا ڏيندو رهين
٤- ڪوڙ تنهنجي تي ڪريان پٽ ڪيئن نه جو هر ڳالهه ۾
هڪ ڏون سهڻو پيو وري شاهد خدا ڏيندو رهين
٥- زور اڳيان آهي زاري ڇا ڪري "دادن" غريب
بي سبب صد بار صدمن جي سزا ڏيندو رهين

هيئن نه جڳائي

هيئن نه جڳائي توکي يار سڄڻ سائين هيئن نه جڳائي
گهوربو وڇوڙو محب تو ماري وڃ تون منيء کي
منهڙو ڏيکاري.
دوست مٺا دلدار سڄڻ سائين هيئن نه جڳائي.
منڙو ماندو آهي ملڻ لئي تون جي اچين تان تنهنجي
اچڻ لئي
واٽين وڇايان وار سڄڻ سائين هيئن نه جڳائي.

مل ته ڪسون ڪي قلب جون لاهيون روز ازل
ڪان واقف آهيون
ناهيون ڏريائين ڏار سڄڻ سائين هيئن نه جڳائي
ائين ڪرڻ توکي يار نهي تو "دادن" ايذا ڪين
سهي ٿو
باري برهه جا بار سڄڻ سائين هيئن نه جڳائي

ڪلام ڪلاونتي- سدورو وار

آيو ڏولڻ يار تيڙو قلب قرار
اجرو اڱڻ ٿيو صحن ڪٿوري دل تي باغ بهار
ڪبئي پلايون پانيان پلي جون ليکو ناهي شمار
ساهه ۾ سهڻي يار سڄڻ کي پايان پو ئي هار
ملي مبارڪ محب ملڻ جي واهه سدور وار
"دادن" سان ٿيو سڀ سٺائو دوست مليو دلدار

ڪلام سر ملونتي

ڪڏهن ايندين يار پيارا سهڻا سهڻي صورت وارا
تو لئه آهي ساهه اداسي ٻيوس وئي آ ڏاڙي ڦاسي
ڪر ڪو قياس خدارا.
رهڻ پري جو آهي قيامت ڪانه ٿي گذري
سک جي ساعت
وٺن تا ڪين نظارا

هيئن نه جڳائي توکي آخر آهي دنيا فاني
سورج چنڊ ستارا ۔
تنهنجي درشن لاءِ ديوانا آهن عاشق يار يگانا
کيئي دادن پارا

بسم الله

اسان جي دعوت اڄ جاني قبوليندين ته بسم الله
غريبائي مڃي ماني قبوليندي ته بسم الله
نه کي زردو نه کي حلوو نه کي ٿئي چاشني مون وٽ
سرنهن جو ساڳ سبحاني قبوليندين ته بسم الله
ٻچا ۽ ٻار گهر تو تئون ڪندس قربان ٻيو ان سان
آ سر ۽ ساهه قرباني قبوليندين ته بسم الله
اسان وٽ ته ڪين کي اسباب آهي عيش و عشرت جو
خدا وارن جي ياراني قبوليندين ته بسم الله
لب احمر شراب آهي جگر ۽ دل ڪباب آهي
اها ٿئي منهنجي مهماني قبوليندين ته بسم الله
سگر بوندي لڏون پيڙا مٺائي ۽ نه مائو آ
چڻو پت دال دوفاني قبوليندي ته بسم الله
نه آهي کو ٻيو دنوي مشغلو "دادن" جي محفل
رياضت رازا روحاني قبوليندين ته بسم الله

ڪافي- سر پيروي

آهيان عيبن هاڻي- من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا
ڏکندي گذريو ڏينهن ڏکن رئندي رات وهائي
من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا

اصلي منهن جي آهي اوهان سان ڏاڍي پرت پراڻي
من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا

ٻانهي گولي پورهيت بي زر- تو در دوست وڪاڻي
من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا

روئي روئي روح جبل جان- پهڻ ڪنديس آءٌ پاڻي
من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا

دادن جو دم دم تي ناهي- آه پساه پڇاڻي
من ڪا ٻاجھ پوئي ٻاجهارا

ڪلام دادن

من پرچي جانب جيڏيون- ڪندو هوت نه مٺي سين هيڏيون

١- ڪين چڏيندو گولي گڏيندو- اٿم اميدون ايڏيون

٢- رات سمڻ ۾ ڏينهن گهمڻ ۾- ڪيم ڪڏايون ڪيڏيون

٣- "دادن" ديد انهن کي ناهي- جي تي تيون پائن تيڏيون

غزل- اردو خيال دادن

وہ زمانے اور تھے اور یہ زمانے اور ہیں
وہ فسانے اور تھے اور یہ فسانے اور ہیں

۱- حال دل کس سے کہیں دانش یگانو میں نہیں
وہ یگانے اور تھے اور یہ یگانے اور ہیں

۲- جانتا ہوں باقی جینے کی تمنا ہی نہیں
وہ بہانے اور تھے اور یہ بہانے اور ہیں

۳- مٹ نہ جائینگے ابھی پہلے نشانے یہ نہیں
وہ نشانے اور تھے اور یہ نشانے اور ہیں

۴- جن ترانوں نے کیا مردوں کو زندہ "دادنا"
وہ ترانے اور تھے اور یہ ترانے اور ہیں۔

پڑهائي چڏياسون

پهنجا حال پاڻهي وڃائي چڏياسين
بکيون جان جيرا جلائي چڏياسين

دلين جا لکين ڏک پچائي چڏياسين
پرين سان پکا پيچ پائي چڏياسين

اهي اڄ اسانجا مخالف ٿيا موتي
هتن سان جيکي پڙهائي چڏياسين

نہ جاچيو سون اڪ پو عبس دشمنن کي
ڳجها راز دل جا ٻڌائي چڏياسين

وڏي جن ۾ اميد هئي پنهنجي "دادن"
اهي يي سيئي آزمائي ڇڏيا ٿيـن

يار آ نڪتو

ڪري سينگار اڄ ٻاهر اسانجو يار آ نڪتو
پيارو ساه کان ڏاڍو منـو منٺار آ نڪتو

١- هجوم- عاشقن اعلان ڪيو اڄ خير ڪونهي ڪو
ڪپي تلـوار هٿ ۾ بي ڏڙڪ دلـدار آ نڪتو

٢- ڏسڻ ۾ آئيو ٿي پاڪ رخ دلبر جو زلفن مان
ڪڪر ڪاري منجهان ڄڻ چنڊ چمڪي دار آ نڪتو

٣- ڏسان ٿو جنهن طرف ٿي تنهن طرف کان ٿي منتُ دادن
سندس ديدار لئه گهر کان پـيدو ۽ پـار نڪتو

غزل- اعتبار ٿئي

انسان کي ڪپي ته ڪنهين تي نه بار ٿئي
مثل- نسيم باغي جهـان جـو سيار ٿئي

١- مشڪل جي وقت سست نه ٿئي برد بار ٿئي
نقصان دوستي ۾ پلي صـد هـزار ٿئي

٢- ڪوڙي جي ڳالهه تي نه مونکي اعتبار ٿئي
اوڏانهن وڃبو جاڏي نتو خـط ۽ تار ٿئي

٣- جنهن وقت وقتي غم کان ٿي دل بيقرار ٿئي
بس موت جو وڃي ٿـو فقط انتظار ٿئي

١- تير- نگـــاه سيني ڪان يلي آر پـار ٿئـي
پيو رنج تي وچي نـہ رڳو رنج يار ٿئي

٢- ڪلهہ جنهن جي سر تي سهراءِ پوشاڪ جسم تي
اڄ ان لئہ هـــاء ڪفن تـــو تيـار ٿئي۔

٣- ”دادن“ تون رکج پنهنجي طبيعت تي ضابطو
دل کي تون ڪر وڏو تہ دفع انتظار ٿئي

ڳوڙها وهي پيا

اڄ ياد يار کي ڪري ڳوڙها وهي پيا
قسمت خراب منهنجي ٺهيل ڪم ڊهي پيا

١ افسوس منهنجو حـــال بڇيو ڪهڙو دوستو
ارمـــان نڪتا دل جـــا نہ دل ۾ رهي پيا

٢ دلبر بہ منهنجو مونکان ويو ۽ دل بہ منهنجي وئي
ڏاڍو چڱـو ٿيو بـــار گهڻن ٿئون لهي پيا

٣ ويٺن جـا جيڪي ڏڪ هنيا مونکي دلربـــا
ســـي داغ دل تـي ســـورا نهي پيا

٤ منزل دراز عشق جي آهي اي ”دادنا“
کي پهتا تـوڙ تائين ڪي وچ تي رهي پيا

غزل دادن

اڄ يار منهنجي جان جلائي هليو ويو
قاسائـي مونکي پاڻ چڏائي هليو ويو

سورن ۾ منهنجو ساه سڪائي هليو ويو
ماتم جو مون لئہ مينهن وسائي هليو ويو
منهنجو سمورو هوش ڀلائي هليو ويو
سياڻي مئون مونکي چريو بنائي هليو ويو
ابرن جي تيغ ساڻ هو گهائي هليو ويو
پيو موت مار چشم لڙائي هليو ويو
اج شمع منهنجي گهر جي وسائي هليو ويو
سيني ۾ آه آگ لڳائي هليو ويو
خدمت ڪرڻ جو موقع تائين نہ ترسيو
منهنجي مٿون رقيب ڪلائي هليو ويو
مدت ڪان بعد "دادنا" هو سنگدل وري
دل ۾ وسائي باه دکائي هليو ويو

غزل - دادن

اج منهن جو مون کي يار ڏئي غم هليو ويو
دنيا بنائي مون لئہ جهنم هليو ويو
افسوس آ جو حال محرم هليو ويو
پهچائي منهن جي جان کي جوکم هليو ويو
دم هڪڙو ترسيو ڪين ڪي همدم هليو ويو
دل کي ڏئي هي داغ مقيم هليو ويو

مونکي ولي هي عالم اسباب ڪين ٿو
ڇو جو هو مون کان زينت عالم هليو ويو
حسرت پريو هي سوز سنو "دادنا" مگر
ڪنهنکي ٻڌايان حال جو همدم هليو ويو

غزل

ڪنهنکي به بي قصور رنجائڻ حرام آ
دل ٻئي جي خوامخواه ستائڻ حرام آ
منجهه دوستيءَ جي راز ڇپائڻ حرام آ
هڪ جو ٻئي کي حال ٻڌائڻ حرام آ
ڪانهي ڪالوڙ ڪوڙ جي آ ڪوڙ نيت ڪوڙ
انسانيت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ حرام آ
آهي ڪو جو ڇوي وڃي منهنجي لئي يار کي
گهر ڪنهن جو بي گناه جلائڻ حرام آ
ياد صنم ۾ پاڻ کي هردم اي "دادنا"
پالي پيئڻ حرام آ کائڻ حرام آ

غزل

ايندڙ زماني جو تون ذرا انتظار ڪر
بي فائدو هوا ۾ حياتي نه غار ڪر
٢- اڄ منهنجي ڳالهه تي تون اهي اعتبار ڪر
هڪ رب تي ٿيو پاڻ تي پنهنجو مدار ڪر

٢- ڀئي جو شڪار ڇو ٿهن ڀئي کي شڪار ڪر
ٻالو سڄي جهان انـدر آشڪار ڪر
٣- بي اعتبار تي نـہ ڪڏهن اعتبار ڪر
جو اعتبار جهڙو هجي سو ٿي ٻار ڪر
٤- بيڪار تي نہ ڪار سان اٽ جار ڪر
ڪجهہ پروسو خدا تي رکي روزگار ڪر
٥- لوڪي نڪي ڪو گهولي وفادار يار ڪر
ڪهن نا نڪ جي ٻچي کي نہ پالي پيار ڪر.
٦- مرضي سواہ پنهنجي جي دنيا ۾ "دادنا"
ڪنهن جي مٿاهون ڪين گران زوربار ڪر

غزل دادن

محبوب منهنجي جا ڏسو ماٽا نوان نوان
ماري ڪري تـہ پوءِ پڇا ٽا نوان نوان
منهن جي سـوال بعد ڏئي تـو جواب ۾
ورنديون نہ-ون نيون ۽ وراڻا نوان نوان
اڪ گذري اڪ سان اڄ ٻہ گهٽائي ڪري چڙهيا
برباد عشـق ڪيئي گهراڻا نـوان نـوان
تيندا وڃن ٽا پيدا وري منهنجي موت ڪان
رخ يار جي تـہ خال ۽ داڻا نوان نوان
پيو فائدو نہ دادنا بس رهندو يـي وري
ٿي پيا جگر جا زخم پراڻا نوان نـــوان.

ڪنهن کي ٻڌايان حال مان دل جو ٿي "دادنا"
دل ۾ گهمن ٿا درد جا گهاٽا نوان نوان

غزل دادن

اڄ واٽ ويندي دلربا ماري هليو ويو
پا سيرو ناز سان نهاري هليو ويو
مشڪل سان منهنجي دل کي ڏٺاري هليو ويو
هڪڙي نظر سان مون کي هو ڪهاري هليو ويو
نئين ريت آگ کي وري ٻاري هليو ويو
چا عمر مون غريب جي ڪاڙي هليو ويو
سارو ٿي هوش منهنجو اڏاري هليو ويو
بي اختيار مونکي رئاري هليو ويو
واپس نہ آيو يار ڏئي خالي آسرو
زحمتي ۾ مونکي آهي بيهاري هليو ويو
اي راز دان خدا جو قسم يار عشق جو
اوتپ وري اندر ۾ اتاري هليو ويو
بس هجر بعد خواب جيان يار "دادنا"
هلندي ٿي پنهنجو پاڻ ڏيکاري هليو ويو

غزل از "دادن" فقير

اڄ مونکي ياد پئي تو دلبر وري وري
برپا ٿئي تو منهنجي ڪان حشر وري وري

هائو ڪري ٿو پوءِ ڪري نهڪر وري وري
ناهيون ٿا مس ٻهي ٿو پوي گهر وري وري
خلقت نہ سمجهو توڙي ڪي خلقت ڏي موڪاءِ و
هڪ هڪ ڪري خداهہ پيغمبر وري وري
بي شڪر آهيون ڏسو نڌهين پي ٿو ڪري
لک مهربانيون خالق و اڪبر وري وري
سمجهي نہ يار "دادنا" ٿو باقي يار ڪي
ڪهڙو ٻڌايان ڪولي مان دفتر وري وري

غزل

دانهون ڪجن چو هٿ ڪجي دل ۽ دماغ کي
رکجي اندر ۾ مخفي محبت جي داغ کي

موسم بهار جي آ خزان منهنجي واسطي
دلدار ڪان سواهہ ڏيان آگ باغ کي

هن چوٽ بعد ڏاڍو حسينن ڪان ٿو ٻچان
جيئن ڪو ڪمان سامهون ڏيکاري ذاغ کي

آهي نہ محتسب جو لحاظ ۽ نہ شيخ جو
لبريز ڪر اي ساقي تون مئے جي اياغ کي

جيڻري ته مليو ڪين ڪي دلدار "دادنا"
من قبر تي ڪري اچي روشن چراغ کي

غزل دادن فقير

راضي خدا هجي ته زمانو وفا ڪري
جي تو مدد خدا ڪري دشمن تو ڇا ڪري
ٿيندو ڇا جيڪڏهن ڪو ٻئي جي گلا ڪري
ٿيندو ٿي تيئن آهي جيئن منهنجو خدا ڪري
معشوق ڇنجي سونهن جو ناز و ادا ڪري
عاشق ٿي پنهنجي ساڻ نه دم پر دغا ڪري
هن آسمان جي زير خدا ڪڙي ڪانسوا
ڪهنجو آ ڪير ڪير تو ڪنهن سان بقا ڪري
رحمت خدا جي زور يا منهنجا گناه زور
عقبا جو خوف خطرو ٿي منهنجي بلا ڪري
خوف الرجا جو ڪو نه خيال آهي "دادنا"
قاضي جي آه راضي ته ڇا ٿي قضا ڪري.

غزل

عمر ساري ۾ مونکي وصل جي نعمت نه ملي
مان گنهگار هيس تنهن ڪري جنت نه ملي
لاٿيان دل نه هان ڪنهن سان نه ڏسان هان ڪنهن ڏي
ڪنهن ڪان افسوس مونکي اهڙي نصيحت نه ملي
ڪوئيٽا ڪشمير مسوري ۽ شمله پوني ۾
ياس فرقت جي تپش ڪان مونکي فرحت نه ملي

جي ملي ڪنهن ڪان نہ عزت دولت نــہ ملي
ڇا ملهو جيڪڏهن دولت ملي عـزت نـہ ملـي
مصر ايـران پرستان سڄــو هڪلـي ڏٺـم
پر ڪٿي يـار جي صورت جهـڙي صورت نہ ملي
انقلاب ڪهڙو اي "دادن" هي آهي جــو ڇا ڪئون
يـار جي منهنجي طبيعت سـان طبيعت نـہ ملـي.

غزل دادن

موڏانهن متان اي منهنجا سڄڻ دل ڪٿي وڃين
نا حق نـہ مون غريب کي اوجهـڙ هٿي وڃين
منٿون ميڙون ڪيتريون توکي ڪنيان تـہ پـي
وهلور ڇو تو مونکان منهنجا ڏٿي وڃين.
سرتين تي سسئي کي جهلهو مون وانگي اي مٺا
ڇو تي پنهل جي پوئيان هڪڙي جٽي وڃين.
اهڙي تہ خبر ڪانہ هئي هيئن رهہ روان سڄڻ
"دادن" کي ڪيئن تو اوچتي جهٽ پٽ وٺي وڃين

غزل از "دادن" فقير

تنهنجي فرقت ۾ مٺا زهر ڦڪيندو ٿو وتان
ڏينهن جا ڇالي ڏٺي تارا تڪيندو ٿـو وتان
عمر پنهنجي جا ڏکيا ڏينهن ڪٽيندو ٿو وتان
پنهنجي منهن ساڻ پنهنجا سور پٽيندو ٿو وتان

ڪيئن ڏسان توڏي خطا وار اکيون پنهنجون ڪٿي
پنهنجي مان شرم کان منهن پنهنجو ڍڪيندو تو وتان

ياد تنهنجي ۾ بنائي هي غـــزل ۽ ڪافيون
ٿنجي پيس پاڻ بہ بين ڪي بہ ڦتيندو تو وتان

غزل هوش پورو

نہ عشق۔ صنم ۾ اتــم هوش پورو
ڪهي پاڻ جيڪر ڪريان جوش پورو

شرارت رقيبن جي کان تو نہ پائي
مــلاقات جـي وقــت آغوش پـورو

خبر پاڻ پنهنجي نہ ٻونکي پوي ٿي
ڪيو مئي محبت جي مدهوش پورو

خدا جي آ قدرت جو نفرت ٿي مونکان
رهي تو رقيبن ســان هم دوش پورو

الائي خطا ڪهڙي ڪئي سون اي "دادن"
نتو يار ڳالهائي ڏئي موش پورو

يار پيدا

ٿيو موت منهن جي ڪان منتار پيدا
ٿيس چــو مان بدبخت بمڪار پيدا

پيو دل ۾ تـي آهـي دهڪار پيـدا
تيـو پاڻ پيـدا ۽ اغيـار پيـدا
ڪيو ڪيئن خدا گل سان گڏ خار پيدا
ويـو آه قاصـد خبر ناه ڇـا ڪنئون
اڃان ڇو تيو ڪو نه رڪو يار پيـدا
جدائي جي گهٽين ۾ گهوڙهن جو يارو
اڃهو تو اکين مئون ٿئي نـار پيدا
عدم ۾ هجان ها ڇـو پيـدا تيس مان
جنهن صورت ۾ هو منهنجو دلدار پيدا
اي همراز قانـون قدرت جـي موجب
محبت ۾ ڪونهي ڪو انڪار پيـدا
نه پيدا هجان هـا مان دنيا ۾ هرگز
هجـي هـا يلي ”دادنا“ يـار پيدا.

غزل

انهي يار کي حيف هـزار هجن
جيڪو يار تئون سر کي فدا نه ڪري
تنهن سان ڪهڙو وفـا جو ڪٿجي قدم
جو وفا جي عيوض ۾ وفـا نـه ڪري
ڪنهن کي درد پنهنجي جي دانهن ڏيان
ڪو پڌائي مان ڪاڏي تي ڪاڏي ٿيان

جيئن مونسان تـسي گذريو آهي
تيئن دشمن سان بي خدا نہ ڪري

منهن جي يار جي باري ۾ يـار اوهان
جيڪي بـہ چيـو بيڪار اوهـان
آهي ڪهڙو بہ منهنجي اکين سان ڏسو
منهنجي اکيون سندس کو گلا نہ ڪري

سواء يـار سجڻ جي ٻيو نہ کپي
مونکي ڪنهنجو علاج ٿو ڪو نہ کپي
جنهن کي مرض محبت جو آهي لـڳل
تنهن جي ڪوئي طبيب دوا نہ ڪري

ڪجهہ "دادن" پاڻ کي خيال نـہ آ
ري ڪـهن بـہ ڪشاڻلي ڪمال نـہ آ
سارو جڳ هي جدا ٿي وڃي تہ وڃي
هڪ جانب يـار جـدا نـہ ڪري

يار جو قاصد

اڄا تائين نـہ آيـو ڇو پياري يار جو قاصـد
ڪڏهن ڏسنديون اکيون منهنجون اکين جي ٺار جو قاصد
الائي ڇا ڪيو مون آ جو مونڏي عمر ساري
نہ ڪي دلدار آيو ۽ نہ ڪي دلدار جو قاصد

نہ آيو يار جو قاصد و ليڪن ياد ڏي هردم
ويو هوندو دفعا ڪيئي مون عاشق زار جو قاصد
هتڻ ۾ آيو آهي يار ڏي ويندي وٺي نياپا
وڙهي پياواٽ ويندي سنهنجو ۽ اغيار جو قاصد
جدائي جي غمن ۾ بس ڏٺي جاني اي "ڏادن" هت
مري ويندا سون ايندو ڪين ڪي منٺار جو قاصد

غزل از "دادن" فقير

ڪڏهن حاصل وري ٿيندو پياري يار جو پاسو
نہ وسري ٿو دل مغموم ڪان منٺار جو پاسو
خدا شاهد وهي ڳوڙها پون منهن جي ڳلن تان ٿا
پوي ٿو ياد جهڙي وقت دل جي نار جو پاسو
نہ اهڙو مون ڏٺو ڪنهن حسن وازي جو ڪٿي چهرو
ڪرم ۽ سيم بر نازڪ نرم دلدار پاسو
ويو جهٽ آه ٿيڻ پيرو ڪيائين ڪين ڪي "دادن"
پسند شايد مونکان آيس گهڻو اغيار جو پاسو

چوڏهين صدي

اڳوڻو وقت ناهي دوستو چوڏهين صدي آهي
امن الله ڏيندو ملڪ جي حالت ردي آهي
بلي سيڪائي اڄڪلهہ آه مٽ ٿئي ڪي ڪري چوٿي
ڪني ڪوجهي اڏي ڪاٺي ڦنجهي توڙي ڦڏي آهي

غضب نازل اچا ڪيئن ٿئي نہ دنيا جي مٿانهون جو پنهنجي منهن ساڻ منهن ڪارو ۽ ماٺهن ۾ ادي آهي. شفا جي آسري تي ايترو چئجي تو محشر ۾ ڇڏيندو ڪين ڪي جنهن جي اسان دامن ودي آهي. چڱو آهي چڱائي جي عيوض "دادن" چڱائي ڪر لڪڻ واري ڪنهين جي ڪينڪي نيڪي بدي آهي.

غزل ڏک گسائي پو

عبث تو هٿ هٿان هائي هٿن سان دل قرائي پو

ڪريان دانهون ۽ ڪوڪون تو اول ۾ گهر لٿائي پو

ڪرڻ واپار گهر جي سر يا دل جو پڪ چمائي پو

مٿائي منهن تو اڄ هرڪوئي پنهنجو ڪم ٿپائي پو

نہ نڪري يار شل باهر ڪجل اکڙين ۾ پائي پو

خبر ناهي نہ عاشق لاء چيا تيندو الائي پو

رمي تو دلربا اگلي کي ڏس چريو بنائي پو

ڪجي کهڙي شڪايت يار کي عاشق سڏائي پو

سياڻا بعد صدمي جي ٿياسون نيٺ جو هن ڪان اگي يي ڪيترن کي ئي ڇڏيوسين آزمائي پو.

چوان مان چو نہ چريو پاڻ کي هئي جي چوڻ کان اگ ڏيان تو ڏوهہ قسمت ذي پکي هٿ سان اڏائي پو.

ڪرڻ گهرجي نہ دست اندازي اڄڪلهہ اڻ پڇي ڪنهن سان هميشه ڪم ڪجي يار ۾ هڪيئي کي بڏائي جو

بهادر ٻنجي "دادن" عشق جـي ميدان ۾ گهڙجي
هٿ ڏک ٻئي کي گهرجي ڀهريان ٻئي جو ڏک گسائي ڀڄ.

غزل

عزيزو دل جي بيماري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
تپش فرقت جي لاچاري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
مونکان دلبر کي بيزاري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
زبردستي جفا ڪاري جـا اڳ هئي سا هينئر به آ
اسان جي توبهه ۽ زاري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
ڳچي ۽ ڳل ۾ ٻيل ڳاري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
خطا ڪهڙي ڪئي مون جو الائـي ڇو اچا تائين
طبيعت يار جي عاري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
نه ڪجهه پرواهه آهي ڪنهنجي، ڪهڙو ڪن ڏجي ڪنهن ڏي
اها ئي خلق جي خواري جا اڳ هئي سا هينئر به آ
مونکي هو پاڻ دشمن پنهجو ٿو سمجهي وڏو "دادن"
مگر منهنجي اها ياري جا اڳ هئي سا هينئر به آ

دلدار جون اکيون

بي ڪيف ڪيف واريون ٻئي دلـدار جون اکيون
سهڻيون ڪجل ۽ سرمي سـوا يـار جـون اکيون
قدرت جي جوڙ آهي جـو آهن ٻئي قدرتي
خونخوار خون رنگ تـي خونخوار جـون اکيون

نور خدا جو جلوو يا نور خدا چوي
منهنجي اکين سان جو ڏسي منظار جون اکيون

ڏئي تو جواب ڪونه سندس ڏي ڏسي ڏسي
تڪجي پيون سون عاشق نادار جون اکيون

زاهد جي تي نماز قضا ويندي جيڪڏهن
ڏسندو نماز وقت منهنجي يار جون اکيون

محشر ۾ حق جي سامهون هونديون پٽي "دادنا"
انصاف لاءِ يار ۾ مون زار جون اکيون

غزل "دادن"

ڏس ته منهنجي بدنصيبي جو ٿيو آ يار ڪَڪ
پروسي جهڙو پيارو دوست دل جو نار ڪڪ

ڪو ته هو اهڙو زمانو جو نه ٿيندو هو ڪڏهن
منٿ هڪڙو پي نه مونکان ساهه جو سينگار ڪڪ

حسن وارن جا ڪڏهن پرپور پريل ياڻ هيا
اڄ ته هڪڙو پي نه آهي سڀ ٿيا هڪ وار ڪڪ

منهن جو مون سان آه ڪهڙي ريت ٿيو دلدار ڪڪ
ٿيندو جهڙي ريت آ نادار مان زردار ڪڪ

"دادنا" ڪڏهن به امت پنهنجي بدڪار مان
ڪين ڪي ٿيندو قيامت ۾ سچو سردار ڪڪ

ڏکيو بار آه

مٺو محب منهنجو مزيدار آهي
جهڙو يار طبيم موئي يار آهي
سچ اکين ۾ ائين تو سمجهان
خدا جي خدائي جو ديدار آهي
اڄايو ڇو پرواه ڪيجي ڪنهين جي
ڏيڻ وارو هر ڪنهنجو ڏاتار آهي
هجي زر ته هر در پلي واقفيت ڪر
سچي دوست کان دوست بيزار آهي
ڪنيو آه سر تي سهائي ون "دادن"
محبت جو جيڪو ڏکيو بار آهي

بي اعتبار مان صدقي

منهنجا محبوب منهنجا سهڻا يار مان صدقي
سام منهنجا منهنجي سيني جا هار مان صدقي
ڇو نه تو تئون ٿيان گهمرا هزار مان صدقي
تو مجي منهجي نه بي اعتبار مان صدقي
هڪ دفعو ڇا پرين پر بار بار مان صدقي
توڙي ليڪين نه ته پي دل جا نار مان صدقي
چاهي ڇا ڪئون تو ڪرين مونکان عار مان صدقي
اکيان وسرن نتا ڏنهجا پيار مان صدقي

ٿا ڏنگن جهل اهي زلف ڇا مار مان صدقي
موت"دادن" جو تنهنجا ڪارا وار مان صدقي

غزل ايمان لٽائي ويٺس

تنهن جي اکڙين تي مان ايمان لٽائي ويٺس
تنهنجو عاشق تي خدا پنهنجو ڀلائي ويٺس

پيچ تو يار بي پرواه سان پائي ويٺس
پنهنجو سان پاڻهين آرام ڦٽائي ويٺس

اوچتي ڪيئن مان اکيون توسان اڙائي ويٺس
پنهنجي مان پاڻ لئه تقدير بنائي ويٺس

راهه ۾ سارونئي سامان ڪسائي ويٺس
ٻئي جو ڇا پاڻ مان دل پنهنجي ڦرائي ويٺس

واهه ڪيئن سور پراوا مان پرائي ويٺس
تو ستمگر جي ڪري جان جلائي ويٺس

تنهنجي تصوير تصور ۾ ڇمائي ويٺس
توڻي در تنهنجي تي بس ديرو ڄمائي ويٺس

راز اغيار کي ناحق مان ٻڌائي ويٺس
پاڻ تي پنهنجي قسمت کي ڪلائي ويٺس

تنهنجو "دادن" تو چوي تنهنجي محبت ۾ ٺا
ناه پرواه جو سڀ سر تي سهائي ويٺس

چيرا نوان نوان

مونکان سچڻ پڇي ويو پيرا نوان نوان
روئي ڏسان ٿو يار جا ڀيرا نوان نوان
هڪڙا جلي ويا مان جيئڻ واسطي وري
پيدا ڪريان ڪي پيا بڪيون جيرا نوان نوان
مون ڏي ڏسي ۽ پنهنجي کهڻ لاءِ دلربا
هر هر ڪاتي ڪي چيرا نوان نوان
گذري ويا اڳوڻا اڳوڻا جي وقت ها
دنيا ۾ اج اچي پيا ڦيرا نوان نوان
اڄڪلهه ته ڪيترن جون حسينن ڪري چڏيون
دستارون ڏاڙهيون ڏيريون ۽ ڏيرا نوان نوان
جنهن دل ۾ ڪڏهين ماپي نه ٿي ”دادنا“ خوشي
تنهن دل ۾ درد ڪيا اچ ديرا نوان نوان

فلڪ تي ڏيان

آهيان زمين تي ليڪ فلڪ تي ڏيان آ
مون بندي جو ٿاهون فرشتن کان شان آ
رحمت پيي منهنجي واسطي زحمت پيي مون کاڻ
پر ساڳي وقت ٻانهي تي رب مهربان آ
ٿو پنهنجي مرده زندگي زنده ڪري سگهان
ڪنهن ڳالهه ۾ ته موت پيي خود رازدان آ

منجي نہ تو سگهان جو مان انسان آهيان
بت جي طرح ڪعبہ ۾ منهن جو نشان آ.
ان ڳالهہ ۾ وڃي تو ڇا ڪجهہ ٻئي جو "دادنا"
قدرت جي ڪنهن جي سر جي مٿان مهربان آ

رشيا ۽ پاڪستان ۾

هاڪ تنهنجي حسن جي هر جاءِ هندستان ۾
آمريڪا ايشيا رشيا ۽ پاڪستان ۾
مٿ نہ تنهنجو آهي ڪو يورپ ۽ يونان ۾
آفريڪا چين ۾ اسپين ۾ ايران ۾
بيلجم هالينڊ ۾ پوليند ۾ انگلستان ۾
جرمني برما ۽ اٽلي ڇا مگر جاپان ۾
تنهنجي صورت جي ٻڌم تعريف ترڪستان ۾
اصفهان تروڙي سڳوري ملڪ عربستان ۾
او مٺا محبوب منهنجا منهنجي نظرن جي اڳيان
تنهنجو ثاني ڪونہ آهي مصر ۾ ڪنعان ۾
سنڌ ۾ پنجاب ۾ آسام ۾ بنگال ۾
ڪونهي هر سر تنهنجو ڪو سرحد پٺاڻستان ۾
جوڌپور ڀوپال ۾ جهونا ڳڙهہ ڪشمير ٻيو
پرتپور گجرات ڪاٺياواڙ ۽ مڪران ۾

شملي ۾ پوني ۾ دهلي بمبئي لاهور ۾
ديري غازيخان ۾ ۽ ڪلڪتي ملتان ۾
ڪين تنهنجو مٽ ڪراچي يا سکر ۾ ڪو سچڻ
لاڙڪاڻي ۾ نہ ڇا دنيا جي هر ميدان ۾
جهڙي صورت تهڙي سيرت رب ڏني توکي سچڻ
لطف آ جي گڻ هجي صورت سان گڏ انسان ۾
اي پرين پيارا وڏي سڪ ساڻ آهي پر اثر
خوب "دادن" شعر ناهيو آه تنهنجي شان ۾

دادن فقير اونده ۾

اچي جي نڪري اگر مون ڏي يار اونده ۾
تي اونده مئون پوي مون لاءِ نهار اونده ۾
خراب آهي ڪيڏي انتظار اونده ۾
وڃي نہ ڪائي اجائي ڪو مار اونده ۾
وڃو مون يار ڪي هيرن جو هار اونده ۾
پڇي پيو ڪچ ڪري بي اعتبار اونده ۾
ميڻر هجي ڪو وڃي ڪيس ڪي ڇوي نہ توڻئي
هو تنهنجو وينو آ خدمت گذار اونده ۾
ڪري حجاب سڄڻ سوجهري ۾ تو "دادن"
نصيب مَن ٿئي بوسہ ڪنار اونده ۾ •

غزل- سوال سڳي جو

بي درد کي کھڙو آ پتو دل جي لڳي جو
مشڪل تو نھي موتي وري سودو پڳي جو
جو سمجھي تو پنھنجو سو اوس آھي نه تنھنجو
دنيا جو سچو چرچو اٿئي ناھ ٺڳي جو
چا جنھن کي خبر آھي سو قائم آ انھي تي
سر تار مٿون ڇا چاٿي تو شوقين ڪڄي جو
ھوندا ھٿا اڳئين وقت ۾ واپار سرن جا
اڄڪلھ تہ رکيو وڃ ۾ آ وڃ سوال سڳي جو
سوداگري انھن جي آ وڏي عشق جي "دادن"
ھاتي نہ وني سگھندو خريدار ڊگي جو

نيت صفا ھجي

منھن جي ڀلي جان ملڪ سڄي ۾ ڪلا ھجي
دنيا ڦري وڃي ڀلي راضي خدا ھجي
ڇا جو فساد ڇا جو حدث ڇا جي آ دشمني
ٻئي کي ڇڏي ڏي پنھنجي نيت صفا ھجي.
باد صبا ڏون چئہ وڃي منھن جي مسيح کي
زنده ڪري مٺي ڪي ڪا اھڙي دوا ھجي
اھڙو ته ڪم ڪندس نه مان پيھر ڪڏھن وري
مونکي ھي ڀل ته دل جي لڳي جي سزا ھجي

هن منهن جي ٿي مرض جو آهوئي حڪيم آ
اڪثير جهڙي جنهن جي نظر ۾ شفا هجي
ٻئجي مري خدا جو قسم آهي "دادنا"
اميد جو جي ڪين ڪي دل کي پرا هجي

دوا ڪيستائين

ستائيندي تون اي منا ڪيستائين
رهي مون کان سگهندين جدا ڪيستائين
ڪندين منهن سر جي ڳلا ڪيستائين
ڏيندين وري بد دعا ڪيستائين
حياتي کي هوندو بقا ڪيستائين
ڇڏيندو ڪنهن کي خدا ڪيستائين
جو آهي مرڻ وارو تو لئه تنهن جي
ڪندو چا ڪو حاذق دوا ڪيستائين
اجائي جو بي عذر "دادن" سا هيئن تون
رنو رهندين ڏس دلربا ڪيستائين

اڄ چانور سنڌ جو

تي ويو اڄ آسمان بر دور برتر سنڌ جو
شان مسلم سان تيو آهي مٿي ڪر سنڌ جو
سنڌ کي لوڏو نه آهي سنڌ هوندي سبز سر
حشر تائين شل ڏسان آباد هر گهر سنڌ جو

سيني ملڪن ساڻ آهي سنڌ جو واپار پڻ
آهه قلزم تي ڪراچي شهر بندر سنڌ جو
عام چوڻي آهي، سنڌ آهي قلندر لعل جي
سنڌ کي آ فخر آ حاڪم قلندر سنڌ جو
سيني ملڪن ۾ گهڻو مشهور آهي "دادنا"
خلق مهماني پلو ۽ انب چانور سنڌ جو

موت گهر ۾ گهرائين متان

دغا باز سان دل لڳائين متان
سڄي عمر جو غم پرائين متان
پرائي کي پنهنجو تون پائين متان
سڏين ڪنهن ڪميني کي سائين متان

اٺائي سان اکڙيون اڙائين متان
چوڻ منهنجو دل تان پلائين متان
ڏکي يار سان پيچ پائين متان
پنهنجي گهر کي هٿ سان جلائين متان

اجايو ڪرين دانهون افراد تون
متئون خلق ساري کلائين متان
پڄي بي وفا کئي‍ن تون بيزار ٿي
ڏسي وائسي زهر کائين متان

ڏئي دل تون هٿ سان ۽ هٿ سان سڏي
پنهنجو موت گهر ۾ گهرائين متان

جو بروقت ٿي آزمايل هجي
انهي کي وري آزمائين متان

سچي دوست تان صدقي سڀڪجھ ڪجي
ذرو پرزو پٽ تي بچائين متان

رکي ڪونہ تو ڪنهن جي تر جيتري
پنهنجو راز ٻئي کي ٻڌائين متان

ڏئي سڀ ڪي ڇڏ تون وفادار کي
ڇٽي پنهنجو ويسھ وڃائيں متان

ڪنهين بي درد معشوق جو ”دادن“
خبردار عاشق سڏائين متان

مشهور ڪين آهيان

مخالف منهنجو ڇا ڪئون بي سبب اي دلربا ٿيو آن
عجب آهي اجائي جو اسان ڪئون تون خفا ٿيو آن
تون منهن جي واسطي اي جان من فتنہ قضا ٿيو آن
دماغ آهي نہ پرزو جڏهن لاڪون جدا ٿيو آن
اجان مجنون وانگي مان ٿيو مشهور ڪين آهيان
نہ ڪي مشهور تون لئلان جي وانگي جابجا ٿيو آهين

خدا کي علم آهي ڪا خدا جي آه قدرت جو
مسري تي آس منهن جي ڪين توڙي بيوفا ٿيو آن

جواني جو پرايو موت "دادن" تنهنجي الفت مئون
ٿيو دشمن دوست مئون افسوس آهي ڇا مئون ڇا ٿيو آن

اغيار ٿيو

مون يار کي يار کهٽوئي ڪيو پر يار نه منهنجو يار ٿيو
فسوس اهوئي يار اٿم جو يار مئون هو اغيار ٿيو

هٿي ڪانه ڪا هي اميد سڄڻ سر پنهنجي پڇي بيزار ٿيو
منهن جي ڪاڻ زمانو آهي سڄو ڇڻ اونده ۾ اندوڪار ٿيو

آ ڪلهه جي خبر آغوش ۾ هو هڪ پل نه تي مون کان ڌار ٿيو
قدرت رب جي آهي جو آهيان يار مٿئون سان بار ٿيو

تي عمر سڄي برباد وئي اهڙي پاڻ کي پهريان ڪل نه پئي
اڇي موت نه تي پئي ڏاڍو چڱو منهنجو جڳ ۾ جيئڻ لاچار ٿيو

هالي "دادن" اهڙيون دانهون نه ڪر انصاف نه آهي آنهون نه ڪر
جو آيو ڪرڻ ۾ يار لئي آخر ڪم ڪار سڄو بيڪار ٿيو •

ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي

هيڏي اک تہ سڄڻ ڏس پٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي
ڇا ڪئون محب وئين منهن مٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي
تنهنجي تابش تاب تورڻ ۾ سهٽا سائين سمجهہ سون
ڪو نہ عشق جي بازي ڪٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي
تو سان ڪوِنہ چلي ڪو چارو ويو ساه سنڌن مان سارو
بحري بـاز مثل وئين جهٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي
رني جانب يار جڏهاڪون ڏهنجي سر جو قسم آ
تڏهاڪون
نہ ٿو مرض اندر جو هٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي
سارو زهر لڳي ٿو زمانو "دادن" ڏهنجو يار ديوانو
جيڪو ڏينهن ڏکن جا ڪٽي ڇڏيئہ دل ڦٽي ڦٽي

رکو تنهنجو غم آ

رکو تنهنجو ماتم رکو تنهنجو غم آ
اها ڪار منهنجي اهو منهنجو ڪم آ
۱- سوا عشق جي عشق واري جو ڪوئي
نہ اسلام ملت نہ مذهب ڌرم آ.
۲- اوهان يار پويان ڪريو پير چو ٽا
اسانجو تہ ساڳيو ئي ثابت قدم آ
۳- دلارام "دادن" محبت ڪان تنهنجي
نہ هتندو هي جيسين حياتي جو دم آ

ستمگار جي ويڇو

ٿو ياڻيان موت پنهنجو ماں وچڻ دلدار جي ويڇو
جهلي دهشت وڃان ٿو ڪين ڪي ماں يار جي ويڇو
دماغ آه نه ڀـــورو ۽ طبيعت پي نـه پوري آ
لڳي وئي تار وڃجي ڪين ٿو ڪم ڪار جي ويڇو
سندس رخسار ويڇو وڃجي ڪيئن جو مار زلفن جو
ڏنگڻ جي لاءِ ويٺـو آ سندس رخسار جـي ويڇو
ڪري بر منهن هليو وڃو ، هي سمجهي يار ٿو چرچو
وري اچبو نه اصلي يـي وفــا ستمگار جـي ويڇو
ڪئي سون عمر پر توبهه چڱو ٿيو جو وري پيهر
محبت لاءِ وڃبو ڪين ڪي دلـدار جـــي ويڇو
خبر ناهي هي ڪهڙي مونکي تي بيماري وئي آهي
جو پنهنجو پيي اچي ٿو ڪين مون بيمار جي ويڇو
ڪئي تلوار مارڻ منهنجي لئه ايندو نه اي ”دادن“
جهليندس پنهنجو گردن ماں وچي تلوار جي ويڇو

منهن لڪائين ٿو

نون مونکي جڏهن ڪڏهن اي سڄڻ ساڏين ستائين ٿو
ماں تنهنجو آهيان مونکي تون پهنجو ڪين پائين ٿو
رسامي جي آ معني خود محبت تا چون جنهنکي
هي حاضر آه ســـر منهنجو اجايـو آزمائين ٿـو

اڳي جا هئي نوازش تنهجي مون تي سا هينئر ڪانهي
نڪي مونڏي نهارين ٿو نڪي مونسان ڳالهائين ٿو
خدا دشمن جي گهر ۾ پي نہ دلين جو وجهي جهيڙو
ڏکيل آهيون اڳتي تون ڏکين کي چو ڏکائين ٿو
پري ڪان ٿي سون ۾ اي سڄڻ سائين قسم تنهنجو
سڄاڻان توکي ٿو باقي ڇو مون کئون منهن لڪائين
مري ويندا سون هڪڙي جو اهي ڏک پيٽ ۾ پائي
اجايو زور "دادن" ساڻ ايڏو آزمائين ٿو.

خدا جو قسم

سواءِ يار جي نڪري ٿو دم خدا جو قسم
وڃي ويو غم تي خوشي وڃي عدم خدا جو قسم
درد فراق نہ فرحت اٿم خدا جو قسم
نہ ڪنهن جو ڪنهن ۾ پوي ڪوئي ڪم خدا جو قسم
ڪمال آهي محبت جو جو تصور ۾
ٿو دل کي خم وجهي زلفن جو خم خدا جو قسم
ڏسي ڪو منهنجي اکين ساڻ بدگمان صاحب
خدا جو شان آ منهنجو صنم خدا جو قسم
ويو هو پاڻ فقط پنهنجو سنگدل مون وٽ
ڇڏي هليو ويو رنج و الم خدا جو قسم

چون ٿا خواهمخواه منهنجو خون هارڻ لئه
ڪٿي رهيو آ مخالف قدم خدا جو قسم
پڇڻ گهرون ٿا جي ڪنهن ڳالهه جو ته هو ڪدم
ڪٿي تو ڪوڙا خدا جا قسم خدا جو قسم
اسان ته يار ڪي آهيون نه يار ياد پر "دادن"
اسانکي يار جو ڪائي ويو غم خدا جو قسم

اڳيرو هجي

بي سمجهه ڪي چئڻ ڏي پلي اڳيرو هجي
تلاڻي ڏسيس نانڪ جو جاڏي ڏرو هجي
هند دوستي جي سودو هجي پر کرو هجي
لالچ جو رستو دوست سان بلڪل پرو هجي
شرم ۽ حيا جو اک ۾ ذرا ڪجهه ذرو هجي
اهڙو نه ڪٿجي بار جو وت ڪان گرو هجي
پوءِ ڏئي انهي ڪي ساڙجي صد بار دوستو
ڪائي جو جو کرو هجي ڪم جو پرو هجي
بهتر پيو خدا کان ڪجهه نه گهران تو اي "دادنا"
هي پنهنجو سر سڄڻ جي جتي جو ترو هجي

جهڳڙو نه وارجي

گذري ويو جو وقت سو موٽي نه سارجي
بي سمجهه سان پنهنجو متو ڪين مارجي

اڄڪله وڏو غريب تـي کهر ۾ گذارجي
توري گهٽي ڳالهه تان جهڳڙو نـہ وارجي
اهڙو ڪجي تجربو جـو پٽر پڳهارجـي
دشمن کي هٿ سان ڪين ڪي رستو ڏيکارجي
قدرت خداء جي آہ اسان کئون اي "دادنا"
سويي ٿهي تو جهن کي نہ پرسان بهارجي

ويسر نہ ڪيي

دشمن ڪنهين جو رب ڪري دلبر نہ ٿي پوي
برپـا ڪنهين غريب ڪان محشر نـہ ٿي پوي
گمراہ راهہ ۾ ڪو مسافر نـہ ٿي پـوي
شل رحم دل ڪو ماڻهو ستمگر نہ ٿي پوي
واعدي جي منهنجي يار کي ويسر نہ ٿي پوي
هڏو منجهان اي دوستو نهڪر نہ ٿي پوي
دانهون نہ ڪر اي "دادنا" دانهن منجهان متان
دل دلربـا جي ميـڻ مان پٿر نہ ٿي پوي

باہ پري

منهنجا حبيب ٠ونکان ٿون هڪ پل پري نہ ٿي
ڏاڍي بـدن ۾ باهہ پري ٿي ٺـري نٿي
وٺي جا هٿن مان دل سا ڪڏهن ٻي وري نٿي
تنهن جي سري ٿي پـر منا منهجي سري نٿي

سچ پار آهي ڪوڙ جتي ڀڙي تري ٿي
جنهن دل ڏٺي سچائي اها دل مري ٿي
آهي جا ليک پر سا ڪڏهن بہ ٽري ٿي
سڀڪجهہ ڪري ٿي قدرت قسمت ڪري ٿي
"دادن" غلام آهي سچن تنهنجو عمر ڀر
ڪاري وڌو جدائي، جدائي ڪري ٿي

نتيجو پيش آيو آ

زماني کي گهڻوئي مون عزيزو آزمايو آ
مگر ان مان عجب جهڙو نتيجو پيش آيو آ
هوا جي يار سي اغيار ٿي ويا تار ڏئي ٽوڪا
اسانجو آسرو حق پاڪ ٿي جنهن جڳ اپايو آ
سوين صدما ڏنم اهڙا ذري گهٽ مر وڃڻ جهڙا
مگر ان مان اچا تائين مونکي قدرت بچايو آ
دنيا جي خواب جون خبرون متان سمجهين سچون "دادن"
سوا دم جي آ دم پيدا پيو ڪل ڪم اجايو آ

هٿ قضا جو

اي يارو پاڻ کي ويچار ڏيو دلربا جو آ
چڱو ٿيو فڪر نہ خلقيل هرڪو خدا جو آ
نہ ڪنهن کي زور سان ميندي لڳائي سگهجي ٿي هرگز
اهو سڀڪنهن جي مرضي تي ڇڏيل سودو رضا جو آ

نہ ڪنهن طوفان قلزم ڪان تيل برباد مان آهيان
منهنجي قسمت جي ٻيڙي کي لڳي ويو هٿ قضا جو آ
ڏسي مايوس ۽ غمگين مونکي پيو چوي هرڪو
قسم آهي خدا جو هي نہ ڪو ڪاتل بلا جو آهي
اجايو زير بالا ڇئجي پرپٽ ٻن کي چو "دادن"
پڇي جي ڪين ڪي سگهجي نہ ڪهڙو ڪم ڪلا جو آ

چور گهر ۾ آ

لطف منهنجي واسطي آبادي ڪرڻ وڏ بر ۾ آ
باغ بر مون لاءِ آهي سير بر گر بر ۾ آ
چسم جانا جيئن نڪي جادو نہ ڪي منتر ۾ آ
مثل ابرو نڪي ڪنهن تيغ جي جوهر ۾ آ
گرچ مان بيمار آهيان بستري تي موت جي
انتظاري يار ۾ تب ديد پنهنجي در ۾ آ
منهنجي دل ۾ آه دلبر واسطي الفت ۽ انس
ليڪ منهن جي واسطي جهڳڙو دل دلبر ۾ آ
چو ڪرڻ گهرجي اجائي جو ٻئي پاسي چور چور
جاچ ونجي تي تہ هوڏانهن چور پنهنجي گهر ۾ آ
تون قيامت جو ئي زاهد پيو پلي ڪيد انتظار
منهن جي ڪان برپا قيامت يار جي نهڪر ۾ آ

بس خزان آئي چمن جو حال کھڙو تو رهي
اج فقط بلبل نہ پر خود باغبان چکر ۾ آ
ڇا ڪندو انسان ڪو ڪنهن تي نوازش "دادنا"
آسرو پنهنجو اگي پو خالق و اکبر ۾ آ.

وقت نماز آيو

انسان جي صورت ۾ بنده نواز آيو
مخلوق بانياز ۾ خالق بي نياز آيو
مطلوب ڪاٿي ٿي ۽ طالب ٿي آيو ڪاٿي
ڪاٿي شڪار ڪاٿي بڻجي هو باز آيو
ڪاٿي ٿي آيو تخت هزاري جو رانجهن چاڪ
محمود ڪاٿي ڪاٿي بڻجي اياز آيو.
منصور جي هو پردي ۾ سوري تي پاڻ هو
زاهد جو دين ٿوڙي ڇپائي ڪو راز آيو
احمد احد جي وچ ۾ فقط ميم جو فرق
معمولي ميم جو هو رکي امتياز آيو
شبير ڪربلا ۾ ڪسڻ وارو ڪير هو
خود هي شهيد تيڻ لئہ ٿي خود جان باز آيو
بيو وقت ئي نہ شمر ڪي هو قتل شاه لئہ
وجہ شمر ڪي لڳو جڏهن وقت نماز آيو
هر شيء ۾ آه پاڻ هو اي "دادنا" محيط
آهي وني عدم ڪان حقيقت دراز آيو

حضرت محترم جناب پير ابراهيم جان سرهندي

سخن جي فن جو ماهر ۽ اهلِ فن دادن
سخن شناس سخن سنج خود سخن دادن

مٺي ادا سان مسخر ڪري ٿو محفل کي
دليون ٿو موهي وجهي دم ۾ من موهن دادن

عجب نہ آه تہ فرهاد ٻنجي عالم ۾
لڪڻ ادب جو جبل آيو ڪوه ڪن دادن

وڃي وٺوس خزاني مٿون ڙرهيہ جي ورچون
وراهي دوست جي دردن جي ويٺو ڏن دادن

مٽي ڪاٿو کي سري سڪجي جو سڙي ويو سرير
ٻرهيہ جي باه ڪيو بيحال هي بدن دادن

ڙريو ٿڏو تون رهين شال تاب طولِ حياب
عدو تنهنجا يلي پيا ٻرن سڙن دادن،

سدائين طبع سندس باغ ۾ بهار آهي
گلن ڦلن سان ڀريل آه چ-ق چمن دادن

"خليل" شال اکيان خلق سر بلند هجي
مگر خدا جي اکيان هوء سر فگن دادن

بازار ۾ آهيان

پڇو ٿا ڪهڙيون خبرون مان وڏي آزار ۾ آهيان
نہ آهيان پنهنجي وس ۾ بس وڃي پيو تار ۾ آهيان

دلِ نادان تي ڪهڙو الائي ٿيو اثر آهي
نہ پنهنجي ڪا خبر آهي نہ پئي ڪنهنجي پچر آهي
پڌل اهڙو خدا ڄاڻي خيالِ يار ۾ آهيان

نہ راحت آ نہ رخصت آ نہ فرصت آ نہ فرحت،
قيامت تي قيامت آ مصيبت تي مصيبت آ
تري تي سر کنيو بيٺو سري بازار ۾ آهيان

قسم آهي خدا جو پاڻ تي ڪنهن خار ۾ آهيان
تهي تلوار آهيان انتظاري يار ۾ آهيان
اي "دادن" چاڪريان ڏاڍي پيل ويچار ۾ آهيان

ڪفن چيري

رسامي يار جي يارو چڏيو آ تن ۽ من چيري
نہ آهي رت ڦڙو منهنجو ڏسي ڪوئي بدن چيري
جنوني جوش کان پنهنجو چڏيم هي پير هن چيري
لنکهي وئي آهہ پنهنجي نيل گون چرخي ڪهن چيري

پڇو اي رازدان خبرون ٿا ڪهڙيون منهنجي سوزن جون
پلي وانگي وڏو آهي بدن هن گلبدن چيري
اي يارو لحد کان اگهي اٿين ٿي پئي سڄڻ منهنجو
اچي ٽڪڙوئي ٽڪڙو منهن ڏسي منهن تان ڪفن چيري
ڦٽي سامهون ڏئي تنهنجي ٿي مارڻ لئہ اي "دادن"
ڪڍي پيو سينڌ وارن مٿون سڌي هو سيم تن چيري

برباد ايترو

ڪر دوست منهجي دل کي نہ برباد ايترو
هر هر ستاءِ ڪين کي افسراد ايتسرو

تنهنجي ملڻ ڪان اڳ مٿان خاڪ ٿي پوان
مون کي نہ پڻ اي منهنجا سچڻ ياد ايتسرو

دانهون ڪري بخار ڪيان دل جي درد جا
ڇڏ تورو مونکي اي پريسن آزاد ايتسرو

ڪنهن غير سان ستم جو شڪايت متان ڪرين
"دادن" کي رک نہ دلسربا ناشاد ايترو

ڏاي وڃن ڏوندا

خدا ڪري تہ ڪهين جو جدا حبيب نہ ٿئي
اهو هي درد آ دشمن کي بہ نصيب نہ ٿئي

اڪين رقيب جهان ۾ پلي وڃن ڏوندا
فقط سوال رکو جان، من رقيب نہ ٿئي

زنجير زلف جي ۾ بي وس بي خيال مون وانگر
مبادا اوچتي قيدي ڪوئي غريب نہ ٿئي

فراق يار ۾ بيمار ٿئي اگر "دادن"
متانهن تنهنجي مرر ڪوئي طبيب نہ ٿئي

جهيڙو تنو

جهيڙو تنو من بي وفا تون ٿي وفا جو گهر
هئين ڪير تو چوي ته ڪو تون آن جفا جو گهر
ڪاڏي وڃان مريض مان بيمار عشق جو
گهر تنهنجو منهنجي واسطي آهي شفا جو گهر
جيڪا ڪيئي دعا سا ته ٿيو مگر پرين
تون تو پٽين مان ٿي سمجهو توکي دعا جو گهر
هئن ڪونه ڪو چوي ته ڪو آجو مان آهيان
دنيا ۾ هرڪو آدمي آهي خطا جو گهر
گهر پنهنجي ڪان نه پنهنجي تون دادن کي ڪر منع
هر ڪنهن جو گهر اڳي آ هتي آهي ڇا جو گهر

گلا بڻجي آئي

وفا منهن جي حق ۾ جفا بڻجي آئي
خوشي جا هئي سا سزا بڻجي آئي
سڏي سامهون منهنجي سيني ۾ هڪدم
نظر هن جي بجلي هوا بڻجي آئي
چوان ڇا ته ڇا مون آ ڇا بڻجي آئي
رضائي ستمگر قضا بڻجي آئي
تمنا هو آخر تيو انداز پورو
جا اڳ دل ۾ هئي سا اها بڻجي آئي

اسانجو آ کو لوڻ ڪڏئو اي "دادن"
جا نيڪي هئي سا گلا بڻجي آئي

ڏوهيڙو سرائڪي

پٽ سٽ خمم جهٽ پٽ دئي دا پٽ پٽ تي نا ڪولين
هولے ٻولين
هٽ هٽ سودا هٽ هٽ آئي ڪٽ ڪٽ تي ٻهه تولين
هولے ٻولين
چٽ وٽ ڏي مٽ گپٽ نٽ مارئي مٽ چٽ تون
منهن اولين هولے ٻولين
گهٽ گهٽ تي ڪرڪٽ سر سٽ پا "دادن" گهٽ
جهٽ گولين هولے ٻولين

ڏوهيڙو سرائڪي

بند بند لگا دلبند بلند تي زلف دے بند ڪمند ڪيتا
نهين هڌ پسند هئي جند تيڏي دي تند چا حسرت مند ڪيتا
پيوند تيا ڏک رند ڏيکان اهين پند چا ڪنڌ نمند ڪيتا
اڄ داد محمد داد تيا اهين هئي دانشمند ڪيتا .

ڪلام سر ڌلنگ

جهنگ ماهي دا خلد برينے، مجهيئن وچئين نال مکينے
١- بن ماهي دے ڪئي جاوان- اک پل ساعت صديان پاوان
گذرن گهڙيان سال مهينے

۲- وچ دریا دے ڍیر تماشے۔ لک هیران دے لڑه لڳے لاشے
غرق تئے غوراب سفینے

۳- شانان والا صاحب اعلیٰ۔ شاه جهان دا تاج دا والي
وچ پیالے دے تخت نشینے

۴- وچ گرداب دے توڑ نبائسي۔ لاش مڻي دے چاڳل لائسي
ایجها "دادن" دل نون یقینے

کلام سر تلنگ

ول پردیسي ڍولا جاني۔ ڏور کیتوء وچ ملک مکاني

۱- کڏهان آس ڏینهن ملڻ دے۔ کلسن ساري راز رسڻ دے
فکر فراق دے تیس فاني۔

۲- رات ملڻ دي عید منئیسانَ گهولي آپ نون گهول
گهئیسان
نظر کریسان سر قرباني

۳- عشق تیڏے دا تلک لڳئیسان۔ بار ملامت سر
تے چائسان
جٹیان پئسان ڳل صعاني

۴- یار "دادن" نون چین نه آندا۔ تئین بن سارا جڳ
نهین پاندا
وسدا ویڑها سج ویراني۔

سرائکي ڏوهيڙو

سڌے پئے هين عشق واليان دي سچ دے وچ آبادي
جنهان عشق خريد نہ کيتا انهان دي عمر گئي افرادي
سر وچھائے سوپ نسے ٿيسي هے منزل جور جفا دي
آکھے "دادن" اهي دلير سڏيجن جنهان ماريا نفس فسادي

ڏوهيڙو

سهڻيان دے نال تہ هر کوئي گذارے پر کوئي کو
جهڻ دے نال گذارے
اِنهن يار کڙي لک پاز کيدان ميڏا ماهي وتے انهن پارے
فذ کروني اذ کرکم وجدي تن وچ .... تارے
آکھے "دادن" مين ايوين روان جيوين وچڙي کونج قطارے

ڏوهيڙو دادن

دلدار کريندا مائے دل کون مالے يار دے پاندے
صدقے جاوان سهڻا سکنا اتون جو اج واعدے ياد نہ آندے
لاندے جهڙے تروڙ بنادے اتے چوڙ کے مول نہ جاندے
آکھے "دادن سهاکڻ تي سا جو مکسن ڏينهن ڏکاندے

ڏوهيڙو سرائکي

نال انهان دي لگ گئے هے ياري
هے موت شکار جنهاندا ۔ کاندے ني جهڙا ماس مائهون دا

هان مين يي طعام تنهاندا ڪجهه سور سٺاوان ڪنهن نون
جو وال نهين اک واندا جنهان "دادن" مينون درد ڏتا
مين هان نوڪر خاص انهان دا ۔

وهاريان ڪتي

سوا در سڄڻ جي گذاريان ڪتي
اندر جا مان اوتار تاريان ڪتي
سڄي رات ويئي تي گذري وڃي
بي آرام دل کي سمهاريان ڪتي
اها جاء مونکان ليي ڪان تي
اچي هو نه هن کي وهاريان ڪتي
نه اچ داد فرياد آ "دادنا"
ستمگر صنم تي پڪاريان ڪتي

دادن فقير آهيان

دنيا ۾ چند گهڙيون باقي اسير آهيان
ٿورو ڪو وقت هاڻي زنده اخير آهيان
سڄڻ جي واسطي چڻ مان ڪنڌ ۾ ڪير آهيان
دشمن جي دل ۾ هر دم مان مثل تير آهيان
دنيا يلي چوي پر دنيا ڇا راز جاڻي
مفلس مان آهيان ليڪن دل جو امير آهيان

کولي وجهان وڏا کي ماڻهون مان جيل اندر
پر مان وزير ناهيان "دادن" فقير آهيان

غزل سڄڻ کي

آهي کو جو سمجهائي وڃي منهن جي سڄڻ کي
اي دوستو هو ليکي نتو منهن جي چوڻ کي
گذرن ٿا سيئي موت جا دن موت جون راتيون
صدقي کري مان ساڙيان جدائي جي رهڻ کي
برسات تي ڳوڙهن جي وسي منهنجي اکين مان
اي يارو مان روکي ٿو سگهان ڪين رئڻ کي
مون زندگي پر اهڙو اکي ڪم نه ڪيو هو
لڳندو نه گهڻو وقت آ ماڻهوءَ جي ڪرڻ کي
بيو ڦاٿي پوي جيڪي اي يارو مان ڏسان تو
شاباس نه ڏجي منهنجي انهيءَ صبر ڪرڻ کي
دلدار سڄڻ يار بنان ڪهڙو جيئڻ آ
اي "دادنا" مان باهه ڏيان اهڙي جيئڻ کي

خدا ڪري

مون ڪري جو حيا ڪري ڪوئي
منهن جي دک جي دوا ڪري ڪوئي
جيئن مجبور مان تي بيو آهيان
تيئن نه تي پئي خدا ڪري ڪوئي

هر کو عيبن ۾ پيو پريو آهي
ڪونه ڪنهن جي گلا ڪري ڪوئي
هن جيئڻ کان مري وڃان "دادن"
مونکي اهڙي دعا ڪري ڪوئي .

انسان آيو آهي

انسان آيو آهي شرافت جي واسطي
انسان آيو آ نه بغاوت جي واسطي
انسان عادي آهي خرابت جي واسطي
الله پاڪ آهي عنايت جي واسطي
آ انتظام جنگ قيامت جي واسطي
آ انتظار عام امامت جي واسطي
اميد ڪهڙي ڪنهن ۾ ڪيون هر ڪو "دادنا"
ويٺو ڪنهون آ پاڪي حجامت جي واسطي

ڪم هوندو

ههڙو ڪنهن کي به نه مون جهڙو الم غم هوندو
پر جي هوندو ڪنهين کي ته مونکان ڪم هوندو
ڏند ڏسبا ڇا انهي جا ڇا اڏاوت ڏسبي
جنهن جو معلوم نه ڏي هوندي اگر ڇم هوندو
عمر ساري ته کلڻ جي نه خوشي جي هوندي
مونکي محبوب رنل جو رکڻو ماتم هوندو

ڪونہ تو ياري رکي ڪنهن سان اوئين اج "دادن"
جي رکي تو تہ ضرور اڪيلي ۾ ڪوڪم هوندو

دلبر ڪپي

پيو نہ ڪجهہ مونکي ڪپي هڪ داد گر دلبر ڪپي
شاهہ خوبان شعلہ رو بس حسن جو پرور ڪپي
تو ڪپي دلبر خلاصو پيو نتو ڏمچر ڪپي
شهر آبادي ڪان مونکي ڪوهہ صحرا بر ڪپي
دل چوي ٿي يار ڏي اڏري وڃان جيڪر شتاب
پر اڏامڻ واسطي تو مرغ دل کي پر ڪپي
خانصاحب کي خدا جي نالي تي ووٽر ڪپي
پيچ پچان جي واسطي ڏڪڙو بگي موٽر ڪپي
تون پلي ۾ زاهد پڙهہ وڃي فرضہ نماز
مونکي سجده واسطي "دادن" سچن جو در ڪپي

جفا نہ ڪر

اظهار راز عشق جو اي دلربا نہ ڪر
مون باوفا سان يار تون جور و جفا نہ ڪر
ڏي منهن جي دل جي بدلي ۾ دل پنهنجي دلربا
ايماندار ٿي ڪري اهڙي دغا نہ ڪر
چا ٿو چوين نہ آهيان اشاري جو منتظر
او بدگمان اهڙي تون مونکي دعا نہ ڪر

صدمو جدائي جو نہ سهان تو اي همنشين
هڪڙي گهڙي بہ پاڻ کان مونکي جدا نہ ڪر
وجهہ هار تون گان جـو گلي ۾ تون غير کي
"دادن" جي دل جي شيشي تي پٿر ڦٽا نہ ڪر

موکيو منتظر

مـر محبت ملڪ ۾ مـر مرد مرڪي ميٽ مر
مچ مچائي مچ مدامي مرد ميدان مئون ۾ ور
مام معني موج منصوي مڙئي مـن ۾ مقيم
مونجهہ منجهہ موجهو ۾منجهہ مل مونجهہ جوہاري مچر
۾ملٽ مولڻ ۾رڪ مردن مردن ۾ملٽ مولڻ ۾ مرڪ
ماڻ مانجهي مگ مورڻاني تي ۾ موکيو منتظر
"دادنا" مهندار مطلب مـون مليو مطلوب مان
مٺ ملي مٺ خاني مان مئي نوش مرڪمو منتشر

سچڻ گهرجي

تنجي عاشق تہ سر کارو خواري جـو کڻڻ گهرجي
لٿي لوڙهو مـــلامت جـو ٽپو ڏيئي لپڻ گهرجي
تنجي بي سر ڏجي پو سر نہ ڏسجي ڪنهن نصيحت کي
ڪشالو قرب وارن لئہ چوڻ ڪهڙو ڪرڻ گهرجي
اگر ڪنهن جاء تي ويچار واري گفتگو ڪائي
ڪچهري ۾ ڪجي پنهنجي تہ ٿي چي پيي پڙڻ گهرجي

جتي الفت صداقت ۽ محبت ناه ڪنهن منهن جي
ته آزي سان اتهون پنهنجي پڙي ساجهر پٽڻ گهرجي
خدا چاڻي سوري زندگي ۾ " دادنا " مونکي
نه گهرجي دور دنيا جو فقط هڪڙو سڄڻ گهرجي

خال ڪارو آ

سوا صورت سڄاڻ جو اجايو سير سارو آ
مگر هن مام مخفي جو مسئلو سخت يارو آ
لهي رخ پاڪ تي پيئو غلاڦي زلف جو پردو
سنڌي مان سينڌ جي بس باب بيت الله وارو آ
ڪري پئي چشم چاندوڪيون پرن قنديل ڪعبي ۾
هجر اسود عجب لب لال وارو خال ڪارو آ
بدانس درميان ابرن جي سجده گاهه ثابت ڏس
ادا آت فرض ٿيندو سمجهه هي اونهو اشارو آ.
سنيالي سر پرستي جو درست تي درس پڙهه "دادن
نفي اثبات جو جنهن مڻون نظر آيو نظارو آ

مزو پاڻي نه آ

کهور گهائيندڙ اکين جي تيز ترشائي نه آ
تنهن ڪري تصوير جانان جي مون چپرائي نه آ
پي ته گڻ آغوش جي ڪجهه سمجهه ۾ آئي نه آ
بند هڪ رفتار پيو گفتار گهرائي نه آ

بت پرستي مذهب اسلام ۾ آئي نه آ
بت پرستي آ و ليکن حق پرستائي نه آ
مون اکيان صورت سندس موجود آ پيائي نه آ
" دادنا " بي جان مورت جو مزو پائي نه آ

بيت

مزو نه رهيو ملڪ ۾ ڪاهي پيو رڪن
ماٺهو ٿيو جن، جن نه رهيو جوه ۾

هوا ۾ هوا ٿيو

حيرت سان ڏسان ٿو ته زماني کي ڇا ٿي ويو
پٽ ڪٿي پيءُ جا بخت ٻنهي جو جدا ٿيو
ڪٿو وڃي ٿيو شاهه ته ڪٿو گدا ٿيو
بيمار عشق جو نه ٿيو ڪنهن علاج سان
عيسيٰ وٽان بي مولي وري لا دوا ٿيو
جلوه حسين ناگهان اي " دادنا " ڏسي
ڪلم هي منهنجو هوش هوا ۾ هوا ٿيو

اقرار ايندي ويندي

دلبر ڪئي آ مونسان گفتار ايندي ويندي
سهڻي ڏني سندس مون رفتار ايندي ويندي
اکڙيون جڏهن کنيائين بي وس تڏهن ڪيائين
ابرن سندي هنيائين تلوار ايندي ويندي

لالي هٿي لبن تــــي حيران ڪيئين حسن تــي
ڇوڙي ڇڏيائين ڪلهن تي سپ وار ايندي ويندي

* دادن* سچن سندا هي تــورا ـڪهي نــه لاهي
ڏئي ويو وصل جـا آهي اقرار ايندي ويندي

ڏر نه ڏرسائجي

ڀريان ڇڄجي ٿو ته جيڪر دل نه ڪنهن سان لائجي

١- پر وڃي ڏــو ڀاڻ ڀهنجــو پاڻهي ڦاسائجي
٢- ڪوشش ڪري اوکي جڳهه تي اڪ وڃي اٽڪائجي
٣- عشق بازي ڪان نــه مڙجي توڙي صــدمو کائجي
٤- اوستي فرهاد جان ڪنهن ڪوه جــو ڪم لاهجي
٥- يا تــه ڪو مجنون وانگــر بـــر وڏو برسائجي
٦- دادنا سر ڪجي صدقي سچڻ تان ڏر نه هڪ ڏرسائجي

نه ٿيو

دل غضب ۾ وئي هلي بس داد دل جو ڪونه ٿيو
دوستو اهــڙي جيئڻ کان موت منهنجو ڇونه ٿيو
سک ڦتا ئجي ڏک پرايم واهه جو سودو ڪيم
جو مون پنهنجو ياڻيو تي ڇا ڪٿون منهجو سو نه ٿيو
عــام چوٿي آه ميندي زور جي لڳي نه آ
رنج جو ڪنهن سان ملڻ ڇهڙو ٿيو تهڙو نه ٿيو

يار جي خاطر اسانجو سر ويو تان سون ٿيو
هيڏي قرباني منجهان پيي داد "دادن" جو نه ٿيو

ٽائي ڪوٽ ۾

سڀ ڪجهه هلي رهيو آ شرافت جي اوٽ ۾
آخر عيوض انهيء جو خراب آهي موٽ ۾.

پڌمن جي هوندي ڪنهن جي پيي پوري نٿي پوي
پورو آ هرڪو سوٽ ۽ نيڪ ٽائي ڪوٽ ۾
اگ سڀ ڪنهين جي ڏسين ڪلي ويندي "دادنا"
ماڻهوءَ کي لڳندو موٽ جو ڏک جڏهن چوٽ ۾

بهانو ٿيو

آهيان تير نظر جو نشانو ٿيو
اڪ اڪ سان ملڻ جو بهانو ٿيو

١- وٺي رخصت جڏهن هو روانو ٿيو
مون لئه ظلمت سڄو هي زمانو ٿيو

٢- منهن جي دل جو چمن پيي ويرانو ٿيو
آهي آتش ڪده آشيانو ٿيو.

٣- وجهي پاڇو پري وانگي گم ٿي ويو
جنهنجي سر ڪان هي دادن ديوانو ٿيو

ڪو ڪٿي رهيو آ ڪو ڪٿي رهيو آ

هن دل جا يار هزار ڪيم ڪو ڪٿي رهيو ڪو
ڪٿي رهيو
ڪي ڪوڙا ڪيم ڪي سچار ڪيم ڪو ڪٿي رهيو
ڪو ڪٿي رهيو

١- ڪن سان راتيون مهينا سال سچا گڏ ويهي ڏکهي
گفتار ڪيم
ڪن سان هلندي گاليهون پرچاو ڪيم ڪو ڪٿي
رهيو ڪو ڪٿي رهيو

٢- ڪن جا طعنا سٺم ڪن جا طعنا سٺم ڪن جا
مهڻا لک هزار سٺم
ڪو نه پنهنجي ڪنهن تي ميار ڪيم ڪو ڪٿي
رهيو ڪو ڪٿي رهيو

٣- اي "دادن" ناحق دل جو وچي اڻجاڻن سان
واپار ڪيم
اگ پوءِ جي ڪانه سنڀار ڪيم ڪو ڪٿي رهيو
ڪو ڪٿي رهيو.

ويسه وڃائين ٿو

ڇيم دلبر مون ڪان ڇا جي ڪري منهن ڪي لڪائين ٿو
ڇيائين گوڙ ڇڏ ناحق اجائي مار ڪائين ٿو
ڇيم اي بي رحم تو لئہ خدا ڇائي مري ويندس
ڇهائين مر پلي جان مر مونکي ڇني ڇا ڀڏائين ٿو

چيم توتي خدا وٽ مان ڪندس فرياد قيامت ۾
چيائين ڏي پلي جان ڏي پنھنجو ويسه وڃائين ٿو
چير درويش "دادن" سان ملڻ واري ڪندين ڪڏهين
چيائين تان ڏسي رهجي پڇي پڪ چو چمائين ٿو

دادن بهاري نه رک

دغاباز سان دل دوباري نه رک
محبت ۾ نقصان واري نه رک
خزاني سندو خرچ پاري نه رک
اگر ڪار ڏارين ته لاري نه رک
دلي دوست پنھنجو جواري نه رک
بچائين فصل چور هاري نه رک
ميان تي مٿي تـي تغاري نه رک
جي چانگي سان مارين ته چاري نه رک
دلاسن تي "دادن" بهاري نه رک
ڏکيو سر جو واپار جاري نه رک

ڪرامت مهربحر واري حضرت مرشد دستگير شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه

هر مشڪل لئي اڪثر سخي شاه جيلاني جوان چوان
١- ميربحر تي مريد پوڪاريو- سير ۾ جنھن تي سيد
ڪي ماريو

منهنجي واهر ڪر وزير- تنهنجي در تي امن امان چوان

٢- نماز پڙهندي هٿ کي واڌايئين- عرض عرضدارن جو اگهايئين

دلشاد ٿيو دلگير- جنهن جي مشڪل تي آسان چوان

٣- ملا چيو هيءَ نماز نه آهي- عرش ڏي شاهه چڙهيو اچلائي

جهلي عيسيٰ چيس تيءَ تدبير- اهيا نماز صحيح وڏ شان چوان

٤- وري پيو آيو انڪار ڪيائين- شاهه اماڻيس خواجه تائين

ساڳي تنهن به ڏنس تدبير- جيڪو سمنڊ سندو سلطان چوان

٥- ڪين مڃيائين وري پيو هليو ويو- بهشت جي در تي داخل وڃي ٿيو

رضوان چيس اخير- مڃ جلد جو پير پيران چوان

٦- ائين ڪندي الي واري مائي- دانهن ڪٿي دربار ۾ آئي

منهنجي واهر ڪر وزير- تنهنجي در تي امن امان چوان

٧- ميربحر آيو پير چميائين- نذر هزار دينار رکيائين

ڪٿي پنهنجي هٿن سان پير- ڏنو مائي کي سو دان چوان

٨- ملا ڏسي حيران اٿي ٿيو - شاهه مجي سو پيرين
اچي پيو

ٿاهيو "دادن" خاص نذير - پر نيڪ عجيب پر
ڏيان چوان

يار جا طالب

هجي ها سير جي بر ۾ ته بر ٻيي باغ چاٺان هان
ڇريو هوس ڇا نه جو اهڙي عنايت کي سڃاڻان هان
ڪٿي قاصد ويو منهنجو سنيهو يـار سهٽي ڏي
مگر واپس وراڻـن ۾ وڙهڻ جهـــڙا وراٺا هان
اهو پيي ڪو زمانو هو سيراندي طول جي بدران
ٻئي ٻانهون حسينن جون وچئون ڪنڌجي وهاٺان هان
جمالِ يار جا طالب نه مان هڪ مون سنوان ڪيئي
موين بيٺا سندس در تي نمايون ڪنڌ نماٺا هان
ڪنهين سانگي مسافر آهيون هتڙي دنيا ۾ نه ته
اسانجا عرش اعظم تي تڏي ڪان ٺاڪ ٺاٺان هان
پڇي تو ڪان ڪٿي جيڪو ته ان کي چئه ائين "دادن"
آ کهڙو ڪم فقيرن جو فلاٺان يا فلاٺان هان

دوست جو ديدار ڪافي آ

تمر جي وار ڪان بهتر زبان جو وار ڪافي آ
سياٺي کي اشارو ۽ چرئي کي نار ڪافي آ

دوا امراض منهنجي جي وصال يار ڪافي آ
دوا چاهي دوا ڪٿون دوست جو ديدار ڪافي آ
خدا پيو موت منهنجي کان اچا پئدا ڪندو ڪهڙو
منهنجو ٿي منهن جي مارڻ واسطي دلدار ڪافي آ
وڃي چئه اي صبا دلبر کي پيو غم ڏي نه جو اڳي
اسانکي هڪ ٿي تنهنجي عشق جو آزار ڪافي آ
متان سوني يا هيري جو ڪري تڪليف گردن تي
گلن جو تنهن ڪري گلروء کي هلڪو هار ڪافي آ
قيامت ۾ ته ضامن واحد القهار وٽ منهنجو
مٿو حضرت محمد مصطفيٰ سردار ڪافي آ.
ڪٺي پيا بار ڪهڙا مان سگهان "دادن" جو اڳ ئي
مونکي پنهن جي تري تي پنهنجي سر جو بار ڪافي آ

ڪلام دادن

صنم جي زلف پيچان کي سياه مار تو چئجي
نڪو خنجر ڪن ابرن جو عزيزو وار تو چئجي
قسم اي دوستو آهي مقابل روء ميگان جي
چوان ڇا تير جو پيڪان يسي بيڪار تو چئجي
اکين ۾ يار جي الله جو اسرار تو چئجي
سندس جي واسطي عاشق پيدو ء يار تو چئجي

دهن دلدار منهنجي جو شڪر گفتار تو چئجي
اکيان دم دم جي نيلم هيرو چمڪدار تو چئجي
لبِ احمر کان گهٽ بس لائق گلزار تو چئجي
حسينن جي مٿان منهنجو مڇڻ سردار تو چئجي
مگر زنجير گردن تي گلن جو هار تو چئجي
قمر باريڪ تي وارن ڍڳهن جو بار تو چئجي
پلو ٻئي پار ڪن "دادن" پرين جو پار تو چئجي
اچي جو ڪم تو اوکي ۾ اهڙي ڪي يار تو چئجي

دادن سونارو

اچوڪي ڏينهن ۾ ڏيو ڏنو مون يار کي يارو
مگر افسوس آيو ڪين منهنجو دوست دل وارو
سوا ديدار دلبر جي چلي تو ڪين ڪي چارو
ڪري پنهنجو اسانجي گهر ۾ ايندو قرب ڪوهيارو
نه آهي ذات تائين ذات جنهن کي ڏئي ڏٺي منهنجو
افعالن جي ڪري سهڻي کان وڌ الک دفعا ڪارو
عجيبن جي ڪيو الفت اندر ۾ آهه اوتارو
خبر هوندي اهڙي کي جيڪو ڦاٿو هوندو مون پارو
سچي سڪ جنهن کي آهي سوئي تيندو آه سوپارو
مٿو بلڪل مٿن ماٺهن جي هٿ جو ڪٽو ڪارو

پنهنجي محبوب جو عاشق مان نالي آهيان "دادن"
سڏن درويش ٿا ڪي ۽ سڏن ٿا ڪي ته سونارو

ميخار ڇا ڄاڻي

مزو زاهد جي تقويٰ زهد جو ميخار ڇا ڄاڻي
تواضع خلق مان تهڙي طرح دلدار ڇا ڄاڻي

اهل دل ونگي

مر بازار تي سڄان زاهد اهل دل وانگي
ملو ماڻهون در گردن وجهي زنار ڇا ڄاڻي

١- گهڻا حڪماء صاحب جي ويا منهنجي ڏسي حالت
دوا مان دلربا جي درد جو بيمار ڇا ڄاڻي
٢- ڪتي جو لوهه جنهن کي لوهه جي آهي شناسائي
سڃاڻپ سون جي مان ٿي ڀلا لوهار ڇا ڄاڻي
٣- اسان صوفي صفا دل اهل دل دم سان گم "دادن"
اسانجو عام رندن ڪانسواءِ اسرار ڇا ڄاڻي

قدرت جي جوڙ آ

ديد ڪانسواءِ نه ڪنهين شيءِ جي لوڙ آ
ڏاڍي وڏي اندر ۾ وڇوڙي ولوڙ آ
ساجن سواءِ ساهه کي سڪرات سوڙهه آ
ساري بدن ۾ سور جي پيچ ۽ پروڙ آ

قصہ دراز درد ڏي کين کي لکيو
همراز ٻي خفا ٿيو قدرت جي جوڙ آ
ڪنڊيون ٻه آفتون لڳي سر جي متان پون
پر شرم ۽ حياءَ جي ڪير منهن جي موڙ آ
ڪنهن کي ٻڌايان حال اندر جو اي "دادنا"
هر هڪ آ زخم سيني ۾ جنهن هر جي اوڙ آ

سک ڪهڙا مان ماريندس

دم هوندس جو جبرو توکي نه وساريندس
ڪڏ هيٺ ڪيون وتندس پٽي ڏي نه نهاريندس
گل پائي پٽي پانهون روئي سر ۾ وجهان ٿو رئي
ڪل ڪانه اها ڪا پئي هلي حاج ڪٿن مان وڃي
تو چا ڪان جدائي ڪئي سک ڪهڙا مان ساريندس
ڏس يار ڪڏهن ايندين ڪهڙي مهل ملي ويندين
اها جاءِ نه ڏس ڏوليا جتي رات ڪٿو ٽيندس
ايندي نال وڃي ويندين نه تہ پاڻ کي ماريندس.
تنهنجي در جو ڪتو ڪارو سويي مونکي آهي پيارو
ڪاٿي ماس منهن جو سارو جنهن جو پونڪڻ سر وارو
چوي "دادن" ويچارو هٿ ڪين آلاريندس

نهنگر ٿو ياد پئي

مدت کان بعد اڄ وري دلبر تو ياد پئي
بي اختيار شوخ ستمگر تو ياد پئي

بي اختياري چاهي هو هر هر تو ياد پئي
بي دادگي ۾ دل جو هو پئر تو ياد پئي
سالن ڇهن جو باوفا ڇوڪر تو ياد پئي
جو نئيو هيو نپاپا سو نينگر تو ياد پئي
پرين جي در جو ڪتو پنيهر تو ياد پئي
هيڪر تو ياد پئي وري ٻيهر تو ياد پئي
هن شوخ جي زبان مبارڪ منجهان ڇٽو
هٺ هٺ تو ياد پئيم ع مر مر تو ياد پئي
آهي قسم خدا جو اي "دادن" غريب سان
دل کين تي لڳي ۽ تونگر تو ياد پئي

آ گهر پنهنجو

دنيا ۾ اچا تائين سڪيو آهي سفر پنهنجو
لا تقنطو من رحمت الله آ ثمر پنهنجو ٠
ڪنهن مجلس يا ميل ۾ گڏ پاڻ سان ڪا ٿهن
سنگت ۾ وس ڪئي هوندو نه سنگتي بي خبر پنهنجو
صفا دل آهي نه آهي غير دل ۾ تنهن ڪري تڏهين
گذاريون تا ائين هر جاء جيئن هوندو آ گهر پنهنجو
سچائي ۽ صفائي جي ڪري جاتي شهر جنهن ۾
وڃون تا ڇو اهوئي آ شهر پنهنجو
ٻڌهن خود پاڻ آهيون نياز نوڙت قرب جا ڪوڏيا
نه ٻيو ڪو بي سبب دشمن نه تيندو هت بشر پنهنجو

ڪٿي انسان عيش ۾ غرق هوندو تہ ٻيءِ ٻئي تي
ڪندو پيو ٺوڪبازي ڪين جاچيندو اندر پنهنجو
نتا سمجهون زماني زيب ور جي زيب ڪي باقي
ڏسي حيران ٿينداسين ڪڏهن پوين پهر پنهجو
وڏاري واقفيت جي واسطي ٻئي ملڪ ڏي "دادن"
ڇڏي ٿو ڪين ڪي ڪاڏهن سچو آباد تر پنهنجو

چمن جو آشيانو

ڏسان تنگ ڏاڍو ٿيو سارو زمانو
ٻڌايان ڇا ڪو لي سچو داستانو
عدالت آ ورلي مگر عام نا هي
وڏي ڪوڙ جو ويو آ هر جا بهانو
ڪمينن جي بهتر آ ڏي آبروئي
هٿي ٿو شريفن کي هر ڪوئي طعنو
ڪريمان گلستان پڙهي جي جڏهن ڪو
سڏائي مگر مولوي ٿو يگانو
ٻڌم بلبلين جون جتي باتيون ٿي
اتي ٿي چمن جو ويو آشيانو.
مٿن مائٽن مٿون مٿي وئي ڇڏائي
نہ چاچو نہ مامو نہ ڏاڏو نہ نانو

خدا کان سوا خوف ڪنهنجو نہ "دادن"
پلي سچ ۾ ڪنهن جو ڦري ڪارخانو

نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو

ڪيو سين سر جو سودو پر نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو
مزو الفت جو اي دلبر نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو
عبس نڪري پيو آخري نتيجو دل لڳائڻ جو
پچاڙي تائين شعلہ گر نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو
عجب آهي پرن هوندي پرن وارا ويا رهجي
ڪري پرواز ويا بي پر نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو
حڪم موجب حقيقت جي ڏکي ڏاڪڻ مجاز آهي
مٿو توکي ۽ مون کي ڏير نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو
پلا لا غرض بي پرواهہ ڏاڍا يار "دادن" جا
پرين پيارا پري پيڪر نہ تو سمجهو نہ مون سمجهو

مسجد سونهاري جو

مان خادم آهيان سارو خدا جي خلق ساري جو
اتم رستو ننڍي توڙي وڏي مان قربداري جو
اي منهنجا دوست تون ڇا واسطي پابند ٿيو آهين
گذر آهي مزو دنيا ڪميٺي ٻوٽ ڪاري جو
اچي ويجهو ٿيو ٿئي وقت سايو ڪر سواري جو
سنڀاليندي ميٺي ڳالهيون ٻڌي پيغام ماري جو

ادا مسلم ڇو توکان وسري ڪم ويو دينداري جو
وٺين پاسو نہ ٿو افسوس مسجد سونهاري جو
نہ ٿي گمراھ ڪڻ ڪجھ پاڻ سان توشو تياري جو
شڪار آھين ٿيو شيطان جي ڇو يار ياري جو
جواني پنهنجي مولا کي ڏئي مان سرخرو ٿيندس
سجھي "دادن" پچاڙي تو اٺانگو بار باري جو.

گلڻ وارا ڪڏھن ايندا

سچي ڪر اي ادا قاصد اچڻ وارا ڪڏھن ايندا
مريض عشق کان پيارا پڇڻ وارا ڪڏھن ايندا
سراسر چاڪ سيني جا سبڻ وارا ڪڏھن ايندا
دلاسو درد وارن کي ڏيڻ وارا ڪڏھن ايندا
سباجھا خوش طبع ماٺھو کلڻ وارا ڪڏھن ايندا
گھڻي مدت کان وڇڙي سان ملڻ وارا ڪڏھن ايندا
اتر وارا ڪڏھن ايندا ڏکڻ وارا ڪڏھن ايندا
علڻ وارا ڪڏھن ايندا گلڻ وارا ڪڏھن ايندا
قريب الموت ٿي محبوب پيو مان آھيان "دادن"
اڱڻ منهنجي پرين پيارا گھمڻ وارا ڪڏھن ايندا

دل جو اسير آھيان

دنيا ۾ چند گھڙيون باقي اسير آھيان
ٿورو ڪو وقت ھاڻي زنده اخير آھيان

مارڻ کان اڳ ۾ ماريو مان خوف ۾ قدير آهيان
تندرست مان نہ آهيان ضعيف ۽ ظهير آهيان
اڄڪلهہ جي دوستن کان بلڪل سڌير آهيان
ڳالهين ڳهير ناهيان مان يڪ ضمير آهيان
سڄڻن جي واسطي چڙ مان ڪنڌ ڪير آهيان
دشمن جي دل ۾ ڪان ۽ مثل تير آهيان
شاهين آهيان مونکي گهر جي نہ آشيانو
هڪ جاءِ منهنجي ناهي بي گهر سفير آهيان
محتاج ڪنهنجو ناهيان الله کان سوا مان
مفلس مان آهيان ليڪن دل جو امير آهيان
گولي وجهان وڏا ڪي مالهو مان جيل اندر
پر مان وزير ناهيان "دادن" فقير آهيان

ڏسي منتار کي

ڏينهن ٿي آهن ويا ڏاڍا ڏني دلدار کي
واسطي دلبر جي پنهنجي مون ڇڏيو گهر بار کي
ڪين طاقت آهہ ابرن جي اکيان اوزار کي
سيف کي خنجر کي ڪريان تيغ جوهر دار کي
ڇا ڏسي مان ڇا ڏسان اڄ دوست جي اي دوستو
هار کي سينگار کي رفتار کي گفتار کي

ڪير پيو هوندو پريشان جي نه ٿيندو جي ڪڏهن
منهن جي اکڙين ساڻ جي منهن جي ڏسي منتار کي
دل جي مرضي دل جنهن سان پنهنجي مرضي تي لڳي
دل ڏسي تي ڪين ڪي نادار ڪسي زردار کي
سرو کان وڌ قد سڄڻ جو سر بسر سهڻو وري
مار زلفن جو ويو ماري سياهي مار کي
ساڳي اک ۽ ساڳي سرمي مونکي اڄ ماري وڌو
ڪو عجب جو هي خبر جلدي ڏئي دلدار کي
منهن جو هي نازڪ نياپو با ادب قاصد وڃي
جيئن چئي منهن جي زبان تئين شل چئي ڪو يار کي
هي وڏي ارمان جو ڳي ڳالهه "دادن" آه جو
ٿو وڃان ويجهو ڪٿي ٿو هٿ وجهي تلوار کي

ڪلام دادن

نه مر بي خبر تي دنيا دم گذر تئي
گهڙي لاءِ گهر تئي نه نولي نڪر تئي
مڪر هڪ مڪر تئي قبر تئي حشر تئي
جتي صرف سر تئي نه مادر پدر تئي
هي طلسم جو ماروئي سنسار تئي
وڃي وقت تو جلد هوشيار تئي

تون راضي خدا ڪر خدا جي ثنا ڪر
نه ڪائي خطا ڪر پڇئي ڳر ته ڇا ڪر
غمن کي غذا ڪر ڪا حاصل بقا ڪر
سڄڻ تي سخا ڪر ڪا همت حيا ڪر
تون مظهر جو اظهر آن اظهار ٿي
وهي وقت ٿو جلد هوشيار ٿيءُ

ايندئي ماڪ ماري ڪندئي پيرُ پاڙي
ويندئي سگهه ساري ڪندي زور زاري
عبادت ڪان عازي جلد ڪر تياري

زماني سان ياري نه رک پائيداري
اڳيان ويل واري قبر آه ڪاري
نه مر بي خبر تي خبردار ٿيءُ

هي "دادن" زمانو آ باطل بهانو
تي ويندو ويرانو نه رهندو نشانو
نه دم آبدانو نه ڪم ڪارخانو
تي جا ڳي جوانو نه ڪي خوب خانو
ڪري نفس کي نا هه نروار ٿيءُ
منجهان ننڊ غفلت جي بيدار ٿيءُ

ڪهڙو حجاب

منهنجا مٺا اوهان لاءِ دلڙي ڪباب آهي
رڳ رڳ ۾ راتيان ڏينهان تنهنجو رباب آهي

ڪاغذ لکير متا مل، ورندو مليو نہ مشڪل
ارمان خط ۾ بلڪل ڏاڍو جواب آهي.
ليڪن تڪيندي تارا گذري ٿي رات پيارا
ٿي سوم دل خدارا ڏاڍو عذاب آهي.
"دادن" چوي ثنا ڪر آيو هلي اوهان در
درويش ڪان اي دلبر ڪهڙو حجاب آهي

نينهن لائيندو نہ ڪر

سور وارن کي سڄڻ سائين ستائيندو نہ ڪر
درد ۾ دل درد وارن جي دکائيندو نہ ڪر

جوش جهل خاموش رهہ، وڍ سر اڇهو حاضر حبيب
ڪر قتل ڪبڻ تيغ خنجر ڇٽي ڀڏائيندو نہ ڪر

خون منهنجي مٿون پالي هٿ لال ڪر پنهنجا پرين
مون ڪسڻ آهي قبوليو آزمائيندو نہ ڪر

سڀ مٿي صورت پرستي جي مزي ۾ "دادنا"
ٿي سگهي تان سور سهہ نہ تہ نينهن لائيندو نہ ڪر

بيت

منهين ناهي مارئي بندي آهي بند
پهنواريءَ پسند۔ سگ نہ تيو سومري

ڪافي- سارڳ

عمر مون کي سانگي سپار ڀندا هوندا .
نماڻيءَ جون راهون نهار ڀندا هوندا .
مرزي ساڻ پيا مال چار يندا هوندا .
پنن پاس ڪنڌجي گذاريندا هوندا .
آئي جو اباڻا ڏڻن کي ترڻن تي
پلر پاڪ پالي پيار يندا هوندا .
ڪندا چا تو حاڪم کي مسڪين ماڻهو
خدا پنهنجي کي بس پڪاريندا هوندا .
ڪندا ياد هوندا مون ناقص کي "دادن"
نه وارث ولهي کي سار يندا هوندا .

ڪافي

رٺي سنگهارن رات- هيئن نه پوي مون کي هت هيڪاندي
عمر انهن لئي نيڻ ڏمن ٿا - پنهوارن جا پور پون ٿا
واڻي سندن ٿر وات - ڪيئن ڪريان آهيان بي وس باندي
هي کهه ڪاڻ ڪاچ خوراڪون- ڪين وٺن پٽدار پوشاڪون
مال محل محلات - پن تنهنجا زر زينور چاندي
لوئي چڏي پٽ ريشم پائڻ- سون تي پنهنجا سيڻ مٽائڻ
مرڪ نه مارن ذات - ريت سندن ماڻيهه سهاندي
جاڪون لڌيم ڪيت سين لاڏون - ڏاڪون "دادن" ڏيب ڏناڻون
ڏاج ڏکن جي ڏات - ورهيه ڪانءِ آهيان وار نه واندي

ڪافي - مارئي

اڏر ڪانگل ستت ساري سنيهو ڏي سنگهارن کي
چوان مان جيئن وچي چئو تهڻن الله لڳ ڏر ڏنارن کي
اڳڻ تي ڪولي ڪنيڙيون چنج ڪانگل چهنبڙي چوري
سيئي منهنجي سورن جون ڳجهيون ڳالهيون ڳنوارن کي
اٿيـن چئجانءِ مارن کي مرڻ تي مارئي آهي
سندس تہ بہ ماه ساري تو اوهان پيڪن پيارن کي
اڏاڻي تو سان گڏ جيڪر هلان مان پيءُ ابائن ڏي
وساري ڪيئن هت ويهان ولهارن ويڙ وارن کي
ڏنمان تي خواب اهڙا روز چڙهن آهيان ابائڻ ۾
سين سرتين سان گڏ تي ڏمان لوڏيان ليارن کي
قضا قسمت ڪبو قابو ڪرين نہ تہ ظلم چا ظالم
غريب آهن گهٽوئي آه ڏک ڏوتين ڏکارن کي
چوان چا چو تہ آيا چونہ منهنجي سڌ لڌي سانگين
اي "دادن" آ ميار اهڙي نہ مارن بي ميارن کي

ڪلام مارئي

ڳجهون ڳوٺ منهنجون ڳنوارن سان ڳالهيون
پڻن پاس گڏ پاڻ ۾ جام جاليون
ڏوتي ڏٿ ڏهاڙي ڪائي خوش گذارن
ڏليلا ڏٺن کي تڙن تي تنوارن
وهاڻان تي تن لئي نيڻي نير ناليون

مون مارئي لئي ٿر ۾ اداسي اباڻان
ڏسن ڪوهه تي پير منهنجا پراڻان
هلن جن جون هر جاءِ نيڪون نرالون
عمر دل اسان جي غريبيءَ ڳڌر سان
مريڙي مٺي موت ليارن للر سان
پسيون پاڪ پيرون پٽي پيٽ پاليون
ڏوٿيڙن جي "دادن" کيو ڏک ڏکارو
کيان صدقي سانگين ٿئون سر ساه سارو
روان روز سانيهه سرتيون سنياليون

ڪلام مارئي سر پهاڙي

ڪيئن کيان مان مارئي مٽ پکن ماڙيون عمر ڙي ادا
ڪٿي هليون سڀ ڪوه تي سرتيون سر ساڙهيون عمر ڙي ادا
ونڻ جون اڄ ويڙ ڏي تو رعد ڪري راڙيون عمر ڙي ادا
پيٽن تي چو ڪيئن پلجي پيون تو جهڙيون ڏاڙهيون
عمر ڙي ادا
ديسين جا "دادن" چوي ٿا سور وجن ساڙيون
عمر ڙي ادا

راڳهون عمر مارئي

مارئي ملڪ ملير ۾ تي پيدا پالئيءَ گهر
سهڻي وقت سياهُ سان سا ناز پزي نينگر

ماڏوئي سنڌس ماءُ هئي نالي نشابر
ڪيس منگايو ڪيت سين پڙهس چڱيءَ پر
سنگهاريءَ جي سونهن جا ها پري پٽن پر
هاڪ ڪيائي حسن جي ترپلهائي ٿر
نالي ڦوڳ نوڪري ۾ پئي پليو پالٽي در
تنهن هڪڙي ڏينهن همت جهلي بنا خوف خطر
پالٽي کي پنهنجي منهن وچي آئين اوت اندر
سنگ ڏي مونکي سڪ سان تون نهڪر نانهن نهڪر
پالٽي چيس پانهجو تون ڏيان مٿا ڪو ڏر
ور ڪٿي پيچ ويڙ مئون متان چڙهين ويڙيچن ور
پٺو تون پنڌ پڌر ــ رهه نه اسان جي راڄ ۾

بيت

ڦڪو تڏهين ڦوڳ ٿي پڳو گام پري
سندس دل ۾ ساڙ جو پيو پيٽو ٻٺ ٻري
مٿو پنهنجي من ۾ پيو مارئي ڪاڻ مري
چغليءَ وارو چت ۾ هيءَ ڏوتو ڏيان ڏري
پهتو پنڌ ڪري اچي عمر ڪوٽ ۾

بيت

سڏو عمر ڪوٽ ۾ عمر وٽ آيو
حال مارئي جي حسن جو ڦن مارو سڻايو

ھلنڌ ڀيٺي سنڌ سومري ٽي ظالم فرمايو
تہ مياڻ موٽ مليرڏي ڪر ماجھر ٽي سايو
جھيڙي جنگ فساد ڪان اوھين آجائي آھيو
ٽير و چٽي آئن تي چڙھيو سالم سوايو
وٺي خبر پٺي ڦوڳ ڪي ڏر سومرو سڏايو
آئن نيٺ امير ڪي ٺئين پٽ ۾ پھچايو

بيت

پر ڪوھہ اھو جنھن ڪوہ تي ھني وسند نہ ويجھائي
پرڻ ايندي ھٺي پونگن ڪان جت پالٽيءَ ڏي پاڻي
انھيءَ ڏينھن اويل جو اتي نسب مٺون نماڻي
ساھيڙيءَ ڪي ساڻ ڪري ڪٺي ساڙھي سڏاڻي
ڪوندي آئي ڪوھہ تي سا جھٽ پٽ جھانگياڻي
اتي ڦوڳ سڄائي سومري سين ڪيڏي ھن پر ڪھاڻي
نہ سائين اھا اٺيٺي مارئي ڪڻ ڏرس نہ ڏر ھالي
تڏھن عمر ڪٺي ڪٺي آٺ تي سوگھي سانگياڻي
باقي سنگتياڻي ـ ماتم ڪندي مولي وٺي

بيت

پوءِ اچي پنھوار ڪي ڪيو آھي قيد عمر
جيٺن ٽي ڪيئين جوش مٺون ڏوٿئ سر ڏمر
ٽيئن تنھہ راتيون تيار مون ڪيون پوريون پر

ساڻ مرد سبحان جي جسو مالڪ هر مظهر
ها ٿي ڪوليان خاص خبر تو ميان مرين رات ڪان

بيت۔ رات پهرين عمر جو سوال

عمر پهرئين رات ڪسي آيو وٽ پنهنوار
نه ماتم چڏ هيءُ مارئي تون مرتيون ڪين سنيار
هت رالي تي ره راڄ جي چا ٿئي پنهنجي پار
مرهي تيءُ سک سانت ڪر تون نيڻن نير نه هار
اهي ماڻسان مارئي ڪينهن تنهنجا ڪار
ڪڏجي مون سان گهار ۔ سار نه سنگهارن ڪي
محلا ماڙيون ملڪ ٿئي هو جهنگ وسار
ڪارڻ ملڪ ملير جي مٿي پاڻ م مار

بيت۔ جواب مارئي

مرئي ڪي مئيان لڳي جنهن ڏنس جلد جواب
ته اسين ڏوٿي ڏٽ جا تون ناڻي دار نواب
الئي تنهنجي آب ڪان ادا اباڻو آب
حرف چوندي سانه حق جو توڙي ڪهي
ڪرين نه ڪباب

بندين هن ڏينهن جو هڪڙي ڏينهن حساب
عمر امانت آهيان ڏي رخصت شاه شتاب
متا ٿئي ثواب ۔ ٿئي پرائي انگ ڪي

رات ٻي سوال عمر

ماروئي کي ٻئي رات جو عمر ائين چيو
ته جو پڻ توکي ماروئي پيڪن ڏانهن پيو
توکي آهي تنهنڪري هتي ڏکو قيد ڏيو
رايو تنهنجي روحُ جو جت سو تت رهيو
وچڻ تنهنجو ويڙ ڏي وچڻ ڪاڻ ويو
هاڻي ڪر قبول تون قادر جيئن ڪيو
اٿئي اڻ ميو – مون اسان وٽ سڪ جو

جواب مارئي

اِتي مارئي منهن سوڙي چئي تون ويسه ڪيئن وهاء
آچ نـه مون اسان کي تون پنهنجين کي ئين پاء
آڪـو ڪيئن اهڙيون ڪري هي رليا تنهنجي راء
اتر ننگ ننگي تي هيءُ چوڻ ڪرين چـالاء
اهڙيون مون اشراف کي تون پوليون ڪين بـداء
پونگن سان پيئتا ۾ اهـان آڻا محـل اڏاء
مون لئه هت مون جيڏيون تون پنهواريون نـه پناه
ادا لڳـ الـله جـي پيڪـن وٽ پچـاء
سام جنهين جـي سومرا سـا تنهن تـوڙ رساء
متـي ڪين متـاء – منج مـاڙ پچي سـاڙ ڏي

رات ٣ سوال

عمر چيو اڄ رات جو هن ليئن ۾ تيندا ٽڻ
گڏي گهرندو هوس مان تهنجي ننڍڻ خاطر ڏڻ
توکي هوندي طعام جي جهوري ڪارڻ جهڻ
هلندء ملڪ ماير ڏي هتان ڪو نه ڇڏڻ
هاٺي هي هن ڏيهه جا ويٺي ڏس وڻ اڻ
رجوڻ راوا رڻ - ٽي سڪن هوندي سارين

بيت جواب

مارئي ڪي ماري وڏو اهڙين ڳالهين ڳچ
الٽي هن انصاف جو لڳو منڊ ڪي ڏاڍو مچ
آتائين عمر ڪي ته اوڏو مون نه اچ
اهي زيور پانيان زهر ٽي سون نه پانيان سچ
موتي هيرا سومرا ڪوڙا تنهنجا ڪچ
مان ڏاري ڏيءُ ڏنار جي تون سهڻين ساڻ سرچ
هيئڙر هت چڻ آهيان سمجهان ٽي سچ پچ
هوندم سانگي هچ - مالن ساڻ ملير ۾

رات ۴ سوال

چيو چوٿينءَ رات جو عمر هيئن اظهار
مڪر زنانو مارئي ڇڏ ٽيءُ ذرت تيار
ڪيمت ڪتيرو ڇا گهري آءٌ سومرن جو سردار

مان مالڪ پنهنجي ملڪ جو دانهہ دنيادار
ڪرڻ گهرجي ڪين ڪي اسان سان انڪار
تنهنجي انهيءَ تيز جو وڏو اٿم ويچار
وڏي وجي تڪرار - متان اتاهون مارئي
مارئي چيو مہر ڪي تيز نہ ڪر تڪرار
اڃان عمر دور آ اميري اتوار
حاڪم تي وري حق تڪي سو ماڳهن آ مردار
ڌڙڪن سان نہ ڌپائبا آهيان ٻڪرارن جو ٻار
رکندم رب جبار - اٿم جنهن تي آسرو

رات ٥ شوال

عمر پنجيئن رات جو مارئي وٽ ويو
ظالم سخت ضعيف کي چڙي هيئن چيو
تہ چوندي چار لنگهي ويون وري اڄ پنجئين پنڌ پيو
رات سموري روڳ ڪان روڳي ڪدن رهيو
سرپر ڪندي سومري متان صبح ٿيو
منهنجي هن مذڪور کي توکهروئي ڪهن ڪيو
هاڻي اڄ نهيو وري ڇهين ڇڏيئہ ڪين ڪي

بيت جواب

اتي مارئي عمر کي آنو بس منهنجو ٻڌ بيان
هر ڪو هن جهان ۾ هڪ مانجهاندو مهمان

خاڪ حوالي خاڪ جي ويندو نام نشان
بن ڏن دمن واسطي عمر هو ڪيت نہ ڇڏبو خان
درخت سڀ دراز هي ڪيان ڪرڙن ٿئون قربان
محلين متيندس ڪين ڪي مسڪيناٿون مان
منهنجي ڪاڻ ملير ۾ هت هڪ جيڏيون حيران
ديسين لئي "دادن" چوي اٿم جيءَ اندر چولان
عمر جي انسان آهين تان آماڻ مون

رات ٦ سوال

ڇهين جو ڇا ڪيو عمر چام امير
سڀ سڏيائين پانهنجا وڏا وڙ وزير
ڪي مڪي ماڻهو شهرجا ڪي مسلمان مشير
ڇڙو چيائين تن ڪي تہ ترت ڪيو تدبير
مون هلو مڙئي دانهن ڏانهن دبير
سيني چيو صاحبا اسين آهيون همت گير
آڻيو عمر اڙد سان آيو وٽ اسير
تہ مفت مرين ٿي مارئي نيٺي هاري نمر
ڏکيو ڪم ڏاڍو ڪندي تنهنجي هئي تقصير
مان بہ مڙندس ڪين ڪي هيڏن نہ
جهليندس جهير
ڏنم تنهنجي ڏيهہ لي رڳا ڏونرا ها ڏم ڏير

تڙ ڪري تڙڪن تي ويئيون سڪائن وار
جهونگارن جي جهنگ ۾ ٻڪرين سان ٻڪرار
منهنجو تنهن تنوار ماري من مستان ڪيو

رات ٧ شوال

آيو ستين رات جو عمر امالڪ
سر سو ستئي سامهون ٻڪي ٻهو ٻڪ
نه مارئي وجهه نه ملڻ ۾ اسان سان الڪ
موٽي تنهنجو ملڪ تي پهچڻ نالي ٻڪ
ڇڏ وساري ويڙ جا لويڙ هاري لڪ
مٺي پائي مئيون دڙ دڙ هڻ نه ڏڪ
جام اچن تا جڪ - مون کي تنهنجا مارئي
هت اسان وٽ هر شيء حاضر ڪوڙ انيئي ڪير
خوش ٿي مل مون خان سان ڇڏ اباڻي اڪير
نه نه مارو منجهه ملير - مارائيندو سانء مارئي

بيت- جواب

مارئي ڏمي ميـر ڏي ڪئي هـيء گفتار
نه ڇا مارائيندين تن کي جن جو الله آ آڌار
ساه ڀڪير ٿو سومرا هت ڏنارن ڏار
اني جا اباڻن کي هيله هتا هـر قار
هن مند هت ملير ۾ ڪن ڪڪر ڪارونيار

ڪي اتر ڪي اولهہ ڪي ڏکڻ اوپر پار
ويجها تجلا وچ جا پيو گاج ڪري گجگار
جيئن مينهن مانداڻان ڪري تيئن سرتيون ڪن سينگار

بيت جواب

مارئي چيو مير کي چتو چاڙهي چنگ
تہ عمر تنهنجا اچن ٿا اهي پسند ڪين پلنگ
پيل پنهنوارن سان اٿر ٻال جتيءَ جا ٻنگ
سهڻي سنوڪ ساوڙي سهڻا ن سائين سنگ
نوان مارن مالڙا نــوان پٽن رنگ
سنگهارن جي سنگ ـ منهنجو من مستان ڪيو

رات ۸ سوال

عمر انيءَ رات جـو وڏا ڪيا وس
ٻوليائين ٻڪرار ڪي تہ رک تون مونسان رس
آندو هتي آه مون مارئي ترڪي مس
چوٽي وجائين ويتلي چٽن ڏندن جي چس
سومرن جي سردار سان اهڙا چـــڏ آرس
نہ تہ ڏوتڻ ڏينديءَ ڏس منهنجا ساري ملڪ کي

بيت۔ جواب

مهندا چيو مارئي ترن نتڙيا ڪر نرس
ڪانہ ڏني سون ڪاتهين هڙي ڪٽ هٽ ڪس

سر سا چاڙه نه سام تي دهانن جا دس
اتم اباڻي آب جي طلب گهڻيري تس
ڪيئن وساريان پانهنجا پيڪا سي پارس –
پلپل ياد پون تـا هو گاهين سندا گس
هيڏيون چونڊم جس – جي ست جهليندس سومرا

رات ۹ سوال

عمر پهه پچائيا وري نـوان نائيـن رات
ته اج وچي آچيانس تو سب رنگ جي سوغات
سو هلندو هڪدم آئيو جلد منجهان جذبات
ڏوتڻ ڏانهن ڏسي ڪري بيهي ڪوليائين بات
ته ڪوڙ خزانا مارئي سـون وٽ موجودات
وٽ اسان جي وقت پر موجون منجهه محلات
منهنجي هن مذڪور تي ڪا تون ڪر تحقيقات
وار نه پاڙو وات هائو ڪر چڏ هوڏ ڪي

بيت- جواب

سٽيج سنيالج سومرا تون ڏاتر پئي ڪجهه ڏر
ڪامي ڏينهن قيام جي خامـي مرندو خر
اهڙن الفاظن سان تـون پڌي ماري مـر
هوندو هـن موسـم ۾ تڏو منهنجو تـر
پر چـوان تي ور ڪي ورندو شـال ور

ملوڙن جو ملڪ ۾ ڪنديس هيت نه ڪر
هوشن جو جسمات ۾ غمن ٻڌايو گهر
الفراق اشد من الموت آجو نساه اندر
جيي جيري جهر - ساه لنهين سانڍي چڏيو

بيت

مر ڏڙ ڦابو ڪوٽ ۾ ساهه سنگهارن وٽ
تو سان چڙهي ڪٽ مارو ڪيئن مٽائيان

بيت

مارئي ملڪ مليرَ ڪان پنيو ڪيڏي پار
وهندي واهڙ تي پيا نيڻن منجهان نار
اٿيا پند پيوت ٿيا ويچاريءَ جا وار
مرتيون ۾ سنگهار اڄ پڻ ساريا مارئي

بيت

ٿر آئو بر آئو، آئو ملڪ ملير
سايون ڦٿيون ساوڙيون ڦٿو ڪير ڳنڌيو



سلطان فقير سولنگي

ڇپائيندڙ:-

ڳوٺ سدا سنگت راوڻ اسٽيشن

سلطان فقير سولنگي

توفيق آرٽ پرنٽنگ پريس ڪاليج روڊ دادو

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ. هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ۾ **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)